ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) چنڇر 11 جولاءِ 2026ع 25 محرم الحرام 1448هه صفحا 06 - ملهه 30 وييم شمارو (325)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

حڪومت پاران تيل جي اگهن ۾ ٻيهر وڌي واڌ، پيٽرول 13 رپيا 18 پيسا ۽ هاءِ اسپيڊ ڊيزل 13 رپيا 80 پيسا مهانگو

توانائي واري وزارت پاران جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب حڪومت ايندڙ هفتي لاءِ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ نظرثاني ڪندي تيل جي اگهن ۾ اضافو ڪيو ويو

في ليٽر پيٽرول جي قيمت ۾ 13.18 رپيا واڌ کان پوءِ قيمت 297.53 رپين کان وڌي 310.71 رپيا ۽ هاءِ اسپيڊ ڊيزل 13.80 رپين جي واڌ کانپوءِ 309.50 رپين کان وڌي 323.30 رپيا ٿي ويو

پيٽروليم شين جون نيون قيمتون ايندڙ هفتي لاءِ لاڳو ٿينديون، حڪومت گذريل هفتي 4 جولاءِ تي حڪومت پيٽرول جي في ليٽر قيمت 1.97 رپيا في ليٽر گهٽتائي ڪئي هئي

اسلام آباد (م د) وفاقي حڪومت پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر وڏي واڌ ڪري ڇڏي آهي ۽ پيٽروليم ڊويزن پاران هڪ نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو ويو آهي توانائي واري وزارت (پيٽروليم ڊويزن) پاران جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب، پاڪستان حڪومت ايندڙ هفتي لاءِ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ نظرثاني ڪئي آهي ۽ اهو 11 بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو2

بلوچستان ۾ دهشتگردن خلاف ”آپريشن شعبان“ جاري، وڌيڪ 13 خارجي مارجي ويا، انگ 39 تي ويو

ضلعي منگي ڊيم پوليس اسٽيشن تي دهشتگرد حملي ڪانپوءِ پاڪ فوج، فرنٽيئر ڪور ۽ بلوچستان پوليس طرفان گڏيل ڪارروائي ”آپريشن شعبان“ جاري رکيو ويو

گذريل ڏينهن ۾ ڪيل ڪارروائين ۾ فتنہ الخوارج سان تعلق رکندڙ 26 دهشتگرد ماريا ويا هئا، آپريشن ۾ 24 ڪلاڪن دوران وڌيڪ 13 دهشتگرد ماريا ويا

خضدار جي علائقي زيدي ۾ دهشتگردن طرفان پوليس اسٽيشن تي حملي جي ڪوشش ناڪام بڻائي وئي، فوري ڪارروائيءَ دوران پاڪ فوج ۽ ايف سي جي جوانن 8 دهشتگرد ماري ڇڏيا

هيليڪاپٽر آپريشنز ۾ وڌيڪ 5 کان 6 دهشتگردن کي مارڻ جا اطلاع پڻ مليا آهن، 5 جولاءِ کان جاري آپريشن ۾ مجموعي طور 75 دهشتگرد مارجي چڪا آهن: ذريعا

مختلف علائقن ۾ دهشتگردن خلاف ڪارروايون ڪيون پيون وڃن دهشتگرديءَ جي خاتمي ۽ علائقي ۾ امن ۽ استحڪام تائين ڪارروايون جاري رهنديون: سيڪيورٽي عملدار

ڪوئيٽا (م د) بلوچستان جي ضلعي منگي ڊيم پوليس اسٽيشن تي دهشتگرد حملي ڪانپوءِ پاڪ فوج، فرنٽيئر ڪور ۽ بلوچستان پوليس طرفان گڏيل ڪارروائي ”آپريشن شعبان“ جاري آهي جنهن دوران مختلف علائقن ۾ دهشتگردن خلاف ڪارروايون ڪيون پيون وڃن سيڪيورٽي ذريعن موجب 6 کان 7 جولاءِ تي ڪيل ڪارروائين ۾ فتنہ الخوارج سان تعلق رکندڙ 26 بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو2

نسلا ٽاور جي سورين خاندانن کي بي گهر ڪيو ويو، نقصان جو ازالو ڪير ڪندو: جماعت اسلامي

سپريم ڪورٽ جي حڪم تي 15 ماڙ عمارت کي ڊاٿو ويو، آئيني عدالت اهو فيصلو واپس ورتو آهي

متاثرين کي مالي نقصان، ذهني تڪليف ۽ وڏو صدمو پهتو ڇا رياست انهن جو ازالو ڪندي: منعم ظفر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) امير جماعت اسلامي ڪراچي منعم ظفر خان نسلا ٽاور ڪيس بابت آئيني عدالت جي تازي فيصلي تي ردعمل ڏيندي چيو آهي ته سپريم ڪورٽ جي حڪم تي 15 ماڙ نسلا ٽاور ڊاهي سورين بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو2

وفاقي آئيني عدالت نيسلا ٽاور ڊاهڻ وارا سپريم ڪورٽ جي حڪمن کي واپس وٺي ڇڏيو

ڪراچيءَ ۾ غير قانوني تعمير بابت ڪيس جو 10 صفحن تي ٻڌل لکت وارو فيصلو جاري ڪيو ويو

سپريم ڪورٽ ٻڌڻيءَ هيٺ ڪيس ڪان هٽي حڪم جاري ڪيا، اهي عدالتي اختيارن کي اورانگهڻ برابر هئا: فيصلو

غير قانوني اڏاوت خلاف ڪارروائيءَ لاءِ قانون ۽ طريقيڪار موجود آهي، جنهن بابت ادارن کي عمل ڪرڻ گهرجي: عدالت

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني عدالت ڪراچيءَ ۾ غير قانوني تعمير بابت بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو2

سعودي عرب جي ولي عهد سان ڪينيڊا جي وزيراعظم جي ملاقات، گڏيل لاڳاپن ۽ مختلف شعبن ۾ سهڪار تي اتفاق

رياض (اي پي پي) سعودي عرب جي ولي عهد ۽ وزيراعظم شهزاده محمد بن سلمان سان جده جي السلام پيليس ۾ ڪينيڊا جي وزيراعظم مارڪ ڪارني ملاقات ڪئي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جا اميدوار مس ريبيڪا گرنسپان ۽ ميڪي سال وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪري رهيا آهن

پاڪستان خلاف پراڪسي عنصرن کي استعمال ڪندڙ دهشتگردن کي شڪست ڏينداسين: آصف زرداري

آپريشن شعبان ثابت ڪيو آهي ته اسان جي سيڪيورٽي فورسز هر خطري کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت رکي ٿي

ڀارت ۽ ڪجهه ٻين ملڪن جا دشمن ۽ ادارا پاڪستان جي تازي سفارتي ڪاميابين کي داغدار ڪرڻ چاهين ٿا

دهشتگردي کي به عوام جي مدد سان شڪست ڏينداسين ۽ ملڪ جي دفاع تي ڪو ٺاهه نه ٿيندو

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري بلوچستان ۾ فتنہ الخوارج جي خلاف آپريشن شعبان جي ڪاميابي تي پاڪ فوج، ايف سي ۽ بلوچستان پوليس کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي ايوان صدر بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ نجي شعبي جي مالي سهڪار جي حوالي سان اعليٰ سطحي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

بلوچستان جي امن کي تباهہ ڪرڻ جي هر سازش ناڪام بڻائي ويندي: شهباز شريف

فتنہ الخوارج جي مڪمل خاتمي تائين سيڪيورٽي فورسز ۽ قوم جي پختي عزم ۾ گهٽتائي نہ ايندي

”آپريشن شعبان“ جي ڪاميابي تي سيڪيورٽي فورسز کي زبردست خراج تحسين پيش ڪريون ٿا

خضدار ۾ ٿاڻي تي دهشتگردن جو حملو ناڪام بڻائڻ تي پاڪ فوج ۽ ايف سي جي ڪارروائي ساراهہ جوڳي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف منگي ڊيم پوليس اسٽيشن واقعي ڪانپوءِ پاڪ فوج، ايف سي ۽ بلوچستان پوليس جي ”آپريشن شعبان“ جي ڪاميابي تي سيڪيورٽي فورسز کي زبردست خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته فتنہ الخوارج جي خلاف گرينڊ آپريشن ۾ هيستائين 75 دهشتگردن کي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو2

سعودي عرب هميشہ ڏکيءَ گهڙيءَ ۾ پاڪستان جو ڀرپور ساٿ ڏنو آهي: يوسف رضا گيلاني

اسلام آباد ۾ سينيٽ چيئرمين سان مسلم ورلڊ ليگ جي هڪ اعليٰ سطحي وفد ملاقات ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو2

آباديءَ ۾ واڌ جي چئلينج کي منهن ڏيڻ لاءِ جامع حڪمت عملي اڻٽر آهي: اياز صادق

پاڪستان دنيا جي انهن ملڪن ۾ شامل آهي جتي آباديءَ ۾ تيزيءَ سان واڌ ٿي رهي آهي

آگاهي ۽ سمورن طبقن جون گڏيل ڪوششون ملڪي ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ ضروري آهن

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر سردار اياز صادق چيو آهي ته آباديءَ ۾ تيزيءَ سان ٿيندڙ واڌ سبب پيدا بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو2

آباديءَ ۾ واڌ جي چئلينج کي منهن ڏيڻ لاءِ جامع حڪمت عملي اڻٽر آهي: اياز صادق

پاڪستان دنيا جي انهن ملڪن ۾ شامل آهي جتي آباديءَ ۾ تيزيءَ سان واڌ ٿي رهي آهي

آگاهي ۽ سمورن طبقن جون گڏيل ڪوششون ملڪي ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ ضروري آهن

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر سردار اياز صادق چيو آهي ته آباديءَ ۾ تيزيءَ سان ٿيندڙ واڌ سبب پيدا بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو2

گهرو وزير پاران بلوچستان ۾ خوارجين خلاف ڪامياب ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو2

وزيراعظم سان گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جي اميدوار ريبيڪا گرنسپين جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو2

بلوچستان جي وڏي وزير ۽ مظاهرين ۾ ڳالهيون ڪامياب، ڌرڻو ختم، سمورا 11 ماڻهو بازياب

وڏي وزير مير سرفراز بگٽي پنجن ڏينهن کان جاري ڌرڻي ۾ پهچي شهيدن جي وارثن سان ملاقات ڪندي ڳالهيون ڪيون

حڪومت طرفان ڪنهن به سطح تي ڪا به غفلت يا غلطي ٿي آهي ته ان کي تسليم ڪندي ان جو ازالو ڪيو ويندو: خاطري

ڳالهين بعد مظاهرين ڌرڻو ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو، حملي دوران اغوا ڪيل سڀني 11 ماڻهن کي بازياب ڪرايو ويو آهي: گهرو وزير

ڪوئيٽا (اي پي پي) بلوچستان جي وڏي وزير مير سرفراز بگٽي بي اي ايم ويجهو جاري ڌرڻي ۾ شرڪت ڪندڙن ۽ شهيدن جي وارثن سان ملاقات ڪندي ڳالهيون ڪيون وڏي وزير جي معاون شاهد رند موجب، ڌرڻو ڪميٽي سان ڳالهيون بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو2

حڪومت نوجوانن ۾ تحقيق ۽ خلائي علم کي همٿائڻ لاءِ پُرعزم آهي: احسن اقبال

اسان جو هيوسٽن، ٽيڪساس ۾ ڪيل دورو انتهائي لاڀائتو ۽ همٿائيندڙ رهيو آهي

ناسا جي سينيئر انتظاميا سان خلائي ٽيڪنالاجي، سائنسي جدت ۽ تعاون وڌائڻ تي ڳالهيون ٿيون

اسلام آباد (اي پي پي) رٿابندي، ترقي ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو آهي ته پاڪستان بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو2

اي پي اين ايس پاران رئيسہ عادل جي بطور پي آءِ او مقرري جو خيرمقدم

اميد آهي تہ سندس دور ۾ پرنٽ ميڊيا جا مسئلا حل ٿيندا ۽ پي آءِ ڊي سان لاڳاپا بهتر رهندا

حڪومتي اشتهارن جي شرح ۾ واڌاري تي عمل ٿيندو ۽ رقمن جي ادائگي ٿيندي: سينيئر سرمد علي

ڪراچي(بيورو رپورٽ) آل پاڪستان نيوز پيپر سوسائٽي رئيسہ عادل جي بطور پرنسيپل انفارميشن آفيسر پي آءِ ڊي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو2

سنڌ حڪومت فلم ۽ تخليقي صنعت کي همٿي ڏيڻ لاءِ سنجيده ۽ عملي قدم کڻي پئي: شرجيل ميمڻ

معياري فلمون ثقافت، تاريخ، سياحت، سماجي قدرن کي دنيا جي آڏو اثرائتي انداز ۾ پيش ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهن

اطلاعات کاتي جي فلم اوور سائيٽ بورڊ جي اجلاس ۾ فلمي صنعت بابت مختلف معاملن جو جائزو ورتو ويو

سنڌ حڪومت جي فلمي منصوبن کي وسيع پيماني تي متعارف ڪرايو وڃي: صوبائي وزير جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ اطلاعات کاتي جي فلم اوور سائيٽ بورڊ جو اجلاس ٿيو اجلاس ۾ اطلاعات کاتي تحت جاري فلمي منصوبن تي اڳڀرائي، انهن جي مڪمل ٿيڻ، مستقبل جي حڪمت عملي، فلمي صنعت بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو2

ڪراچي: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت ۾ اطلاعات کاتي جي فلم اوور سائيٽ بورڊ جي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

مردان ۾ گم ٿيل 4 سالن جي ٻارڙي جو لاش واهہ مان هٿ آيو

پشاور (اي پي پي)مردان جي علائقي هٿيان بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو2

مصنوعي ذهانت جي ڪمپني نئون چيٽ جي پي ٽي ورڪ ٽول اوپن اي آئي صارفين لاءِ جاري ڪري ڇڏيو

سان فرانسسڪو (اي پي پي) مصنوعي بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو2

عورتن، ٻارن ۽ نوجوانن کي ترقياتي حڪمت عملي ۾ شامل ڪري جامع مستقبل جوڙي سگهون ٿا: صدر زرداري

اسان هڪ اهڙو معاشرو جوڙيون جتي هر شهري کي باوقار زندگي، صحت جون سهولتون ۽ هڪجهڙا موقعا ملن

نوجوانن کي معياري تعليم، صحت ۽ روزگار جا موقعا ملن تہ اهي هڪ موثر آبادياتي اثاثو ثابت ٿي سگهن ٿا

شهيد بينظير ڀٽو هميشہ عورتن کي حقن، وقار ۽ اختيار ڏيارڻ جي لاءِ نمايان جدوجهد ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري چيو آهي تہ عورتن ٻارن ۽ نوجوانن کي ترقياتي حڪمت عملي جو محور بڻائي اسان هڪ اهڙو مستقبل جوڙي سگهون ٿا جيڪو برابر ۽ جامع هجي ايوان صدر جي پريس ونگ موجب صدر اهڙن خيالن جو اظهار آباديءَ جي عالمي ڏينهن جي موقعي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو2

ڪراچي: ماحولياتي تبديلي وارو وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ ماحولياتي تبديلي بابت ڪم ڪندڙ سماجي ڪارڪنن سان ڳالهائي رهيو آهي

اسلام آباد: بورڊ آف انويسٽمينٽ جو وفاقي وزير قيصر احمد شيخ گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي، وزيراعظم جو صلاحڪار هارون اختر پڻ موجود آهي

عالمي بئنڪ طرفان بجلي نظام جي بهتريءَ لاءِ پاڪستان کي 375.9 ملين ڊالرن جي مالي مدد منظور

بورڊ آف ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽرز گرڊ اسٽيبليٽي اينهانسمنٽ پراجيڪٽ لاءِ مالي مدد جي باضابطا منظوري ڏني

منصوبي جو مقصد ملڪ ۾ بجلي جي نظام جي رسد کي جديد رُخن تي آڻڻ ۽ بندش گهٽائڻ آهي

جديد ٽرانسميشن ٽيڪنالاجيءَ ۾ سيڙپڪاريءَ سان بجلي جي لاڳت ۾ گهٽتائي ايندي: ڪنٽري ڊائريڪٽر

اسلام آباد (اي پي پي) عالمي بئنڪ بجلي جي رسد واري نظام جي بهتريءَ لاءِ پاڪستان کي 375.9 ملين ڊالرن جي مالي مدد جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي عالمي بئنڪ طرفان جاري بيان موجب عالمي بئنڪ جي بورڊ آف ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽرز جمعي تي گرڊ اسٽيبليٽي اينهانسمنٽ پراجيڪٽ لاءِ 375.9 ملين ڊالرن جي مالي مدد جي باضابطہ منظوري ڏني هئي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: هڪ ورڪشاپ تي ڪاريگر روم ڪولر ٺاهي رهيا آهن

يوڪرين بحران سان لاڳاپيل ڌرين جنگ بندي ۽ جهيڙي جي خاتمي لاءِ سازگار حالتون پيدا ڪن: چين

سمورين ڌرين تحمل ۽ بردباري جو مظاهرو ڪن، ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي لاءِ ڀرپور قدم کنيا وڃن

چين بحران جي سياسي حل لاءِ پرعزم آهي ۽ امن ڳالهين کي همٿي ڏيڻ جون ڪوششون جاري آهن

گڏيل قومون (اي پي پي) چين يوڪرين بحران سان لاڳاپيل ڌرين تي زور ڀريو آهي تہ اهي تحمل ۽ بردباري جو مظاهرو ڪن بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو2

پاڪستان ۽ بنگلاديش پاران سائبر ڪرائيم جي خاتمي، پوليس ٽريننگ ۾ تعاون وڌائڻ تي اتفاق

گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي سان بنگلاديشي هم منصب صلاح احمد ملاقات ڪئي

پوليس آفيسرن جي جديد رُخن تي ٽريننگ ۽ ايڪسچينج پروگرامز شروع ڪرڻ بابت اهم ڳالهہ ٻولهہ ٿي

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي سان بنگلاديشي هم منصب صلاح احمد ملاقات ڪئي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو2

طالبان رجيم ۾ پلجندڙ دهشتگردي ۽ انتهاپسندي هڪ ڀيرو ٻيهر عالمي سطح تي بي نقاب

القاعده جهڙن گروپن افغانستان کي دهشتگردن جي ڀرتي ۽ تربيت ۽ پرڏيهہ موڪلڻ جو مرڪز بڻايو آهي: آمريڪي ادارو

دهشتگردي ۽ انتهاپسندي ڪان پاڙيسري ملڪن ۽ خطي کي سيڪيورٽي چئلينجز سامهون آهن

افغان عورتون پڻ وڏي حد تائين عوامي زندگيءَ کان خارج ۽ تعليم جي حق کان محروم ٿي چڪيون آهن: رپورٽ

اسلام آباد (اي پي پي) طالبان رجيم ۾ پلجندڙ دهشتگردي ۽ انتهاپسندي هڪ ڀيرو ٻيهر عالمي سطح تي بي نقاب ٿي رهي آهي قابض طالبان رجيم پنهنجي اقتدار کي ديگهه ڏيڻ لاءِ افغانستان کي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو2

ملتان: هڪ نوجوان رنگين پکي وڪري لاءِ کڻي بيٺل آهي

ڪارگو جهاز حادثي ملبي جي تلاش ۽ امدادي آپريشن جاري، وڌيڪ پُرزا هٿ آيا

پاڪستان نيوي ۽ ميري ٽائم سيڪيورٽي ايجنسي جو گڏيل سرچ اينڊ ريسڪيو آپريشن جاري

عربي سمنڊ ۾ ڪي ٽو ايئرويز جي حادثي جو شڪار ٿيل جهاز جا وڌيڪ پرزا هٿ آيا

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ايئرپورٽ اٿارٽي (پي اي اي) چيو آهي تہ عربي سمنڊ جي گهري سمنڊ ۾ ڪي ٽو ايئرويز جي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو2

ايراني شهيد سپريم ليڊر جي آخري رسمن ۾ چار ڪروڙ ماڻهن شرڪت ڪئي: رپورٽ

شهيد آيت الله سيد علي خامنہ اي جي جنازي جو جلوس دنيا جو سڀ کان وڏو جلوس هو

سندس شهادت جي چئن مهينن کان ڪانپوءِ مقدس مشهد ۾ امام علي رضا جي روضي جي ڀر ۾ دفن ڪيو ويو

تهران (اي پي پي) آمريڪا- اسرائيلي حملي ۾ شهيد ٿيل ايران جي سپريم ليڊر آيت الله سيد علي خامنہ اي جي ڇهن ڏينهن جي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو2

وزيراعظم پاران گڏيل قومن لاءِ پاڪستان جي گهڻ رُخي تعاون جي اڻٽڪ عزم جو ورجاءُ

گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جي اميدوار ميڪي سال وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪئي

ملاقات ۾ عالمي امن جي فروغ لاءِ پاڪستان جي قيادت جي لاهائتي ڪردار جي واکاڻ

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستان جي گڏيل قومن جي عالمي معاملن ۾ مرڪزي ڪردار جي بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو2

نواز ليگ جي قيادت هر مشڪل دور ۾ عوامي مفاد کي ترجيح ڏني آهي: دانيال چوڌري

آزاد ڪشمير جي عوام ترقي، استحڪام، عوامي خدمت ۽ تعميري سياست تي يقين رکي ٿي

ايندڙ چونڊن ۾ عوام مسلم ليگ (ن) جي قيادت تي هڪ ڀيرو ٻيهر ڀرپور اعتماد جو اظهار ڪندي

راولپنڊي (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي پارلياماني سيڪريٽري بيرسٽر دانيال چوڌري چيو آهي ته آزاد ڪشمير جي بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو2

گڏيل قومن پاران ڪانگو ۾ ايبولا جي پکيڙ تي ڪنٽرول لاءِ عالمي ڪوششون تيز ڪرڻ جو مطالبو

نيويارڪ (اي پي پي) گڏيل قومن جي امدادي معاملن جي سربراهہ ٽام فليچر چيو آهي تہ عالمي برادري کي جمهوريه ڪانگو بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: پاڪستان فٽبال فيڊريشن جو چيئرمين محسن گيلاني وفاقي وزير رياض حسين پيرزاده سان ملاقات ڪري رهيو آهي

پرڏيهہ مان پاڪستانين پاران موڪليل ناڻي ۾ ساليانی بنياد تي 15 سيڪڙو واڌ ٿي: اسٽيٽ بئنڪ

اسلام آباد (اي پي پي) يورپي يونين جي ملڪن ۾ ڪم ڪندڙ پاڪستاني پورهيتن پاران موڪليل ناڻي ۾ گذريل مالي سال دوران ساليانی بنياد تي 15 سيڪڙو واڌ ٿي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو2

جنيوا ۾ جاري عالمي سربراهي ڪانفرنس ۾ چائنا ميڊيا گروپ جو اسپيشل پروگرام پيش

مصنوعي ذهانت جي شعبي ۾ چين دنيا جي پهرين نمبر تي آهي: ڀاليسي ڊپارٽمينٽ جو سربراهہ

روبوٽس جي شعبي ۾ ايمبوڊيڊ انٽيليجنس، ذهين خودڪار نظام، چيٽ بوٽس وڏو مثال آهن

جنيوا (اي پي پي) عالمي ٽيلي ڪميونيڪيشن يونين ۽ گڏيل قومن جي ڪيترن ئي ادارن جي شراڪتداري سان 8 بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو2

سکر: اڳوڻو وفاقي وزير غوث بخش مهر ضلعي ڪائونسل سکر جي چيئرمين ڪميل حيدر شاهہ سان ملاقات ڪري رهيو آهي

خيرپور ڪچي واري علائقي ۾ پنج ڄڻن جي قتل واقعي بعد پوليس جو سرچ آپريشن، ٺڪاڻا پٽ

سرچ آپريشن دوران جوابدارن 15 ٺڪاڻا کي ساڙي خاڪ ڪيو ويو، چوڪيون پڻ قائم

جوابدارن قانون کي هٿ ۾ وٺي سنگين ڏوهہ ڪيو، زنده يا مرده گرفتاري تائين آپريشن جاري رهندو: ترجمان

خيرپور سول اسپتال جي سرد خاني ۾ پيل قتل ٿيل ناريجا برادريءَ جا 5 لاش وارثن حوالي

خيرپور(ذ ر) خيرپور جي ڪچي واري علائقي فيض محمد ٻنڊو ۾ رشتيداري جي تڪرار تان ٻن عورتن، هڪ معصوم ٻار ۽ پيءُ پٽ سميت پنج ڄڻن جي قتل واري واقعي کان پوءِ علائقي ۾ پوليس جو سرچ آپريشن جاري آهي ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي پاڻ آپريشن جي نگراني ڪري رهيو آهي تفصيل موجب، سرچ آپريشن ۾ بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو2

چين پاران سمنڊ ۾ راڪيٽ بوسٽر جي ڪامياب ريڪوريءَ جو تجربو ڪامياب

بيجنگ (اي پي پي) چين جمعي ڏينهن بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو2

ڪراچي: ملائيشيا جو قونصل جنرل هرمن هرديانتا احمد گورنر نهال هاشمي سان ملاقات ڪري رهيو آهي

وفاقي گهرو وزير پاران ڪرڪ ۾ ڪامياب آپريشن تي ڪي پي ڪي پوليس کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو2

گلگت بلتستان جي تعمير ۽ ترقي وفاقي حڪومت جي پهرين ترجيح آهي: وزيراعظم

علائقي ۾ انفراسٽرڪچر، تعليم، صحت، سياحت ۽ روزگار جا موقعا وڌائڻ تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي

قدرتي وسيلن، سياحتي ماڳن ۽ معدني ذخيرا استعمال ڪندي مقامي معيشت کي مضبوط ڪيو ويندو

اسان جو مقصد عوام جي خدمت ۽ انهن جي زندگين ۾ آسانيون پيدا ڪرڻ آهي: چونڊيل نمائندن سان ڳالهيون

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته گلگت بلتستان جي تعمير ۽ ترقي وفاقي حڪومت جي پهرين ترجيح آهي، علائقي ۾ انفراسٽرڪچر، مواصلات، توانائي، تعليم، صحت، سياحت ۽ روزگار جي موقعن کي وڌائڻ تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي، اسان جي قدرتي وسيلن، سياحتي ماڳن ۽ معدني ذخيرن کي استعمال ڪندي مقامي معيشت بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو2

ٽنڊو محمد خان ۾ روينيو ملازمن جو اي سي خلاف علامتي بک هڙتال

اي سي جائز ڪمن تي صحيحون ڪرڻ کان انڪار ۽ اسٽاف کي تنگ پيو ڪري: مظاهرين

مطالبا نہ مڃڻ جي صورت ۾ ضلعي جي سمورن روينيو آفيسن جي تالا بندي ڪئي ويندي

ڊوميسائل ۾ بہ پئسا هڻڻ سبب جاچ جاري آهي، غير قانوني دٻاءُ ۾ ڪم نہ ڪندس: اي سي

ٽنڊو محمد خان (ذ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ آل روينيو سنڌ ايمپلائيز يونين پاران اسسٽنٽ ڪمشنر عبدالمنان پيٽو خلاف آفيس جي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو2

ڪنڊيارو ۾ پرتشدد ۽ انتهاپسندي جي روڪٿام بابت آگاهي سيمينار

تقريب ۾ نعيم احمد ميمڻ، سليم رضا، سجاد احمد، ساٿو علي مگريو ۽ ٻين جي شرڪت

ڪنڊيارو (ن ع) ڪنڊيارو سوشل ويلفيئر بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو2

هالا ۾ سي آءِ اي پوليس جي مبينا زيادتين خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاجي مظاهرو

اهلڪار علي گل زرداري ۽ ٻيا منشيات وڪرو ڪرڻ لاءِ زور ڀرين ٿا: مظاهرين

انڪار ڪرڻ جي صورت ۾ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جون ڌمڪيون پيا ڏين انصاف ڪيو وڃي

هالا (ت ر) هالا جي ڳوٺ ياسين آپڻ جا بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو2

ڪمالديرو لڳ ڪار جو ٻن موٽرسائيڪلن سان ٽڪر، هڪ فوت، 3 زخمي

ڪنڊيارو لنڪ روڊ تي فاطمہ موري وٽ تيز رفتار ڪار ٻن موٽرسائيڪلن سان ٽڪرائجي وئي

حادثي سبب چار ڄڻا زخمي ٿي پيا، زخمين کي ڪنڊيارو اسپتال منتقل ڪيو ويو

علاج دوران ثمير ڪلهوڙو زخمن جا سور نہ سهندي فوت، حمايتون خاتون نازڪ حالت ۾ گمبٽ منتقل

ڪمال ديرو (ن ع) ڪمالديرو ڪنڊيارولنڪ روڊ تي فاطمہ موري وٽ تيز رفتار ڪار ٻن موٽرسائيڪلن سان ٽڪرائجي وئي جنهن سبب چار ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين کي ڪنڊيارو اسپتال آندو ويو جتي هنن جي سڃاڻپ موٽرسائيڪل سوار ڳوٺ بکري واسي ثمير ڪلهوڙو ست ورهين جي حمايت خاتون ڳوٺ سونهارو سيال واسي ضامن گاڏهي ۽ عطر گاڏهي طور تي ٿي زخمين مان ثمير پٽ محمد رمضان ڪلهوڙو زخمن جا سور نہ سهندي سول اسپتال ۾ ئي فوت ٿي ويو جڏهن تہ ڇهن ورهين جي حمايت خاتون کي طبي امداد بعد ڳڻتي جوڳي حالت ۾ گمبٽ اسپتال بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو2

راڻيپور لڳ گهرو تڪرار تان مڙس پنهنجي زال کي قتل ڪري ڇڏيو، جوابدار گرفتار

سوڀوديرو راڻيپور لنڪ روڊ تي جوابدار خدا بخش شر پنهنجي زال رضيہ شر کي گوليون هڻي ماريو

جوابدار خدابخش زال تي تشدد ڪندو هيو جنهن ڪري مڙس جي گهران واپس وٺي راڻيپور پهتاسين تہ فائر قتل ڪري ڇڏيو: والد

راڻيپور (ن ع) راڻيپور ڀرسان محلا سوڀوديرو راڻيپور لنڪ روڊ تي گهرو تڪرار سبب مڙس هٿان زال قتل جنهن جي سڃاڻپ 35 ساله رضيہ شر زال خدابخش شر طور ڪئي وئي آهي قتل ٿيل جو لاش راڻيپور اسپتال منتقل ڪيو ويو ايس ايچ او راڻيپور امير چانگ ٻڌايو تہ جوابدار مڙس خدابخش شر کي گرفتار ڪري ورتو آهي مقتول رضيہ بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو2

وڏي وزير جي حڪم تي سوڀوديرو ۽ سڳيون ۾ ذخيره اندوزن خلاف ڪريڪ ڊائون

21 هزار 800 ٻورين ڪڻڪ سرڪاري تحويل ۾ ورتيون، 9 گودام ۽ هڪ فلور مل سيل

سرڪاري خريداري متاثر ٿيڻ سبب نہ رڳو ڪڻڪ پر اٽي جي قيمت ۾ بہ واڌ ٿي: ذريعا

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) وڏي وزير بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو2

حيدرآباد: واسا جي نااهلي سبب قاضي عبدالقيوم روڊ تي گٽرن جو پاڻي بيٺل آهي

ٺٽي ۾ ٽڪ ٽاڪ واري تڪرار تان جهيڙو، فائرنگ، نوجوان قتل، جوابدار گرفتار

آمري اسٽاپ تي خاصخيلي برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٽِڪ ٽاڪ واري معاملي تان جهيڙو ٿي پيو

فائرنگ سبب مٿي ۾ گولي لڳڻ سبب چليا واسي نوجوان پوڙهو خاصخيلي مارجي ويو

2 ڪلاڪن بعد نڌري گهرائي جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو، لاش ضروري ڪاروائي لاءِ اسپتال منتقل

ٺٽو (ذ ر) ٺٽي شهر جي آمري اسٽاپ تي خاصخيلي برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٽِڪ ٽاڪ واري معاملي تان هلندڙ تڪرار سبب موبائيل ڪميونيڪيشن جي دڪان تي جهيڙو هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ چليا بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو2

حيدرآباد: ڪنڀار پاڙي ۾ ڪاريگر مٽيءَ جا ٿانو ٺاهي آوي ۾ رکي رهيا آهن

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظيرآباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 35سال 2026

مسمات شاهده ڌيءُ يارمحمد مغيري رهندڙ جمالي ڪالوني سڪرنڊ روڊ نوابشاهه. پلينٽف.بخلاف. امان الله ولد فتح خان مغيري رهندڙ سڪرنڊ روڊ جمالي ڪالوني نوابشاهه 03002427052.....ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 13-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظيرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج II قاضي احمد
(روبرو جناب امانت علي ڪوسو)
فيملي سوٽ نمبر 61 سال 2026

مسمات اسرين ڌيءُ خالد لاکو .. پلينٽف.بخلاف. وسيم ولد پريل لاکو رهندڙ ڪريم آباد تعلقو قاضي احمد ضلعو شهيد بينظير آباد....ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ايونٽنس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 11-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج II قاضي احمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 93 سال 2026

مسمات شمشاد لاشاري ...پلينٽف .بخلاف. غلام حيدر لاشاري ولد الله ڏنو ذات لاشاري رهندڙ نزد پٽو جمالي هائوس بستي نمبر 1 ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو.ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف رڪوري آف مينٽيننس فار مائٽر لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 14-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II ميرپورخاص
(روبرو جناب عبدالقادر ڪوسو)
فيملي سوٽ نمبر 39سال 2026

مسمات نديمان زال ظهور ڌيءُ غلام شبير ذات شر رهندڙ پانڌهي موڙ ڦليڊيون تعلقو سنڌڙي ضلعو ميرپورخاص . پلينٽف.بخلاف. ظهور ولد رمضان ذات شر رهندڙ ڳوٺ گهنور خان شر لڳ ڦليڊيون تعلقو سنڌڙي ضلعو ميرپورخاص .....ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 21-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

سول جج اينڊ جي ايم I/MTMC ميرپورخاص
فيملي سوٽ نمبر 48سال 2026

مسمات مريم زال فيض الله ڌيءُ محمد يوسف ذات ميمڻ رهندڙ گهر نمبر 403 لال پاره ميرپورخاص مائٽر امي هاني ڌيءُ فيض الله .. پلينٽف.بخلاف. فيض الله ولد علي محمد ذات ميمڻ رهندڙ فرينڊس آرڪيڊ چانڊني چوڪ سيڪنڊ فلور پراڻي سبزي منڊي ڪراچي سيل نمبر 033413540488 .....ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، رڪوري آف ڊاور اينڊ ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 18-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي ايم I/MTMC ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IV حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 153سال 2026

مسمات صدف زال عبدالستار .. پلينٽف.بخلاف. عبدالستار ڪاڪيپوٽو ولد عبداللطيف ڪاڪيپوٽو رهندڙ ڪاڪيپوٽو محله سلطان ڪوٽ ضلعو شڪارپور سيل نمبر 03337118334 .....ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 14-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج IV حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي ايم ٽنڊوالهيار
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

عمران علي ولد ڏني بخش ذات خاصخيلي رهندڙ ڳوٺ احمد خاصخيلي تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊو الهيار ...ايپليڪينٽ .بخلاف. (1) محمد عثمان ولد غلام حسين (2) خميسو ولد حاجي خاصخيلي (3) جنرل پبلڪ ايٽ لارج.ايونٽنس (i) Baby Miara تاريخ پيدائش 10-10-2008 (ii) ڪامران تاريخ پيدائش 11-01-2010 (iii) محمد حفيظ تاريخ پيدائش 2012-12-03...مائنر

.نالي مٿئين ايونٽنس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7ءِ10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 13-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي ايم ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا
سول رويزن سوٽ نمبر 04سال 2026

مسمات فوزيه ڌيءُ سيد غوث علي شاهه رهندڙ محله سيد سعيد آباد ضلعو مٽياري معرفت اٽارني سيد امير حيدر شاهه ولد غوث علي شاهه .. ايپليڪينٽ.بخلاف(1) سيڪريٽري بورڊ آف روينيو شهباز بلڊنگ حيدرآباد (2) ڊي سي مٽياري (3) اي سي سعيد آباد (4) مختيارڪار تعلقو سعيد آباد (5) مينيجر زرعي ترقياتي بينڪ هالا (6) سردار بيبي بيواهه سيد متو شاهه رهندڙ سيد محله سعيد آباد ضلعو مٽياري. ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ايونٽنس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف سول رويزن درخواست زير قلم 115 سي پي سي تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 20-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار شڪيل شورو ولد طاهر محمد رهندڙ ڳوٺ ملهار شورو هوسڙي تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس ساند ولد محمد شورو تاريخ 20-05-1960 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 17،18،19،20 ايراضي حصي موجب ديهه ڪاجهر ٽپو سيري تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جا فوتي ڪاتي تبديل ڪري ڏنا وڃن فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسہ عام بيان ۾ ڏني اهي جائز وارث (1) محمد (پٽ) (2) طاهر محمد (پٽ) (3) محمد مورخہ 22-09-1998 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث (1) طاهر محمد (پاڻ) (2) طاهر محمد مورخہ 28-02-2011 تي فوت ٿي ويو آهي (2) ساند شورو (پٽ) (2) شڪيل شورو (پٽ) (3) محمد (پٽ) (4) مسمات عاصمہ (ڌي) (5) مسمات سيما (ڌي) (6) مسمات صائمہ (ڌي) جن جي نالن تي فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبہ جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪرافاٽڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبہ اعتراض يا دعوي قابل قبول نہ هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار مسمات حنيفان زال عبدالله شيخ ولد ميان جلال رهندڙ ڳوٺ شيخ ريحان تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس مسمات چيتل ڌيءُ ابراهيم زال اسماعيل تاريخ 05-04-1969 تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 405/A، 405/B،12،3 ايراضي حصي موجب ديهه رڪنپور ٽپو اي ٽنڊو حيدر تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جا فوتي ڪاتي تبديل ڪري ڏنا وڃن فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسہ عام بيان ۾ ڏني اهي جائز وارث (1) ميان جلال پٽ اسماعيل شيخ (پٽ) (2) ميان موسيٰ پٽ اسماعيل شيخ (پٽ) جن جي نالن تي فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبہ جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪرافاٽڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبہ اعتراض يا دعوي قابل قبول نہ هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

لاتعلقي جو اظهار

جيئن ته اسان جو ڀاءُ امتياز علي ولد گلاب آگرو غلط ماڻهن جي صحبت ۾ اچي ويو آهي ڪيس سمجهائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪرڻ باوجود هو اسان جو چوڻ نٿو ڪري ۽ هو هاڻ اسان جي چوڻ آکڻ ۾ ناهي رهيو اسان هن جي ڪيل مسئلن مامرن جا هرج خرچ ڀري ڀري ٿڪجي پيا آهيون هاڻ اسان ۾ هن جي ناجائز خرچن ڏوهن ڏنڊن ڀرڻ جي سگهه ناهي رهي ان لاءِ اسين سڀ ڀائر هر هڪ نالي علي گل آگرو، جاويد علي آگرو، انصاف علي آگرو، الطاف علي آگرو، علي نواز آگرو علي رضا آگرو ۽ پنهنجي والد محترم گلاب آگرو سميت امتياز علي آگرو کان لاتعلقي جو اظهار ڪيون ٿا اڄ کانپوءِ اسان جو هن سان ڪوبہ تعلق ناهي جيڪو بہ ماڻهو هن سان رهنوار ويچار ڏٿو فساد ڪندو ته ان جا اسين ذميوار نہ رهندا سين هي اسان جو بيان ريڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي

علي گل آگرو ولد گلاب آگرو ويٺل ڳوٺ فيض محمد آگرو يوسي ٺئون ڳوٺ تعلقہ ميهڙ ضلع دادو

بقايا 1 روزاني عبرت

دهشتگرد ماريا ويا هئا، جڏهن ته گذريل 24 ڪلاڪن دوران وڌيڪ 13 دهشتگرد ماريا ويا، جنهن کان پوءِ آپريشن شعبان دوران مارجي ويل دهشتگردن جو مجموعي انگ 39 ٿي ويو ذريعن موجب ڏکين جابلو علائقن ۾ دهشتگردن جي گهيرو وڌيڪ تنگ ڪيو ويو آهي ۽ زميني ۽ فضائي ڪارروايون ذريعي مختلف هنڌن تي آپريشن جاري آهي سيڪيورٽي ذريعن جو چوڻ آهي ته جمعي ڏينهن صبح خضدار جي علائقي زيدي ۾ دهشتگردن طرفان پوليس اسٽيشن تي حملي جي ڪوشش ناڪام بڻائي وئي فوري ڪارروائيءَ دوران پاڪ فوج ۽ ايف سي جي جٿن 8 دهشتگرد ماري ڇڏيا، جڏهن ته هيليڪاپٽر آپريشنز ۾ وڌيڪ 5 کان 6 دهشتگردن کي مارڻ جا اطلاع پڻ مليا آهن سيڪيورٽي ذريعن موجب 5 جولاءِ کان جاري آپريشن شعبان ۽ بين انٽيليجنس بنيادن تي ڪيل آپريشنز ۾ هن وقت تائين مجموعي طور 75 دهشتگرد مارجي چڪا آهن سيڪيورٽي ذريعن ان عزم جو اظهار ڪيو ته مختلف علائقن ۾ دهشتگردن خلاف ڪارروايون ڪيون پيون وڃن دهشتگرديءَ جي خاتمي ۽ علائقي ۾ امن ۽ استحڪام تائين ڪارروايون جاري رهنديون

بقايا 2 روزاني عبرت

مارڻ فورسز جي اعليٰ پيشيوارانہ صلاحيتن جو واضح ثبوت آهي جمعي ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم سيڪيورٽي فورسز جي جرئت ۽ بهادري کي ساراهيندي چيو ته ڏکئي رستن واري جابلو علائقن ۾ آپريشن جي لاءِ فورسز جي حڪمت عملي سراهه جوڳي آهي هن خضدار ۾ پوليس اسٽيشن تي دهشتگردن جو حملو ناڪام بڻائڻ تي پاڪ فوج ۽ ايف سي جي دستن جي ڪارروائي کي ساراهيندي چيو ته فتنہ الخوارج جي مڪمل خاتمي تائين سيڪيورٽي فورسز ۽ قوم جي پختي عزم ۾ ڪا گهٽتائي نہ ايندي، ملڪ مان دهشتگرديءَ کي پاڙ کان پٽي اڇلائينداسين هن چيو ته بلوچستان جي امن کي سبوتاژ ڪرڻ جي هر سازش ناڪام بڻائي ويندي، پوري قوم پنهنجي بهادر ۽ پوليس سان گڏ بيٺل آهي

بقايا 3 روزاني عبرت

سيد يوسف رضا گيلاني سان مسلم ورلڊ ليگ جي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر محمد بن عبدالڪريم العيسي جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ اعليٰ سطحي وفد پارليامينٽ هائوس ۾ ملاقات ڪئي ملاقات ۾ پاڪستان ۽ سعودي عرب جي پائدار ناتن، مسلم امت جي اتحاد، عالمي امن بين المذاهب هم آهنگي بين البارلياماني سفارتڪاري، واپار سيڙپڪاري ۽ خطي جي مجموعي صورتحال تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي سينيٽ سيڪريٽريٽ موجب سينيٽ چيئرمين وفد جي آجيان ڪندي چيو ته پاڪستان سعودي عرب سان پنهنجن تاريخي پائدار، مذهبي ۽ ثقافتي ناتن کي انتهائي اهميت ڏئي ٿو هن چيو ته سعودي عرب هميشہ ڏکيءَ گهڙيءَ ۾ پاڪستان جو ڀرپور ساٿ ڏنو ۽ ٻنهي ملڪن جا ناتا گڏيل اعتماد، گڏيل عقيدي ۽ جذبار سهڪار تي ٻڌل آهن جيڪي وقت سان وڌيڪ مضبوط ٿي رهيا آهن سيد يوسف رضا گيلاني چيو آهي ته سعودي عرب ۾ رهندڙ لکين پاڪستاني ٻنهي ملڪن وچ ۾ مضبوط پُل جو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن ۽ پنهنجي محنت، صلاحيتن ۽ خدمتن ذريعي نہ صرف سعودي عرب جي ترقيءَ ۾ حصو وجهي رهيا آهن پر پاڪستان جا بهترين سفير پڻ آهن هن چيو ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ واپار سيڙپڪاري، توانائي ۽ اقتصادي تعاون جا وڏا موقعا موجود آهن جن مان ڀرپور فائدو کڻڻ جي ضرورت آهي هن قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر وزيراعظم پاڪستان ۽ سينيٽ چيئرمين طور سعودي عرب جي پنهنجي مختلف دورن جو حوالو ڏيندي چيو ته انهن دورن دوران ٻنهي ملڪن وچ ۾ مختلف شعبن ۾ تعاون کي هٿي ڏيڻ ۾ اهم اڳڀرائي ٿي سينيٽ چيئرمين چيو ته پاڪستان جو عوام الحرمين الشريفين سان عقيدت رکي ٿو ۽ ڪعبة الله ۽ مسجد نبوي پوري مسلمان امت جي ايمان ۽ روحاني وابستگي جو مرڪز آهن هن مسلم ورلڊ ليگ طرفان مسلمان امت جي اتحاد، اعتدال بين المذاهب هم آهنگي، اسلاموفوبيا جي خاتمي ۽ امن کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ڪيل خدمتن کي ساراهيندي چيو ته موجوده عالمي حالتن ۾ مسلم دنيا کي درپيش چئلينجز کي مُنهن ڏيڻ لاءِ امت جي اتحاد،گڏيل حڪمت عملي، مؤثر سفارتڪاري ۽ مضبوط بين البارلياماني رابطا اثر آهن ان موقعي تي مسلم ورلڊ ليگ جي سيڪريٽري جنرل سينيٽ چيئرمين جي شاندار آڌرڀاءَ تي ٿورو مڃيندي پاڪستان جي ڪردار کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو هن چيو ته پاڪستان مسلم دنيا جو هڪ انتهائي اهم ۽ باوقار ملڪ آهي جنهن هميشہ مسلمان امت جي مفادن جي تحفظ ۽ عالمي امن کي هٿي وٺرائڻ ۾ مثبت ڪردار ادا ڪيو آهي ڊاڪٽر محمد بن عبدالڪريم العيسي چيو ته هاڻوڪي ايران- آمريڪا ڇڪتاڻ ۾ پاڪستان نهايت مؤثر ۽ دانشمندانہ سفارتي ڪردار ادا ڪندي ٻنهي ڌرين کي ڳالهين جي ميز تي آڻڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو جيڪو پاڪستان جي هڪ وڏي سفارتي ڪاميابي آهي هن چيو ته ان مثبت ڪردار کي پوري دنيا ۾ ساراهيو پيو وڃي ۽ ان سان نہ صرف پاڪستان پر پوري مسلم دنيا جو مان مٿاهون ٿيو آهي هن چيو ته پاڪستان اهو ثابت ڪيو آهي ته مسلم ملڪ دهشتگردي نہ پر امن، اعتدال رواداري ۽ هم آهنگيءَ جا علمبردار آهن هن چيو ته سعودي عرب سميت پوري مسلم دنيا کي پاڪستان جي ان ڪامياب سفارتڪاريءَ تي فخر آهي ۽ پاڪستان عالمي سطح تي هڪ ذميدار باعتماد ۽ مؤثر رياست طور پنهنجي سُڃاڻپ وڌيڪ مستحڪم ڪئي آهي سيڪريٽري جنرل چيو ته موجوده عالمي چئلينجز کي مُنهن ڏيڻ لاءِ سمورن ملڪن کي گڏيل حڪمت عملي، مضبوط عالمي تعاون ۽ مؤثر عالمي قيادت جي ضرورت آهي هن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته گڏيل قومن کي عالمي امن ۽ سلامتيءَ جي قيام ۾ پنهنجو ڪردار وڌيڪ فعال ۽ مؤثر بڻائڻ گهرجي هن پاڪستان ۾ مذهبي هم آهنگي، ڀائيچاري ۽ محبت جي فضا کي ساراهيندي چيو ته پاڪستان پنهنجي نيڪ نيتي، دانشمندانہ سفارتڪاري ۽ امن لاءِ عملي ڪوشش ذريعي دنيا ۾ هڪ مثبت ۽ باوقار مقام حاصل ڪيو آهي

بقايا 4 روزاني عبرت

ڪامياب رهيون جنهن جي نتيجي ۾ ڌرڻو ڪميٽي وڏي وزير جي درخواست تي ڌرڻو ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ان موقعي تي وڏي وزير سان گڏ صحت وارو صوبائي وزير بخت محمد ڪاڪڙ سينيٽر منظور احمد ڪاڪڙ ۽ ڪمشنر ڪوئيٽا ڊويزن شاهزيب ڪاڪڙ ۽ ٻيا اعليٰ اڳواڻ بہ موجود هئا. ان موقعي تي وڏي وزير مير سرفراز بگٽي چيو ته هو پهرين ڏينهن کان ڌرڻو ڪميٽي سان مسلسل رابطي ۾ هيو ۽ مسئلي کي پرامن ۽ احترام سان حل ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيو هو هن چيو ته متاثر خاندانن ۽ انهن جي بزرگن سان سندس گڏيل احترام جي بنياد تي پراڻو تعلق آهي، جيڪو مستقبل ۾ بہ جاري رهندو، وڏي وزير چيو ته هو هميشہ عوام سان گڏ بيٺل آهي ۽ مستقبل ۾ بہ عوام جي خدمت ۽ انهن جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ هر ممڪن ڪردار ادا ڪندو رهندو هن واضح ڪيو ته جيڪڏهن حڪومت طرفان ڪنهن بہ سطح تي ڪا بہ غفلت يا غلطي ٿي آهي ته ان کي تسليم ڪندي ان جو ازالو ڪيو ويندو مير سرفراز بگٽي چيو ته وزيراعظم پاڪستان ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي موجودگي ۾ بلوچستان اپيڪس ڪميٽي ۾ اهم فيصلا ڪيا ويا آهن جن تي مڪمل طور تي عمل ڪيو ويندو هن چيو ته بلوچستان جي وڏي وزير ۽ چيف آف بگٽي جي حيثيت سان هو متاثر خاندانن سان ڪيل سڀني واعدن کي پورو ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي وڏي وزير اعلان ڪيو ته شهيدن جي وارثن کي مالي معاوضو ڏنو ويندو، انهن جي خاندانن کي سرڪاري نوڪريون ڏنيون وينديون ۽ بلوچستان حڪومت شهيدن جي ٻارن جي تعليم جو سمورو خرچ برداشت ڪندي هن چيو ته بلوچستان جا ماڻهو محب وطن آهن ۽ ملڪ دشمن عنصرن جي سازشن کي ناڪام بڻائڻ حڪومت، عوام ۽ سڀني رياستي ادارن جي گڏيل ذميواري آهي هن اهو عزم ورجايو ته حڪومت عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت ۽ صوبي ۾ جٽادار امن قائم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قدم کڻندي رهندي ڳالهين جي آخر ۾ ڌرڻو ڪميٽي ۽ شهيدن جي خاندانن وڏي وزير مير سرفراز بگٽي جي يقين ڏيارڻ تي اعتماد جو اظهار ڪيو ۽ ڌرڻو ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ياد رهي ته 5 جولاءِ تي ڪوئيٽا جي علائقي هانا اوڙڪ ۾ نامعلوم هٿياربند ماڻهن حملو ڪري 5 شهري مارجي ويا، 8 ماڻهو زخمي ٿيا ۽ 11 ماڻهو اغوا ڪيا. هن واقعي خلاف وارثن ۽ مقامي رهواسين ايئرپورٽ روڊ تي پنج ڏينهن تائين ڌرڻو هنيو هو جنهن سبب شهر جو مکيه شاهراهه بند رهيو ۽ ٽريفڪ سخت متاثر ٿي ٻئي طرف، صوبائي گهرو وزير مير ضياءُ الله لانگو تصديق ڪئي آهي ته حملي دوران اغوا ڪيل سڀني 11 ماڻهن کي بازياب ڪرايو ويو آهي سندس مطابق، خميس جي رات 10 اغوا ٿيلن کي بازياب ڪرايو ويو جڏهن ته هڪ اغوا ٿيل کي هڪ ڏينهن اڳ آزاد ڪيو ويو هو ۽ سڀني ماڻهن کي محفوظ طور تي ڪوئيٽا منتقل ڪيو ويو آهي صوبائي صحت واري وزير بخت محمد ڪاڪڙ پڻ اغوا ٿيلن جي بازيابي جي تصديق ڪئي ۽ چيو ته بلوچستان حڪومت، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ قبائلي بزرگن جي گڏيل ڪوشش جي نتيجي ۾ سڀني اغوا ٿيلن کي بازياب ڪرايو ويو آهي

بقايا 5 روزاني عبرت

حڪومت نوجوانن ۾ سائنسي تجسس، تحقيق ۽ خلائي علم ۾ دلچسپيءَ کي هٿي ڏيڻ لاءِ پرعزم آهي ته جيئن ملڪ جو نئون نسل مستقبل جي قيادت ڪندي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي ميدان ۾ نيون ڪاميابيون حاصل ڪري سگهي جمعي تي رٿابنديءَ واري وزارت مان جاري بيان ۾ پروفيسر احسن اقبال چيو ته هيوسٽن، ٽيڪساس ۾ سندس دؤرو انتهائي لاڀائتو ۽ همٿائيندڙ رهيو جتي اسپيس سينٽر هيوسٽن (ناسا جي سرڪاري وزيٽر سينٽر) ۾ جديد سائنس، ٽيڪنالاجي انجنيئرنگ ۽ رياضي (اسٽيم) جي تعليم جي عملي ماڊلز جو مشاهدو ڪرڻ سان گڏوگڏ سينيئر انتظاميہ ۽ قيادت سان مستقبل جي خلائي ٽيڪنالاجي، سائنسي جدت ۽ اسٽريٽجڪ تعاون تي خيالن جي ڏي وٺ ٿي اسپيس سينٽر هيوسٽن جي صدر ۽ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر وليم ٽي هيرس ناسا جا اعليٰ عملدار ۽ آمريڪا جي نالي وارن ايرو اسپيس ڪمپنين جي سينيئر عملدارن سندس شاندار آڌرڀاءُ ڪيو ملاقاتن ۾ سائنس ۽ گڏيل حصيداري کي وڌيڪ مرڪزي حيثيت حاصل رهي، وفاقي وزير چيو ته هن ان موقعي تي پاڪستان جي مستقبل سان هم آهنگ خلائي ماحولياتي نظام اسپيس ايڪو سسٽم جو ويڙن پيش ڪيو ۽ پاڪستان جي باصلاحيت نوجوانن جي غير معمولي صلاحيتن کي اجاگر ڪندي ناسا سان جديد تربيت ۽ سگهه وڌائڻ جي موقعي تي زور ڀريو جنهن کي نهايت مثبت ۽ همٿائيندڙ انداز ۾ ساراهيو ويو هن چيو ته ڳالهين دوران خلائي تحقيق، جديد ٽيڪنالاجي ۽ سائنسي جدت جي قومي ترقيءَ ۾ ڪردار تي ڳالهه ٻولهه ٿي جڏهن ته ناسا ۽ آمريڪي ايرو اسپيس ادارن ان شعبي ۾ تعاون ۽ حصيداريءَ کي هٿي ڏيڻ ۾ گهري دلچسپيءَ جو اظهار ڪيو جنهن سان مستقبل ۾ گڏيل منصوبا ۽ نوان موقعا فراهم ٿيندا. هن چيو ته هي دؤرو ۽ ملاقاتون هڪ اهم سنگ ميل ثابت ٿيون آهن ۽ پاڪستان حڪومت نوجوانن ۾ سائنسي تجسس، تحقيق ۽ خلائي علم ۾ دلچسپيءَ کي هٿي ڏيڻ ۾ پرعزم آهي ته جيئن ملڪ جي نئين نسل مستقبل جي قيادت ڪندي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي ميدان ۾ نيون ڪاميابيون حاصل ڪري سگهي

بقايا 6 روزاني عبرت

ڊپارٽمينٽ مقرري جو خير مقدم ڪيو آهي اي پي اين ايس جي صدر سينيٽر سرمد علي ۽ سيڪريٽري جنرل محمد اطهر قاضي پنهنجي بيان ۾ اميد ظاهر ڪئي آهي ته رئيسہ عادل پرنسيپل انفارميشن آفيسر طور پريس انفارميشن ڊپارٽمينٽ، آزادي صحافت جي تحفظ ۽ آزادي کي هٿي ڏيڻ کي يقيني بڻائيندي ۽ پرنٽ ميڊيا کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ موثر ڪردار ادا ڪندي، هنن ان اعتماد جو اظهار ڪيو ته رئيسہ عادل جي دور ۾ پرنٽ ميڊيا ڪي پي آءِ ڊي ۽ حڪومت سان خوشگوار لاڳاپن وارو سلسلو بدستور جاري رهندو اي پي اين ايس عهديدارن ويندڙ پرنسيپل انفارميشن آفيسر مبشر حسن جي خدمتن کي پڻ ڀاڪرائيو ۽ چيو ته سندس دور ۾ ميڊيا سان بهتر سهڪار رهيو جنهن تي اسان ٿورائتا آهيون اي پي اين ايس عهديدارن اميد ظاهر ڪئي ته رئيسہ عادل پرنٽ ميڊيا جي وچ ۾ تنگيل مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪندي انهن مسئلن ۾ حڪومتي اشتهارن جي شرح ۾ پهرين کان منظور ٿيل واڌاري تي عمل ڪرڻ، حڪومتي اشتهارن جي تعداد ۾ واڌارو ڪرڻ ۽ وڏي عرصي کان حڪومت ڏانهن رهيل رقمن جي ادائگي شامل آهي ته جيئن پرنٽ ميڊيا جي مالي بحران کي حل ڪري سگهجي

بقايا 7 روزاني عبرت

تي پنهنجي پيغام ۾ ڪيو هن چيو ته اڄ جو ڏينهن جيڪو هن سال "نوجوانن جي اميدن کي حقيقت جو روپ ڏيڻ ۽ اڄ ۽ ايندڙ سڀاڻي جي لاءِ" جي عنوان سان ملهايو پيو وڃي، آئون عالمي برادري سان گڏجي ان عزم جي جو ورجاءُ ڪريان ٿو ته اسان هڪ اهڙو معاشرو جوڙيون جتي هر شهري کي باوقار زندگي، صحت جون سهولتون ۽ هڪ جهڙا موقعا ميسر هجن صدر چيو ته پاڪستان هڪ نوجوان ۽ باصلاحيت آباديءَ سان مالامال ملڪ آهي، اسان جي 65 سيڪڙو کان وڌيڪ شهرين جي عمر 30 سال کان گهٽ آهي جيڪا قومي ترقي جي لاءِ هڪ غيرمعمولي موقعو فراهم ڪري ٿي هن چيو ته جيڪڏهن اسان جي نوجوانن کي معياري تعليم صحت جون سهولتون فني مهارت ۽ روزگار جا مناسب موقعا فراهم ڪيا وڃن ته اهي هڪ موثر آباديائي اثاثو ثابت ٿي سگهن ٿا جيڪي معاشي ترقي، جدت ۽ سماجي خوشحالي کي نئين رفتار ڏيندا. صدر چيو ته نوجوانن تي ڪئي ويندڙ اڄ جي سيڙپڪاري حقيقت ۾ پاڪستان جي مستقبل جي لاءِ سيڙپڪاري آهي اسان کي عورتن ۽ ٻارن جي صحت ۽ ڀلائي کي بهتر بڻائڻ جي اهميت جو پڻ مڪمل ادراڪ هجڻ گهرجي صدر آصف علي زرداري چيو ته ماءُ ۽ ٻار جي صحت، ٻارن جي بقاءُ مناسب غذائيت، تعليم ۽ بنيادي صحت جي معياري سهولتن تائين پهچ ترقي جا بنيادي ٿنڀ آهن هن چيو ته ڪو بہ معاشرو ان وقت تائين ترقي نہ ٿو ڪري سگهي جيستائين مائرن کي حمل ۽ ويم دوران قابل تدارڪ خطرا درپيش هجن، ٻار غذائي کوٽ جو شڪار هجن يا ٻارڙين کي تعليم ۽ اڳتي وڌڻ جي برابر موقعن کان محروم رکيو وڃي صدر چيو ته هي ڏينهن اسان کي شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي ان ويژن جي پڻ ياد ڏياري ٿو جنهن عورتن کي حق، وقار ۽ اختيار ڏيارڻ جي لاءِ نمايان جدوجهد ڪئي هن قومي ترقي ۾ عورتن جي اختيار، تعليم ۽ توليدي صحت جي اهميت تي سدائين زور ڏنو ۽ ان جو اهو ويژن اڄ بہ اسان جي قومي ڪوشش جي لاءِ مشعل راهه آهي صدر چيو ته آباديءَ ۽ ترقي هڪ ٻئي سان گهرو تعلق رکن ٿا، تعليم صحت، صنفي برابري، غربت ۾ گهٽتائي ۽ معاشي موقعن ۾ اڳڀرائي خاندانن ۽ معاشرن کي مضبوط بڻائي ٿي ۽ هڪ خوشحال ۽ مستحڪم معاشري جي جوڙجڪ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿي هن چيو ته هر عورت کي معياري صحت جي سهولتن جي فراهمي ۽ هر ٻار کي مناسب نگهداشت، غذائيت ۽ تعليم فراهم ڪرڻ نہ رڳو اسان جي اخلاقي ذميواري آهي پر هڪ قومي گهرج پڻ آهي

بقايا 8 روزاني عبرت

منصوبو 10 سالن جي پروگرام جي پهرئين مرحلي طور شروع ڪيو پيو وڃي، جنهن جو مقصد ملڪ جي بجلي جي نظام جي رسد کي جديد خطن تي اختيار ڪرڻ، بجلي جي بندش ۾ گهٽتائي آڻڻ ۽ تجديد جوڳي توانائي جي مؤثر انضمام کي ممڪن بڻائڻ آهي هي منصوبو بوسٽنگ انرجي سيڪيورٽي ٿرو ٽرانسميشن ان پاڪستان (پاڪ بيسٽ) ملٽي فيز پروگرامينگ اپروچ تحت لاڳو ڪيو ويندو ان جو بنيادي مقصد بجلي جي قومي رسد جي نظام کي مضبوط بڻائڻ ۽ پاڪستان کي هڪ وڌيڪ قابل اعتماد، مؤثر ۽ پائيدار بجلي جي شعبي طرف منتقل ڪرڻ آهي پاڪستان ۾ عالمي بئنڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر بولورما اماگابازر ٻڌايو ته پاڪستان کي درپيش توانائيءَ جي مسئلن جو مجموعي معاشي استحڪام سان گهرو تعلق آهي. جديد ٽرانسميشن ٽيڪنالاجيءَ ۾ سيڙپڪاريءَ سان بجلي جي لاڳت ۾ گهٽتائي ايندي، قومي گرڊ جي ڪارڪردگي بهتر ٿيندي ۽ تجديد جوڳي توانائي جي وڌيڪ استعمال جي راهه هموار ٿيندي هن چيو ته هي منصوبو هڪ اهڙو مضبوط ۽ لچڪدار بجلي جي نظام جو بنياد رکندو جيڪو گهريلو صارفين، ڪاروباري ادارن ۽ صنعتن کي بهتر خدمتون فراهم ڪندو ۽ ملڪي معاشي ترقيءَ ۾ مددگار ثابت ٿيندو. پاڪستان جي بجليءَ جي رسد وارو نظام ڪيترن ئي سالن کان گرڊ جي غير مستحڪم صورتحال ۽ رسدي رڪاوٽن جو شڪار آهي جنهن سبب بجلي جي فراهميءَ ۾ بار بار رڪاوٽون پيش اچن ٿيون. تجديد جوڳي توانائي جي وسيلن مان مڪمل فائدو نہ پيو کڻي سگهجي بجلي جي لاڳت وڌي وڃي ٿي ۽ معاشي سرگرميون متاثر ٿين ٿيون منصوبي تحت 3 اهم 500 ڪلو وولٽ سب اسٽيشنز تي گرڊ کي مستحڪم ڪندڙ جديد اوزارن جن ۾ اسٽيٽڪ سنڪرونس ڪمپنسيٽرز شامل آهن لڳايا ويندا. ان کان علاوه سڄي ملڪ جي 26 سب اسٽيشنز تي فڪسڊ ريئڪٽرز ۽ ڪيپيسيٽر بئنڪن لڳايا ويندا ته جيئن بجلي جي رسد جو نظام بهتر ٿئي. نظام ۾ استحڪام اچي ۽ بجلي جي رسد کي وڌيڪ مؤثر بڻائي سگهجي انهن قدمن جي نتيجي ۾ ڏکڻ پاڪستان ۾ هن وقت محدود ڪيل 640 ميگاواٽ هوا مان پيدا ٿيندڙ بجليءَ کي قومي گرڊ ۾ منتقل ڪرڻ ممڪن ٿيندو، جنهن سان اتي موجود 1840 ميگاواٽ ونڊ پاور جي سگهه مان فائدو کڻي سگهبو هي منصوبو نجي شعبي جي قيادت ۾ قائم ڪيل تقريبن 491 ميگاواٽ جي نئين تجديد جوڳي توانائي جي منصوبن کي بہ قومي گرڊ سان ڳنڍڻ ۾ مدد ڏيندو عالمي بئنڪ موجب هي قدم پاڪستان کي پيرس معاهدي تحت پنهنجي قومي سطح تي طئي ٿيل حصيداري جي هدف جي ويجهو وٺي ايندو

بقايا 9 روزاني عبرت

ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي لاءِ ڀرپور قدم کڻڻ ۽ جلد جنگ بندي ۽ ويڙهه جي خاتمي لاءِ سازگار حالتون پيدا ڪن. پرڏيهي ميڊيا مطابق اها ڳالهه گذريل ڏينهن گڏيل قومن ۾ چين جي نائب مستقل نمائندي يوڪرين بابت سلامتي ڪائونسل جي اجلاس کي خطاب ڪندي چئي . هن چيو ته يوڪرين جي موجوده صورتحال ڳڻتي جوڳي ٿي وئي آهي ڌرين طرفان هر ڀيري ڪيل فوجي حملن جي شدت، ڳڻتيڪو ۽ ڊائريڪار ماضي جي ڀيٽ ۾ وڌي ويو آهي . جنهن جي نتيجي ۾ وڏي انگ ۾ شهري مارجي رهيا آهن ۽ زخمي ٿيا آهن

بقايا 10 روزاني عبرت

ملاقات ۾ ٻہ طرفن لاڳاپن وچ ۽ اوير جي موجوده صورتحال ۽ گڏيل دلچسپيءَ جي معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي گهرو وزارت پاران جمعي تي جاري ٿيل بيان موجب ملاقات دوران ٻنهي گهرو وزيرن گڏيل مفادن جي شعبن ۾ تعاون کي وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ان موقعي تي پوليس آفيسرن جي جديد خطن تي ٽريننگ ۽ ايڪسچينج پروگرامز شروع ڪرڻ جي حوالي سان بہ اهم ڳالهه ٻولهه ٿي

بقايا 11 روزاني عبرت

پوليس جي پنجن سب ڊويزنن جا پنج ڊي ايس پي، ڏهن ٿاڻن جا ايس ايچ اوز ۽ ضلعي جي وڏي پوليس فورس سان گڏ آهن ان سلسلي ۾ خيرپور پوليس جي ترجمان وقار سومرو ٻڌايو ته 9 جولاءِ تي ناريجا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ رشتيداري جي تڪرار تان خونريزي جهيڙو ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ فتح محمد ناريجو سندس پٽ راجا ناريجو مسمات جيجان عرف شهزادي، مسمات رابعہ ۽ سهراب ناريجو مارجي ويا جڏهن ته ٻن ورهين جو معصوم علي رضا ناريجو عيدن ناريجو ۽ قادر بخش ناريجو زخمي ٿي پيا. واقعي کان پوءِ ايس ايس پي امير سعود مگسي وڏي پوليس نفري سان علائقي ۾ پهچي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ سرچ آپريشن شروع ڪرايو سرچ آپريشن دوران جوابدارن جي ٺڪاڻن کي باهه ڏئي ساڙيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ 15 ٺڪاڻا سڙي خاڪ ٿي ويا

بقايا 12 روزاني عبرت

سمنڊ ۾ لڳايل هڪ پليٽ فارم تي نيٽ ذريعي تجرباتي راڪيٽ ريڪوري سسٽم جو ڪامياب تجربو ڪيو ان اڳڀرائيءَ جو مقصد ٻيهر استعمال جي قابل راڪيٽن جي ٽيڪنالاجي ۾ آمريڪا جي برتريءَ کي چئلينج ڪرڻ آهي پرڏيهي ميڊيا موجب لانگ مارچ 10 بي راڪيٽ کي ڏکڻ چين جي صوبي هائنان ۾ موجود ڪمرشل اسپيس لانچ سائٽ مان ڪاميابيءَ سان روانو ڪيو ويو رپورٽ موجب راڪيٽ جي بوسٽر ۽ اپرسٽيج جي ڌار ڪرڻ جي تقريبن 6 منٽن کان پوءِ بوسٽر بهتر انداز ۾ واپسي ڪئي ۽ سمنڊ ۾ موجود هڪ آف شور پليٽ فارم تي ڪاميابيءَ سان ريڪور ڪيو ميڊيا موجب هي پهريون موقعو آهي. چين ڪنهن ڪيريئر راڪيٽ جي بوسٽر کي مڪمل ڪنٽرول سان واپس آڻي ڪاميابيءَ سان ريڪور ڪيو آهي

بقايا 13 روزاني عبرت

وفاقي وزير محسن نقوي ڪي پي ڪي جي ضلعي ڪرڪ ۾ دهشتگردن خلاف انتهائي ڪامياب آپريشن تي ڪي پي ڪي پوليس جي پيشيوارانہ صلاحيتن کي ساراهيو آهي. پنهنجي بيان ۾ گهرو وزير آپريشن دوران 4 خطرناڪ دهشتگردن کي مارڻ تي پوليس فورس کي مبارڪون ڏنيون ۽ سندن بهادريءَ جي تعريف ڪئي هن چيو ته ڪي پي ڪي پوليس هڪ ڀيرو ٻيهر دشمن جي عزمن کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو محسن نقوي جو چوڻ هو ته ڪي پي ڪي پوليس وقت سر ڪارروائي ڪندي پارٽي اسپانسرڊ دهشتگردن جي مڪروهہ ارادن کي ناڪام بڻايو آهي هن ڪامياب انٽيليجنس بيسڊ آپريشن تي پوري ٽيم کي خراج تحسين پيش ڪندي واضح ڪيو ته دهشتگرديءَ جي ناسور کي پاڙان پٽي اڇلائڻ لاءِ اسان جي سموري سيڪيورٽي فورسز ۽ پوليس پوريءَ طرح پرعزم آهن وطنِ عزيز جي امن کي ڪو بہ نقصان پهچائڻ نہ ڏنو ويندو

بقايا 14 روزاني عبرت

موڪليو ويو. آخري اطلاعن موجب حادثي بعد ڪار سوار ڪار سميت فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو

بقايا 15 روزاني عبرت

واسي نوجوان پوڙهو خاصخيلي مٽي ۾ گولي لڳڻ ڪري مارجي ويو فائرنگ ڪندڙ جوابدار ڌُر دڪان جو شٽر هيٺ ڪري پناهہ ورتي مقتول ڌُر جي ماڻهن جي پهچڻ بعد 2 ڪلاڪن تائين سخت ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي پوليس نفري گهٽ هجڻ ڪري ڇڪتاڻ ڪافي دير تائين جاري رهي سي آئي اي انچارج معاملي تي ضابطي بدران پسٽل سان فائرنگ ڪري ڌهڪاءُ ڦهلائيندو رهيو 2 ڪلاڪن بعد زياده نفري گهرائي جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو ۽ لاش کي ضروري ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو

بقايا 16 روزاني عبرت

سنڌ سيد مراد علي شاهه جي هدايتن تي ضلعي خيرپور جي علائقي صوبوديرو ۽ سگيون ۾ ڪڻڪ جي مبينا ذخيره اندوزي خلاف وڏي پيماني تي ڪريڪ ڊائون ڪيو ويو اسسٽنٽ ڪمشنر صوبوديرو شاهہ محمد چانڳ ۽ فوڊ انسپيڪٽر پير بخش جوڻي ڪارروائي ڪندي 9 گودامن ۽ هڪ فلور مل کي سيل ڪري ڇڏيو اسسٽنٽ ڪمشنر شاهہ محمد چانڳ موجب، سيل ڪيل گودامن مان 100 ڪلوگرام وزن وارين 21 هزار 800 ٻورين ڪڻڪ سرڪاري تحويل ۾ ورتيون ويون ڪارروائي دوران لال فلور مل راڻيپور نثار احمد (صوبوديرو)، نعمان شيخ (صوبوديرو)، الهوڏايو محمد هاشم عبدالشڪور شيخ بشير چنو ۽ ٻين جا گودام سيل ڪيا ويا خوراڪ کاتي جي ذريعن موجب، سنڌ حڪومت پاران هلندڙ سيزن دوران ڪڻڪ جي سرڪاري خريداري نہ ٿيڻ سبب اوپن مارڪيٽ ۾ ڪڻڪ جي اگهه ۾ نمايان اضافو ٿيو حڪومت هڪ ڪروڙ ٻورين ڪڻڪ خريد ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو هو

بقايا 17 روزاني عبرت

رهواسي سي آءِ اي پوليس جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج لاءِ روڊن تي نڪري آيا. احتجاج جي اڳواڻي امداد اوڍن سليمان اوڍن ۽ ٻين ڪئي احتجاج ڪندڙن الزام هنيو ته سي آءِ اي پوليس جا اهلڪار علي گل زرداري، عمران چنڊ، صدام رند، نديم ملاح ۽ ٻين سندن جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي. هنن چيو ته پوليس اهلڪار ڪين منشيات وڪرو ڪرڻ لاءِ زور ڀرين ٿا، جڏهن ته انڪار ڪرڻ جي صورت ۾ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏين ٿا

بقايا 18 روزاني عبرت

گيٽ آڊر روينيو ملازمن پاران علامتي بڪ هڙتال ڪئي وئي ان موقعي تي ملازم اڳواڻن پير فيصل،سيد سارنگ شاهہ ۽ ٻين ملازمن پاران سخت نعريبازي ڪندي چيو ته اسسٽنٽ ڪمشنر کي هٽائي ملازمن مان بيچيني ختم ڪئي وڃي هنن چيو ته اي سي ڊوميسائل ۽ عوامي جائز ڪمن لاءِ صحيحون ڪرڻ کان انڪاري آهي آفيس اسٽاف کي بلاجواز تنگ ڪيو پيو وڃي اسان اهڙي عمل خلاف اسان تنگ ٿي پيا آهيون اعلا اختياريون نوٽس وٺي ملازمن سان انصاف ڪري اي سي کي بدلي ڪئي وڃي

بقايا 19 روزاني عبرت

کان 11 جولاءِ تائين منعقد ٿيندڙ عالمي سربراهي ڪانفرنس " ڀلائي بابت مصنوعي ذهانت" سوئٽزرلينڊ جي شهر جنيوا ۾ جاري آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق سربراهي ڪانفرنس دوران خصوصي دعوت تي چائنا ميڊيا گروپ جو اسپيشل پروگرام " اي آءِ پلس ۾ ڪاميابي" پيش ڪيو پيو وڃي جنهن ۾ خصوصي انٽرويوز ، آن سائٽ رپورٽس ۽ مختلف سرگرمين ذريعي مصنوعي ذهانت جي جديد ۽ ترقي جي تازين ڪاميابين کي اجاگر ڪيو پيو وڃي

بقايا 20 روزاني عبرت

آخري رسمن ۾ 4 ڪروڙ کان بہ وڌيڪ ماڻهن شرڪت ڪئي پرڏيهي ميڊيا موجب شهيد آيت الله سيد علي خامنہ اي جي جنازي جو جلوس دنيا جو سڀ کان وڏو جلوس هيو جنهن جون تقريبون پنجن شهرن تهران قم نجف، ڪربلا ۽ مشهد ۾ منعقد ٿيون انهن تقريبن ۾ شرڪت ڪندڙ جي انگ جو ڪاٿو چار ڪروڙ ڏهہ لک کان چار ڪروڙ ٽيهہ لک تائين لڳايو ويو آهي شهيد آيت الله سيد علي خامنہ اي جي سرڪاري طور تي آخري رسمون گذريل هفتي کان شروع ٿيون

بقايا 21 روزاني عبرت

حادثي جو شڪار ٿيل ڪارگو جهاز جي عملي ۽ ملبي جي ڳولا لاءِ پاڪستان نيوي ۽ پاڪستان ميري ٽائم سيڪيورٽي ايجنسي جو گڏيل سرچ اينڊ ريسڪيو آپريشن ڀرپور انداز ۾ جاري آهي پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي طرفان جاري تفصيل موجب گم ٿيل جهاز جي عملي جا ماڻهو تلاش ڪرڻ لاءِ فضائي ۽ سامونڊي اثاثن کي گڏيل ۽ منظم طريقي سان ڪتب آندو پيو وڃي ۽ هي مشن جاري آهي تلاش دوران جهاز جا وڌيڪ پرزا ۽ ملبو لوڪيٽ ڪري سمنڊ مان ڪڍيا ويا آهن

بقايا 22 روزاني عبرت

جنهن دوران ٻنهي ملڪن جي گڏيل لاڳاپن ۽ مختلف شعبن ۾ سهڪار کي هٿي ڏيڻ بابت خدشن جو جائزو ورتو ويو پرڏيهي ميڊيا مطابق اسلام پيليس ۾ سعودي ولي عهد ۽ ڪينيڊين وزيراعظم گڏيل دلچسپي وارن معاملن جي مختلف شعبن ۽ انهن جي ترقي جي موقعن جو جائزو ورتو ويو ٻنهي اڳواڻن تازو علائقائي ۽ عالمي صورتحال ۽ ان حوالي سان ڪيل ڪوششن تي بہ ڳالهيون ڪيون سعودي ولي عهد ۽ ڪينيڊين وزيراعظم جي موجودگي ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڪيترن ئي طرفن معاهدن تي صحيحون ڪيون ويون. توانائي جي شعبي ۾ مفاهمتي معاهدي تي سعودي عرب جي توانائي واري وزير شهزاده عبدالعزيز بن سلمان ۽ ڪينيڊا جي پرڏيهي وزير انيتاآنند صحيحون ڪيون سعودي عرب ، ڪينيڊين ڪوآرڊينيشن ڪائونسل جي قيام لاءِ مفاهمتي معاهدي تي سعودي ۽ ڪينيڊين پرڏيهي وزير جڏهن ته اي آءِ اسڪلز ڊولپمينٽ ۾ سيڙپڪاري جي حوالي سان مفاهمتي معاهدي تي سدايا جي صدر ڊاڪٽر عبدالله الغامدي ۽ ڪينيڊين پرڏيهي وزير صحيحون پڻ ڪيون

بقايا 23 روزاني عبرت

جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب صدر چيو ته آپريشن شعبان هڪ ڀيرو ٻيهر ثابت ڪيو آهي ته اسان جي سيڪيورٽي فورسز هر خطري کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت رکي ٿي هن چيو ته پاڪستان جي خلاف پراڪسي عنصرن کي استعمال ڪندڙ پنهنجي ڪنهي مقصدن ۾ ڪامياب نہ ٿيندا، قومي عزم هر سازش کان وڌيڪ مضبوط آهي

بقايا 24 روزاني عبرت

ٿيل چئلينجز کي مؤثر انداز ۾ مُنهن ڏيڻ لاءِ جامع رٿابندي، آگاهي ۽ سمورن طبقن جون گڏيل ڪوششون ضروري آهن ملڪي ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ ضروري آهي ته هر ماڻهوءَ کي برابريءَ جا موقعا فراهم ڪيا وڃن ۽ نوجوانن جي صلاحيتن کي مثبت رُخ ۾ ڪتب آندو وڃي قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ موجب اهڙو اظهار هن آباديءَ جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ ڪيو جيڪو هر سال 11 جولاءِ تي گڏيل قومن جي انتظام هيٺ سڄي دنيا ۾ ملهايو وڃي ٿو اسپيڪر چيو ته آبادي جي عالمي ڏهاڙي کي ملهائڻ جو مقصد آباديءَ بابت چئلينجز جي باري ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ پائيدار ترقي جي حاصلات جي ڪوشش کي هٿي ڏيڻ ۽ بهتر مستقبل لاءِ اجتماعي قدمن جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ آهي. هن هلندڙ سال جو موضوع "نوجوانن جي اميدن ۽ اُمنگن کي اڄ ۽ مستقبل لاءِ حقيقت جو روپ ڏيڻ" جي حوالي سان چيو ته نوجوان ڪنهن بہ ملڪ جو قيمتي اثاثو هوندا آهن

بقايا 25 روزاني عبرت

ٿيل چئلينجز کي مؤثر انداز ۾ مُنهن ڏيڻ لاءِ جامع رٿابندي، آگاهي ۽ سمورن طبقن جون گڏيل ڪوششون ضروري آهن ملڪي ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ ضروري آهي ته هر ماڻهوءَ کي برابريءَ جا موقعا فراهم ڪيا وڃن ۽ نوجوانن جي صلاحيتن کي مثبت رُخ ۾ ڪتب آندو وڃي قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ موجب اهڙو اظهار هن آباديءَ جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ ڪيو جيڪو هر سال 11 جولاءِ تي گڏيل قومن جي انتظام هيٺ سڄي دنيا ۾ ملهايو وڃي ٿو اسپيڪر چيو ته آبادي جي عالمي ڏهاڙي کي ملهائڻ جو مقصد آباديءَ بابت چئلينجز جي باري ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ پائيدار ترقي جي حاصلات جي ڪوشش کي هٿي ڏيڻ ۽ بهتر مستقبل لاءِ اجتماعي قدمن جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ آهي. هن هلندڙ سال جو موضوع "نوجوانن جي اميدن ۽ اُمنگن کي اڄ ۽ مستقبل لاءِ حقيقت جو روپ ڏيڻ" جي حوالي سان چيو ته نوجوان ڪنهن بہ ملڪ جو قيمتي اثاثو هوندا آهن

بقايا 26 روزاني عبرت

واري وفاقي وزير محسن نقوي بلوچستان ۾ خوارجين خلاف ڪامياب ڪارروايون تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي پنهنجي هڪ بيان ۾ گهرو وزير سيڪيورٽي فورسز کي سلام پيش ڪندي چيو ته وڌيڪ 13 خوارجين کي مارڻ تي پاڪ فوج، ايف سي ۽ بلوچستان پوليس جي بهادر نوجوانن جي جرائت کي ساراهيون ٿا ۽ سندن مٿان پوري قوم کي ناز آهي

بقايا 27 روزاني عبرت

شهباز شريف عالمي امن، سلامتي ۽ خوشحالي جي فروغ لاءِ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن تي موثر ۽ مڪمل عملدرآمد ۽ عالمي قانونن ۽ عالمي معاهدن جي احترام کي لازمي قرار ڏنو آهي. جمعي ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف اهڙن خيالن جو اظهار گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جي اميدوار ريبيڪا گرينسپين سان ڪيو جنهن سائنس وزيراعظم هائوس ۾ ملاقات ڪئي وزيراعظم گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جي اميدوار سان ملاقات ۾ گهڻ رُخي تعاون جي لاءِ پاڪستان جي اٽل عزم کي ورجائيندي گڏيل قومن جي منشور جي مقصدن ۽ اصولن جي فروغ ۽ پاسداري جي لاءِ پاڪستان جي پائيدار عزم جو اظهار ڪيو

بقايا 28 روزاني عبرت

پشاور (اي پي پي) مردان جي علائقي هاٿيان بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2 ۾ 4 سالن جي ٻار جو لاش ريسڪيو 1122 مردان جي امدادي ٽيمن سرچ آپريشن دوران واهه مان هٿ ڪيو آهي ريسڪيو 1122 مردان جي ترجمان موجب 4 سالن جو عادل گهر کان نڪرڻ کان پوءِ گم ٿي ويو هو جنهن تي واهه ۾ ٻڏڻ جو خدشو ظاهر ڪيو ويو هو اطلاع ملندي ئي ريسڪيو 1122 جي ٽيم سرچ آپريشن شروع ڪيو جيڪو رات دير تائين جاري رهيو پر ٻار جو لاش نہ مليو (جمعي) ڏينهن ريسڪيو ۽ ٽوبن جي ٽيم ٻيهر سرچ آپريشن شروع ڪيو ۽ عمر آباد وڪان واهہ مان ٻار جو لاش هٿ ڪيو ريسڪيو 1122 جي عملدارن ضروري ڪارروائي کان پوءِ ٻار جو لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو

بقايا 29 روزاني عبرت

ذهانت جي ڪمپني نئون چيٽ جي پي ٽي ورڪ ٽول (جي پي ٽي -5.6) فرنٽيئر ماڊل فيملي سمورن صارفين لاءِ جاري ڪيو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب ڪمپني ان سان گڏ چيٽ جي پي ٽي ورڪ جي ٽالي سان هڪ نئون ايجنٽڪ اي آءِ ٽول بہ متعارف ڪرايو آهي جنهن جي باري ۾ دعويٰ ڪئي وئي آهي ته اهو ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين پيچيده منصوبن تي لڳاتار ڪم ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو اوپن اي آءِ موجب چيٽ جي پي ٽي ورڪ اهم ترين نئين اڳڀرائي آهي جيڪو پهرين رڳو پروگرامرز ۽ انجنيئرز تائين محدود ڪوڊيڪس طرز جي صلاحيتن کي بہ هاڻي غير فني صارفين لاءِ بہ دستياب بڻائي ٿو

بقايا 30 روزاني عبرت

دهشتگردي ۽ انتهاپسندي جي باهہ ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي آمريڪي اداري گلوبل ڪانفلڪٽ ٽريڪر موجب طالبان رجيم جي پٺڀرائيءَ ۾ دهشتگردي ۽ انتهاپسندي کان پاڙيسري ملڪن سميت خطي کي سيڪيورٽي چئلينجز سامهون آهن رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته افغان طالبان رجيم پوري ملڪ تي سخت قانونن تحت لامحدود اختيارن سان گڏ پنهنجي هڪ هٽي قائم ڪري رکي آهي القاعده جهڙن شدت پسند گروپن افغانستان کي دهشتگردن جي ڀرتي ۽ تربيت ۽ پرڏيهہ موڪلڻ جو مرڪز بڻايو آهي

بقايا 31 روزاني عبرت

لاءِ مضبوط ۽ مُسلسل حمايت جو اظهار ڪندي اميد ظاهر ڪئي آهي ته گڏيل قومن جي ايندڙ نئين قيادت اداري جي ٽن بنيادي ٿنڀن عالمي امن ۽ سلامتي، ترقي ۽ انساني حقن کي متوازن انداز ۾ اڳيان وڌائڻ جي لاءِ موثر ڪردار ادا ڪندي اهڙن خيالن جو اظهار هُن گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جي اميدوار ميڪي سال ملاقات ۾ ڪيو جمعي ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف سان گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جي اميدوار ميڪي سال وزيراعظم هائوس ۾ ملاقات ڪئي وزيراعظم سندس آجيان ڪندي

بقايا 32 روزاني عبرت

عوام ترقي استحڪام عوامي خدمت ۽ تعميري سياست تي يقين رکي ٿي ۽ ايندڙ چونڊن ۾ مسلم ليگ (ن) جي قيادت تي هڪ ڀيرو ٻيهر ڀرپور اعتماد جو اظهار ڪندي. اهڙن خيالن جو اظهار هن آزاد ڪشمير قانونساز اسيمبلي جي چونڊن جي تيارين جي سلسلي ۾ اين اي 57 راولپنڊي ۾ منعقد هڪ اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو اجلاس ۾ راولپنڊي جي اڳوڻي ميئر سردار نسيم خان، پنجاب اسيمبلي جي ميمبرن ضياء الله شاهہ ۽ رفعت عباسي، پنجاب اسيمبلي جي اڳوڻي ميمبر راجا ارشد محمود، چيف ڪوآرڊينيٽر راجا عبدالباسط مسڪين آزاد ڪشمير قانونساز اسيمبلي جي اميدوار احمد رضا قادري ۽ ياسين لوڻ مسز ممتاز ملڪ نديم اختر پٽي، ملڪ حسنين صابر نويد ڪياني راجا شاهد، ياسر بٽ، شمع فردوس، زري بيگم ۽ ٻين سياسي ۽ تنظيمي اڳواڻن شرڪت ڪئي بئريسٽر دانيال چوڌري چيو ته مسلم ليگ (ن) سدائين عوامي خدمت، ميرٽ، ترقياتي منصوبن ۽ قومي يڪجهتي جي سياست کي فروغ ڏنو آهي

بقايا 33 روزاني عبرت

(ڊي آر سي) ۾ ايبولا وائرس جي پکيڙ تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ پنهنجون ڪوششون وڌيڪ تيز ڪرڻيون پونديون پرڏيهي ميڊيا گڏيل قومن جي نيوز سينٽر جي حوالي سان ٻڌايو ته ڪام فليچر خبردار ڪيو آهي ته جيئوٽيڪ ايٽوري صوبو هن سال بہ وبا جو مرڪز آهي جڏهن ته تڪرارن ۽ لڏ پلاڻ سبب وائرس ٻين صوبن تائين پکڙجي رهيو آهي. رپورٽ موجب 15 مئي تي ايبولا جي پکيڙ جي اعلان کان پوءِ وائرس سان ڊي آر سي ۾ 1700 کان بہ وڌيڪ ماڻهو متاثر ۽ 600 فوت ٿي چڪا آهن پاڙيسري ملڪ يوگنڊا ۾ بہ 20 ڪيسن جي تصديق ٿي آهي . وبا کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل قومن مئي ۾ 60 ملين ڊالرن تائين جا هنگامي فنڊز جاري ڪيا، جڏهن ته صحت جي عالمي اداري ڊي آر سي ۾ گڏيل قومن جي امن مشن جي سهڪار سان وائرس جي متاثر علائقن ۾ طبي سامان فراهم ڪرڻ ۽ آئسوليشن علاج جا مرڪز قائم ڪرڻ ۾ مدد ڏني ڪام فليچر انساني امدادي پروگرامن جي حمايت ۽ وبا کي منهن ڏيڻ جي تيارين ۾ سيڙپڪاري وڌائڻ تي زور ڀريندي چيو ته ايبولا خلاف بهتر دفاع لاءِ نگراني ليبارٽري ٽيسٽنگ، مريضن جي وقت سر منتقلي انفيڪشن کان بچاءُ ۽ ڪنٽرول ۽ مقامي آبادي جي شموليت انتهائي اهم انفيڪشن کان بچاءُ ۽ ڪنٽرول ۽ مقامي آبادي جي شموليت انتهائي اهم آهي

بقايا 34 روزاني عبرت

رڪارڊ ڪئي وئي اسٽيٽ بئنڪ موجب مالي سال 2026ع ۾ يورپي يونين جي ملڪن ۾ ڪم ڪندڙ پاڪستانين 5.22 ارب ڊالر ناڻو ڏيهہ موڪليو جيڪو مالي سال 2025ع جي ڀيٽ ۾ 15 سيڪڙو وڌيڪ آهي مالي سال 2025ع ۾ يورپي يونين ۾ ڪم ڪندڙ پاڪستانين 4.54 ارب ڊالر پرڏيهي ناڻو پاڪستان موڪليو هو جون ۾ يورپي يونين جي ميمبر ملڪن مان موڪليل ناڻي جو ڳاڻيٽو 415 ملين ڊالر رڪارڊ ڪيو ويو جيڪو گذريل سال جون جي ڀيٽ ۾ 6 سيڪڙو گهٽ آهي گذريل سال جون ۾ يورپي يونين جي ميمبر ملڪن مان موڪليل ناڻي جو ڳاڻيٽو 442 ملين ڊالر رڪارڊ ڪيو ويو هو

بقايا 35 روزاني عبرت

کي وڌيڪ مضبوط ڪيو ويندو. گلگت بلتستان کي ترقي خوشحالي ۽ پائيدار استحڪام جي نئين بلندين تائين پهچائينداسين. جمعي ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب، هن اهڙن خيالن جو اظهار مسلم ليگ ن سان تعلق رکندڙ گلگت بلتستان اسيمبلي ميمبرن سان ڳالهائيندي ڪيو جن وزيراعظم سان هٿي ملاقات ڪئي. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار اطلاعات ۽ نشريات جو وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ ڪشمير ۽ گلگت بلتستان معاملن جو وفاقي وزير انجنيئر امير مقام ۽ وزيراعظم جو سياسي ۽ عوامي معاملن جو صلاحڪار راڻا ثناء الله پڻ ملاقات ۾ موجود هئا. وزيراعظم چيو ته گلگت بلتستان جي عوام سدائين پاڪستان سان پنهنجي محبت، وفاداري ۽ قومي اتحاد جو عملي ثبوت ڏنو توهان عوام جا چونڊيل نمائندا آهيو

بقايا 36 روزاني عبرت

ڊپارٽمينٽ ضلعي نوشهرو فيروز ۽ تعلقو ڪنڊيارو پاران ماروي رورل ڊولپمينٽ فائونڊيشن جي سهڪار سان پرتشدد، انتهاپسندي جي روڪٿام بابت آگاهي سيمينار المڪا هوٽل ڪنڊيارو جي هال ۾ ٿي گذريو جنهن جي صدارت نعيم احمد ميمڻ ايڊيشنل ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر ضلعو نوشهرو فيروز سليم رضا سيال ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر نوشهرو فيروز سجاد احمد ميمڻ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر تعلقا ڪنڊيارو سانوڻ علي منگريو آفيس اسسٽنٽ سوشل ويلفيئر تعلقا ڪنڊيارو شريفا بلوچ سي .اي .او .ماروي ڊولپمينٽ ڪنڊيارو آياز حسين عباسي، سيد سرمد شاهہ ،ايڊوڪيٽ شهاب الدين پيرزادو، ظفر علي ڪوسو وزير احمد اڄڻ زوبيا لاڙڪ سوشل ورڪر جنسار سومرو ڊرتي ڊولپمينٽ محرابپور،انور ملاح، پرويز احمد بالادي ماروي ڊولپمينٽ ۽ ٻين سيمينار کي خطاب ڪندي امن، رواداري، برداشت، پرتشدد انتهاپسنديءَ جي روڪٿام لاءِ آگاهي ڏني

بقايا 37 روزاني عبرت

شر کي سندس والد گهر وٺي وڃي رهيو جنهن تي مڙس ناراض ٿيو ڪاوڙ ۾ اچي زال کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو جوابدار ۽ مقتول ڌر شڪارپور جا رهواسي آهن جيڪي مختلف جڳهن تي لڏ پلاڻ ڪري مال چاريندا آهن قتل ٿيل عورت جي والد ٻڌايو ته جوابدار خدابخش عرف خدو شر زال تي تشدد ڪندو هيو جنهن کي مڙس جي گهران واپس وٺي راڻيپور پهتاسين ته جوابدار فائر ڪري رضيہ کي قتل ڪري ڇڏيو

بقايا 38 روزاني عبرت

خاندانن کي بي گهر ڪيو ويو جڏهن ته هاڻي آئيني عدالت اهو فيصلو واپس وٺي ڇڏيو آهي هن چيو ته سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته جن متاثرين کي مالي نقصان ذهني تڪليف ۽ وڏو صدمو پهتو ڇا رياست انهن جو ازالو ڪندي؟ هن چيو ته ماضي ۽ موجوده عدالتي فيصلن عدالتي نظام ۽ انصاف جي فراهمي تي سنجيده سوال اٿاري ڇڏيا آهن منعم ظفر خان چيو ته هڪ جج عمارت کي غيرقانوني قرار ڏئي ڊهرائڻ جو حڪم ڏئي ٿو جڏهن ته ٻيو جج ان فيصلي کي اختيارن کان تجاوز قرار ڏئي واپس وٺي ٿو اهڙي تضاد سبب عدالتي نظام تي عوام جو اعتماد متاثر ٿئي ٿو هن وڌيڪ چيو ته نسلا ٽاور ڪيس بابت آئيني عدالت جو تازو فيصلو عدالتي نظام بابت ڪيترائي اهم سوال پيدا ڪري ٿو

بقايا 39 روزاني عبرت

جولاءِ 2026 کان ايندڙ هفتي لاءِ لاڳو ٿيندو نوٽيفڪيشن موجب، في ليٽر پيٽرول جي قيمت ۾ 13.18 رپيا واڌ ڪئي وئي آهي، جنهن کان پوءِ في ليٽر قيمت 297.53 رپين کان وڌي 310.71 رپيا ٿي وئي آهي هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي في ليٽر قيمت ۾ 13.80 رپين جي واڌ کانپوءِ 309.50 رپين کان وڌي 323.30 رپيا ٿي وئي آهي ان کان اڳ، ذريعن ٻڌايو هو ته حڪومت خام تيل جي قيمتن ۾ واڌ جو بار عوام تي رکهڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ جو امڪان آهي

بقايا 40 روزاني عبرت

ڪيس جو 10 صفحن تي ٻڌل لکت وارو فيصلو جاري ڪندي نسلہ ٽاور ڊاهڻ جو سبب بڻجندڙ سپريم ڪورٽ جي 21 ڊسمبر 2018ع ۽ 22 جنوري 2019ع جا حڪم واپس وٺي ڇڏيا آهن عدالت قرار ڏنو ته عدالتون پنهنجي سامهون موجود تڪرارن تائين محدود رهن ۽ غير ضروري معاملن ۾ مداخلت نہ ڪن جسٽس عامر فاروق جي سربراهيءَ ۾ جاري ڪيل فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته سپريم ڪورٽ سامهون لياريءَ جي هڪ غير قانوني عمارت بابت اپيل ٻڌڻيءَ هيٺ هئي. عدالت ان ڪيس جو دائرو پهرين پوري لياري ۽ پوءِ ڪراچي شهر تائين وسيع ڪري ڇڏيو فيصلي موجب سپريم ڪورٽ ٻڌڻيءَ هيٺ ڪيس کان اڳتي وڌي غير قانوني شادي هالن شاپنگ سينٽرن مارڪيٽس ۽ ڪراچي ماسٽر پلان خلاف تعميرات ڊاهڻ جهڙا وسيع حڪم جاري ڪيا، جيڪي عدالتي اختيارن کي اوراڳهڻ برابر هئا.

بقايا 41 روزاني عبرت

کي هٿي وٺرائڻ سميت مختلف معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ سيڪريٽري اطلاعات ڪاشف گلزار شيخ، ڊائريڪٽر جنرل اطلاعات معز پيرزادو، ڊائريڪٽر فلمز حزب الله ميمڻ بورڊ جي ميمبرن زالي سرحدي، وقاص رضوي ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين شرڪت ڪئي اجلاس دوران اطلاعات جي انتظام هيٺ ڪيل تيار ٿيندڙ فلمي منصوبن جي اڳڀرائي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو جڏهن ته فلمن جي پروجيڪشن ملڪي ۽ بين الاقوامي سطح تي ڊسٽريبيوشن مختلف فلم فيسٽيولز ۾ شرڪت، نجي شعبي سان اشتراڪ ڊجيٽل رليز ۽ جديد گهرجن سان هم آهنگ تشهيري حڪمت عملي تي بہ خيالن جي تفصيلي ڏي وٺ ڪئي وئي ان موقعي تي او ٽي ٽي پليٽ فارمز ۽ سوشل ميڊيا ذريعي سنڌ حڪومت جي فلمي منصوبن کي اثرائتي انداز ۾ متعارف ڪرائڻ جي مختلف پاسن تي بہ غور ڪيو ويو

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر، بيگاري ڊويزن، جيڪب آباد

No. SKP/G-66/441
Jacobabad, Dated: 09-07-2026

مال، ڪم ۽ خدمتن جي خريداري لاءِ ساليانو آڇون / ڪوٽيشنز لاءِ دعوت نامو سال 2026-2027

ايگزيڪيوٽو انجنيئر، بيگاري ڊويزن، جيڪب آباد، دلچسپي رکندڙ ٺيڪيدارن، سپلائرز، فرمن ۽ بااختيار ماڻهن کان اي-پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) ذريعي اليڪٽرانڪ آڇن جي دعوت ڏئي ٿو جيڪي SPPRA رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) جي هڪ مرحلي تي ٻہ لفافي طريقيڪار تحت، مالي سال 2026-2027 لاءِ مال، ڪم ۽ خدمتن جي خريداري لاءِ آهن.

1. قومي مقابلي واري آڇ (NCB) تحت واڪ دستاويز، گهربل مال، ڪم ۽ خدمتن، مٽيريل / جاب ورڪ وغيره جي قيمتن جي لسٽن / شيڊول سميت (جيئن هيٺ تفصيل ڏنل آهي)، آفيس جي ڪم وارن ڪلاڪن دوران 03-08-2026 تائين جاري ڪيا ويندا ۽ 03-08-2026 تي صبح جو 11:30 وڳي تائين واپس وصول ڪيا ويندا. ٽيڪنيڪل آڇون ساڳئي ڏينهن يعني 03-08-2026 تي منجهند جو 12:00 وڳي پروڪيورمينٽ ڪميٽي پاران ٺيڪيدارن / ايجنسين يا انهن جي بااختيار نمائندن جي موجودگي ۾، آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر، بيگاري ڊويزن، جيڪب آباد ۾ کوليون وينديون.

شمار نمبر	شيون / تفصيل	واڪ دستاويز في	ڪال ڊپازٽ / بڊ سيڪيورٽي	ريمارڪس
1.	سال 2026-2027 لاءِ بيگاري ڪينال ميل 33/0 کان 78/0 ۽ ان جي شاخن لاءِ آبڪلائي مٽيريل (ٻوڏ کان بچاءُ وارو سامان)، مال ۽ خدمتن جي خريداري.	3,000	1,000,000	تفصيل هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ موجود آهن ۽ آفيس جي ڪلاڪن دوران ڪنهن بہ ڪم واري ڏينهن تي حاصل ڪري سگهجن ٿا.

2. آڇ سان گڏ مٿي ڄاڻايل رقم موجب، ڪنهن بہ شيڊولڊ بئنڪ مان ايگزيڪيوٽو انجنيئر، بيگاري ڊويزن، جيڪب آباد جي نالي تي ڪال ڊپازٽ جي صورت ۾ بڊ سيڪيورٽي شامل هجڻ گهرجي.
3. ٽينڊر جي دعوت جو نوٽيس (NIT) اخبارن ۾ شايع ڪيو ويندو ۽ SPPRA رولز جي مطابق EPADS پورٽل / SPPRA ويب سائيٽ تي پڻ رکيو ويندو.
4. واڪ دستاويز جي في ناقابل واپسي آهي. مقرر ڪيل ڪال ڊپازٽ / بڊ سيڪيورٽي کان سواءِ ڪا بہ آڇ قبول نہ ڪئي ويندي.
5. ڏنل قيمتون مال، ڪم ۽ خدمتن جي ساليانو خريداري لاءِ 30 جون 2027 تائين صحيح ۽ لاڳو رهنديون.
6. مشروط آڇون / ڪوٽيشنز قبول نہ ڪيون وينديون.
7. ڪامياب واڪ ڏيندڙ (سپلائر) مالي سال 2026-2027 دوران هيٺ صحيح ڪندڙ پاران جاري ڪيل لکت واري آرڊر تي، سائيٽ تي O&M / M&R ڪمن لاءِ گهربل مٽيريل جڏهن ۽ جيتري ضرورت هجي، فراهم ڪرڻ جو پابند هوندو.
8. ڏنل قيمتن ۾ آڇ جي وقت لاڳو سڀئي فيڊرل (وفاقي)، پراونشل (صوبائي) ۽ لوڪل (مقامي) ٽيڪس شامل هجڻ گهرجن.
9. واڪ ڏيندڙن جو لاڳاپيل وفاقي ۽ صوبائي ٽيڪس اختيارين يعني FBR ۽ SRB وٽ رجسٽرڊ هجڻ لازمي آهي ۽ کين صحيح رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ / دستاويز، CNIC جي ڪاپي ۽ هڪ حلف نامو جمع ڪرائڻو پوندو ته فرم ڪڏهن بہ بليڪ لسٽ ناهي ٿي.
10. پروڪيورمينٽ ايجنسي وٽ SPPRA رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) جي شقن تحت ڪنهن بہ يا سڀني آڇن / ڪوٽيشنز کي رد ڪرڻ جو اختيار محفوظ آهي.
11. آڇون آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر، بيگاري ڊويزن، جيڪب آباد ۾ جمع ڪرايون وينديون.
12. ڪو بہ جواب نہ ملڻ / غير جوابي آڇون / ڪوٽيشنز جي صورت ۾ ٻيو شيڊول (سيڪنڊ شيڊول):

وصولي: 18-08-2026 تي منجهند جو 12:00 وڳي تائين
کلڻ جي تاريخ: 18-08-2026 تي منجهند جو 01:00 وڳي

INF/KRY/2921/2026

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
بيگاري ڊويزن، جيڪب آباد

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

آفس آف دي مختيارڪار تعلقو صوڀوديرو ضلع خيرپور

تاريخ:16-06-2026 روانگي نمبر: 277

نوٽيس عام اطلاع

1. جيئن ته سنڌ صوبي جي حقن جي رڪارڊ (Records of Rights) جي آخري جاچ ۽ تصديق 1985-86 دوران سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 40 تحت ڪئي وئي هئي. ڪاتن جي نئين سر جانچ پڙتال ۽ درستگيءَ ڪي يقيني بڻائڻ لاءِ تصديق جو عمل پوري سنڌ صوبي ۾ شروع ڪيو ويو آهي. بورڊ آف روينيو سنڌ بتاريخ 28 فيبروري 2025 تي ٿيل فل بورڊ جي اجلاس ۽ سنڌ لينڊ ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 40 پاران ڏنل اختيارن جو استعمال ڪندي بورڊ آف روينيو سنڌ حيدرآباد تاريخ 12-02-2026 نمبر 1-11/36/2026/Misc/RW/BOR-Rev جي حڪم تحت رڪارڊ جي حوالي سان هڪ خاص ڀيهر نظرثاني تصديق ۽ گهربل ترميم جو ڪم هلي رهيو آهي. اهڙي ئي نموني حڪومت سنڌ حقن جي رڪارڊ کي هڪ مضبوط ۽ آسانيءَ سان منتقل ٿيڻ وارو جديد ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي جي ذريعي پروجيڪٽ پڻ شروع ڪيو آهي، جيڪو خاص عوامي سهولت لاءِ آهي.
2. مليل مٿين احڪامات جي تحت رڪارڊ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 جي سب سيڪشن (11)، (12) ۽ (13) تحت مقرر ڪيل طريقيڪار مطابق ضلع خيرپور جي تعلقي صوڀوديرو جي تپو گهٽو پاڳت ديهه خليفو هرياه ۾ ري رائيٽنگ ڀيهر لکڻ ۽ رڪارڊ جي درستگي جو ڪم هلي رهيو آهي، ان جي لاءِ هي اطلاع ڏنو وڃي ٿو هي رڪارڊ اليڪٽرانڪ پليٽ فارم www.khairpur.gos.pk تي پڻ رکيو ويو آهي.
3. جيڪڏهن تپو گهٽو پاڳت جي ديهه خليفو هرياه سروي نمبرن ۾ ڪنهن به کاتيدار جي نالي سروي نمبر ۽ سنڌن زمين بابت ڪنهن به ملڪيت سروي نمبر يا ڪنهن به ڳالهه تي اعتراض هجي ته هو مختيارڪار آفيس/اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقو صوڀوديرو جي آفيس ۾ 15 ڏينهن جي اندر اعتراض داخل ڪرائي سگهن ٿا ٻي صورت ۾ مٿي ڄاڻايل رڪارڊ حقدارن/ کاتيدارن جي نالن سان ڀيهر رڪارڊ ڪيو ويندو.
4. هي نئين سر ڪاتن جي تصديق ۽ ڪمپيوٽرائزڊ رڪارڊ شناختي ڪارڊ جي مطابق رکيو ويندو، انهي ڪري جنهن به ڪاتي ۾ شناختي ڪارڊ وڌل نه آهي يا غلط آهي انهن سمورن کاتيدارن کي گذارش ٿي ڪجي ته پنهنجو شناختي ڪارڊ ڪٺي اچن ته جيئن شناختي ڪارڊ جي معلومات ڪاتي جي نئين ڪتاب ۾ درست اچي سگهي.

جريان نمبر	اڳوٽي داخلا ۽ تاريخ	داخلا جي تاريخ	حق حاصل ڪندڙ جو نالو	حقن جو قسم	سروي نمبر	ڪل ايراضي	تصديق ڪندڙ عملدارن جا ريمارڪ	بعد ۾ ڦير ڦار جي تاريخ ۽ داخلا	ريمارڪس
01		Vii ب 179 28-01-2009	غلام مصطفي ولد علي بخش مشوري 50 پئسا	رجسٽرڊ دستاويز موجب داخلا رکيل آهي	217 218	2-04 2-07			
02		Vii ب 01 12-03-2011	گل خان ولد علي بخش مشوري 50 پئسا	رجسٽرڊ دستاويز موجب داخلا رکيل آهي		4-11			
03		Vii ب 3 10-05-2011	علي حسن ولد شفيع محمد مشوري سارو	رجسٽرڊ دستاويز موجب داخلا رکيل آهي	165 164	1-09 1-20			
04		Vii ب 3 10-05-2011	(i) علي حسن ولد شفيع محمد مشوري 40 پئسا	رجسٽرڊ دستاويز موجب داخلا رکيل آهي	168	1-06			
		Vii ب 122 18-12-2001	(2) حبيب الله ولد نور محمد مشوري 60 پئسا	رجسٽرڊ دستاويز موجب داخلا رکيل آهي					
05		Vii ب 05 26-05-2011	غلام رضا ولد غلام حيدر هرياھ سارو	رجسٽرڊ دستاويز موجب داخلا رکيل آهي	70 254 255 575 676	2-07 1-23 4-35 1-22 1-32			
06		Vii ب 8 02-08-2011	اصغر علي ولد قادرداد مشوري سارو	رجسٽرڊ دستاويز موجب داخلا رکيل آهي	166 171 645	1-00 2-02 1-05			
07		Vii ب 09 03-01-2012	نصرالله ولد غلام فريد هرياھ سارو	رجسٽرڊ دستاويز موجب داخلا رکيل آهي	574	2-33			
08		Vii ب 164 04-05-2023	زين العابدين ولد محمد عيسي سارو	رجسٽرڊ دستاويز موجب داخلا رکيل آهي	127	5-01			
09		Vii الف 02 21-10-85	(1) الهڏنو ولد محمد خان هرياھ 78 پئسا (2) ڪستوربين 22 پئسا	Vii الف 02 21-10-85 موجب داخلا رکيل آهي	215	1-00			
10		Vii الف 03 21-10-85	(1) اميد علي ولد ڪوڙو سولنگي سارو	Vii الف 03 21-10-85 موجب داخلا رکيل آهي	83	1-03			
11		Vii الف 04 21-10-85	الهڏنو ولد محمد حسن سيال سارو	Vii الف 04 21-10-85 موجب داخلا رکيل آهي	13 14 613	5-04 3-01 1-39			
12		Vii الف 05 موجب 21-10-85	(1) آڍو ولد مانڪ سولنگي 50 پئسا (2) نبي بخش ولد مانڪ سولنگي 50پئسا	Vii الف 05 21-10-85 موجب داخلا رکيل آهي	74 524 533 534 876 583	1-09 0-07 1-00 1-03 1-04 1-28			
13		Vii الف 19 21-10-85	(1) امار بخش ولد محمد علي سيال 50 پئسا (2) بهادر ولد احمد علي سيال 50 پئسا	Vii الف 19 21-10-85 موجب داخلا رکيل آهي	465	1-33			
14		Vii الف 20 21-10-85	(1) امار بخش ولد محمد علي سيال 50 پئسا (2) الهڏنو ولد ڪالو سيال 50 پئسا	Vii الف 20 21-10-85 موجب داخلا رکيل آهي	724	2-09			
15		Vii الف 22 21-10-85	(1) امار بخش ولد محمد علي سيال 20 پئسا (2) در محمد ولد چام سيال ½ 10 پئسا (3) عيدل خان ولد چام سيال ½ 10 پئسا (4) مستي خان حامد سيال 17 پئسا (5) محمد رمضان ولد مهوال 17 پئسا (6) غلام محمد ولد وريام 13 پئسا (7) حمزه ولد علي ڏنو 6 پئسا (8) ڪالو ولد گهرام 6 پئسا	Vii الف 22 21-10-85 موجب داخلا رکيل آهي	642	1-00			
16		Vii الف 24 21-10-85	(1) الهڏنو سائينداد حطار 20 پئسا (2) بهادر سائينداد حطار 20 پئسا (3) پيارو سائينداد حطار 20 پئسا (4) نارو سائينداد حطار20 پئسا (5) خان محمد سائينداد حطار 20 پئسا	Vii الف 24 21-10-85 موجب داخلا رکيل آهي	44 683 684 685	1-28 1-33 1-36 1-32			
17		Vii الف 25 21-10-85	(1) الهڏنو سائينداد حطار 15 پئسا (2) بهادر سائينداد حطار 15 پئسا (3) پيارو سائينداد حطار 15 پئسا (4) نارو سائينداد حطار 15 پئسا (5) خان محمد سائينداد حطار 15 پئسا (6) پيروز صوبو حطار 11 پئسا (7) لهڻو ولد صوبو حطار 11 پئسا (8) مسمات ڦاپل زال صوبو حطار 03 پئسا	Vii الف 25 21-10-85 موجب داخلا رکيل آهي	41	1-17			
18		Vii الف 26 21-10-85	(1) الهرکيو ولد ميوو هرياھ 50_ (2) نبي بخش ولد ميوو هرياھ 50_	Vii الف 26 موجب 21-10-85 داخلا رکيل آهي	146 147	4-31 3-20			
19		Vii الف 27 21-10-85	(1) الهه بخش آڍو سولنگي 25- (2) امار بخش الهرکيو سولنگي 25- (3) بلاول حاجي خان سولنگي 25- (4) نارو سائينداد سولنگي 25-	Vii الف 26 موجب 25- داخلا رکيل آهي 21-10-85	577 578	2-20 1-28			
20		Vii الف 28 21-10-85	(1) ادريس ولد ڪوڙو سيال 17- (2) مٺو ولد ڪوڙو سيال 17- (3) بخشل ولد مولا بخش سيال 15- (4) محمد نواز ولد مولا بخش سيال 15- (5) ممتاز علي ولد مولا بخش سيال 14- (6) مسمات حميدان ڌيءُ مولا بخش سيال 7- (7) فاطمه ڌيءُ مولا بخش سيال7- (8) صاحب خاتون زال مولا بخش سيال 8-	Vii الف 28 موجب 21-10-85 داخلا رکيل آهي	09	1-09			
21		Vii الف 29 21-10-85	(1) آچر ولد ڀيو سيال 50- (2) محمد جمن ولد ڀيو سيال 50-	Vii الف 28 موجب 21-10-85 داخلا رکيل آهي	306 311 508 509 723 768	2-01 2-27 0-36 0-12 2-00 1-19			
22		Vii ب 217 1-08-25 Vii ب 218 1-08-25	(1) الهداد محمد بخش سيال 50- (2) ڪريم داد ولد محمد بخش سيال 50-	رجسٽرڊ دستاويز موجب داخلا رکيل آهي	273 274 635 636 640 278 290 637 545	2-13 2-15 2-13 1-37 0-17 2-05 1-31 2-06 3-10			
23		Vii الف 34 21-10-85	مسمات بدرالنساءُ ڌيءُ غلام علي هرياھ سارو	Vii الف 34 21-10-85 موجب	132	1-28			
24		Vii الف 35 21-10-85	(1) مسمات بدرالنساءُ ڌيءُ غلام علي هرياھ 75- (2) درگاھ نبهندو شاھ 25-	Vii الف 35 21-10-85 موجب	501	2-36			
25		Vii الف 45 21-10-85	جمع ولد نظر محمد هرياھ سارو	Vii الف 45 21-10-85 موجب	536	0-06			
26		Vii الف 47 21-10-85	جمع ولد نظر محمد هرياھ سارو	Vii الف 47 21-10-85 موجب	68 497 498 530	1-32 3-20 1-14 0-22	8/18		
27		Vii الف 48 21-10-85	(1) جوايو ولد رتو سيال 50- (2) رتو دلاور سيال 25- (3) رسول بخش الهڏنو 25-	Vii الف 48 21-10-85 موجب	443	1-20			
28		Vii الف 51 21-10-85	(1) حمزو ولد ڏاتو سيال 50- (2) ڪالو ولد گهرام سيال 50-	Vii الف 51 موجب 21-10-85 داخلا رکيل آهي	468 473 550	2-07 3-01 0-13	5/21		
29		Vii الف 52 21-10-85	(1) حمزو ولد ڏاتو سيال 50- (2) ڪالو ولد گهرام سيال 13- (3) امداد حسين شاھ ولد غلام عباس شاھ 37-	Vii الف 52 21-10-85 موجب	474 549 644	3-32 0-03 2-17	6/12		
30		Vii الف 54 21-10-85	خير محمد ڪنبر خان حطار سارو	Vii الف انٽري 54 موجب 21-10-85 داخلا رکيل آهي	35	1-20			
31		Vii الف 53 21-10-85	(1) خان محمد ولد الهرکيو مگڻيجو 50- (2) رانجهو ولد خان محمد مگڻيجو 50-	Vii الف انٽري 31 موجب 21-10-85 داخلا رکيل آهي	771 12 624 625 626 627 628 628 630 631 632 633 634	1-00 1-34 1-00 1-03 1-03 1-20 1-00 1-00 1-00 1-00 1-00 1-27 1-00			نوٽ: خان محمد جو سروي 12، 631، 632، 633، 634، 624، مان (30-3) ۽ سروي 626 مان (10-0 گهٽته) ڪل (4-00) جو فرد جاري ٿيو.
32		Vii الف 55 21-10-85	(1) خانڻ ولد سائينداد حطار 50- (2) احمد ولد پيارو حطار 25- (3) محرم ولد پيارو حطار 25-	Vii الف انٽري 55 21-10-85 موجب داخلا رکيل آهي	38	1-24			
33		Vii الف 73 21-10-85	(1) رضا محمد ولد محمد رمضان حطار سارو	Vii الف انٽري 73 21-10-85 موجب داخلا رکيل آهي	34 40 46	3-11 1-19 2-19			
34		Vii الف 75 21-10-85	(1) رحمت الله ولد عارب سومرو سارو	Vii الف انٽري 75 21-10-85 موجب داخلا رکيل آهي	106 107 603	2-10 3-29 1-33			
35		Vii الف 80 21-10-85	(1) رانجهو ولد لعلو پٺاڻ 34- (2) تڳيو ولد لعلو پٺاڻ 33- (3) سونو ولد لعلو پٺاڻ 33-	Vii الف انٽري 80 21-10-85 موجب داخلا رکيل آهي	315	1-25			
36		Vii الف 82 21-10-85	زيب النساء ڌيءُ محمد عرس هرياھ سارو	Vii الف 82 21-10-85 موجب	258/2	3-26			
37		Vii الف 85 21-10-85	سوجهرو ولد عبدالرشيد ڪوڪر سارو	Vii الف 85 21-10-85 موجب	123 124	2-28 2-29			
38		Vii الف 112 21-10-85	عبدالرشيد ولد محمد بخش هرياھ سارو	Vii الف انٽري 112 21-10-85 موجب داخلا رکيل آهي	59 61 63 65 330 231 235 247 257 356 357 516 589 828 829 834	2-31 3-19 2-19 4-00 3-20 2-24 2-04 1-05 4-01 4-01 6-14 3-06 3-23 1-37 2-36 2-19 1-24			
39		Vii ب 244 10-12-2025	جاويد حسين ولد غلام فريد هرياھ سارو 45208-6453804-5	رجسٽرڊ دستاويز موجب داخلا رکيل آهي	675	2-00			
40		Vii ب 42 20-02-2014	سراج احمد ولد ارشاد احمد هرياھ 34- رضوان احمد ولد ارشاد احمد هرياھ 33- محسن علي ولد ارشاد احمد هرياھ 33-	رجسٽرڊ دستاويز موجب داخلا رکيل آهي	495 148 151 537 595	1-27 3-29 5-06 2-05 1-24			

INF/KRY-2864/26

بقايا صفحو نمبر 5

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
روزاني عبرت
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

چنڇر 11 جولاءِ 2026ع

رت روئيندڙ سنڌ ۽ اسان جي ذميواري!

سنڌ جي ڌرتي صوفين، درويشن، محبت، ڀائيچاري ۽ انسانيت جي پيغام سان سڃاتي ويجي ٿي، پر جڏهن هن ئي ڌرتيءَ تي ناتا خوني تڪرارن ۾ تبديل ٿي وڃن، جڏهن گهرن جا ڏيئا وسامي وڃن ۽ جڏهن مائرن جي جهولين مان اولاد ۽ اولاد جي مٿان مائرن جو ڇانئو کسجي وڃي، تڏهن رڳو ڪجهه ماڻهو ناهن مرندا، پر پوري سماج جو ضمير زخمي ٿي پوندو آهي. خيرپور جي ڪچي واري علائقي ڪوٽ مير محمد ۾ ماڇليءَ جي تڪرار تان ناريجا برادريءَ جي ٻن ڌرين وچ ۾ ٿيل خوني جهيڙي جنهن ۾ ٻن عورتن سميت ڪيترن ئي انسانن جون حياتيون ختم ٿي ويون، اهو واقعو رڳو هڪ خاندان يا هڪ برادريءَ جو الميو نه آهي پر اهو سڄي سنڌ لاءِ هڪ دردناڪ سوال آهي ته آخر اسان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيون؟ ڇا اسان جا اختلاف، انا، ضد ۽ روايتي دشمني هاڻي انساني جانين کان به وڌيڪ قيمتي ٿي وئي آهي؟ انهن مارجي ويلن مان هر هڪ جي پويان هڪ گهر، هڪ خاندان، هڪ دنيا ۽ بي شمار خواب هئا. ڪنهن ماءُ پنهنجي جوان پٽ کي وڃايو هوندو، ڪنهن ٻار جي مٿي تان پيءُ جو ٻاجهه ڀريو هٿ کسجي ويو هوندو، ڪنهن ڀيڻ پنهنجي ڀاءُ جي وڇوڙي تي دانهن ڪئي هوندي ته ڪنهن زال جي اکين اڳيان سندس زندگيءَ جو سهارو هميشه لاءِ وڇڙي ويو هوندو. سڀ کان وڌيڪ ڏکوئيندڙ پهلو اهو آهي ته هن خونريز جهيڙي ۾ عورتون پڻ حياتيون وڃائي ويٺيون، اهي عورتون جيڪي شايد امن جون دعائون گهري رهيون هيون، جيڪي شايد پنهنجن گهرن کي بچائڻ ۽ تڪرار کي ختم ڪرائڻ جون ڪوششون ڪري رهيون هيون، پر آخرڪار تشدد جي باهه انهن کي به پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو.

ڪچي جا علائقا ڪيترن ئي سالن کان قانوني ۽ سماجي مسئلن جو مرڪز بڻيل رهيا آهن. قبيلائي تڪرار، دشمني، هٿيارن جي عام موجودگي ۽ قانون کان مٿانهون هجڻ جو احساس ڪيترن ئي معصوم زندگين کي ڳڙڪائي چڪو آهي. افسوس جي ڳالهه اها آهي ته هر واقعي کان پوءِ ڪجهه ڏينهن لاءِ مذمت، نوٽيس ۽ گرفتارين جون ڳالهيون ٿينديون آهن، پر وقت گذرڻ سان گڏ اهي دردناڪ داستان به ماضيءَ جي ورقن ۾ دفن ٿي ويندا آهن. جڏهن ته زخمن جا نشان متاثر خاندانن جي دلين تي سڄي عمر رهجي ويندا آهن. خون جو بدلو خون سان وٺڻ ڪڏهن به مسئلن جو حل نه رهيو آهي. هڪ قتل ٻئي قتل کي جنم ڏئي ٿو، هڪ دشمني ٻي دشمني پيدا ڪري ٿي ۽ پوءِ نسلن تائين نفرت ۽ انتقام جو اهو سلسلو ختم ٿيڻ جو نالو ئي نٿو وٺي. نتيجي ۾ قبرستان ڀرجندا رهن ٿا ۽ گهر اجڙندا وڃن ٿا. جن ٻارن کي ڪتاب هٿن ۾ هئڻ گهرجن، اهي يتيمي ۽ خوف جي ماحول ۾ وڏا ٿين ٿا. جن عورتن کي خوشين جا گيت ڳائڻ گهرجن، اهي ماتم جون صدائون ٻڌجي وڃن ٿيون.

جيتوڻيڪ سنڌ جي وڏي وزير، صوبائي گهرو وزير ۽ آءِ جي سنڌ واقعي جو نوٽيس وٺي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ هدايتون جاري ڪيون آهن پر اصل ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اهڙن واقعن کي جنم ڏيندڙ سببن جو مستقل حل ڳوليو وڃي. قانون جي بالادستيءَ کي يقيني بڻائڻ، هٿيارن جي نمائش ۽ استعمال تي سخت پابندي، برادرين ۽ قبيلن وچ ۾ مصالحت جو نظام ۽ نوجوان نسل کي تعليم ۽ شعور سان جوڙڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. سنڌ جي سماج کي پڻ پنهنجي اندر جهاتي پائڻ جي ضرورت آهي. اسان کي اهو فيصلو ڪرڻو پوندو ته اسان پنهنجي ايندڙ نسلن کي نفرت ۽ انتقام جي ورثي سان ڇڏڻ چاهيون ٿا يا محبت، برداشت ۽ انسانيت جي پيغام سان. جيڪڏهن اسان اڄ به نه جاڳياسين ته سڀاڻي شايد ڪنهن ٻئي ڳوٺ، ڪنهن ٻي برادري ۽ ڪنهن ٻئي خاندان مان ساڳيون دانهون، ساڳيا سڏڪا ۽ ساڳيا جنازا اٿندا. ڪوٽ مير محمد جي هن دردناڪ واقعي اسان سڀني کي هڪ ڀيرو ٻيهر ياد ڏياريو آهي ته بندوق جي گولي ڪنهن هڪ شخص کي نه ماريندي آهي، اها ڪيترن ئي زندگين کي زخمي ڪري ڇڏيندي آهي. اها رڳو جسم ختم نه ڪندي آهي پر خوابن اميدن ۽ مستقبل کي به دفن ڪري ڇڏيندي آهي. تنهنڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسان مقتولن جي وارثن جي درد کي محسوس ڪريون، سندن اکين جا ڳوڙها ڏسون ۽ اهو عزم ڪريون ته سنڌ جي ڌرتيءَ کي وڌيڪ رت سان رڱجڻ نه ڏينداسين ڇو ته هيءَ ڌرتي محبت جي آهي، نفرت جي نه: هيءَ امن جي آهي، جنگ جي نه: ۽ هي زندگي جي آهي، موت جي نه.

لطيفي لات —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

اَڳڻِ تَازِي، ٻَهَرِ ڪُنڊِيُون، ڀَڳا ڀِٽَ سُونَهَنِ،
سُرَهِي سيجَ پَاسِي پِرِين، مَرَ پِيا مِينهَن وَسَنِ،
اَسَانَ ۽ پِرِيَنِ، شَالَ هُونِ بَرابَرِ ڏِينهَڙا...

انسان جي اندر جي هڪ آس، اميد، دل جي گهرج، جنهن ۾ خوشالي هجي، سڪ وندين دلين جا ارمان، وڇوڙن جي وڇيل روحن جون اميدون، جن کي لطيف سائينءَ اهڙي طرح پيش ڪري ٿو جو هرڪو سمجهي ته اها منهنجي دل جي ڳالهه آهي منظر ڪشيءَ جو ڪمال آهي. اڳڻ تي تازي گهوڙا هجن، تازي گهوڙو جيڪو سهڻو ۽ تيز ڊوڙندڙ هوندو آهي ۽ اهي عام ماڻهو خريد نه ڪري سگهندو آ. وٿاڻ تي سنڌ جي پلي نسل واريون ڪنڍيون مينهون هجن، پوءِ پلي ڪکاوان گهرٽي سهي پر پوئي تي ڏاڍا سهڻا ٿا لڳن. ڏاڍا پلا پيا لڳن. سرهي سيج، "جيڪا هميشه گهوٽ ڪنوار لاءِ خوشبوئن سان سجائي ويندي آهي" وڇايل هجي، پاسي ۾ پرين هجن، سڄڻ هجن پوءِ سدا مينهن پيا وسندا رهن. آسر وند دل دعا ٿي گهري ته خدا ڪندو پرينءَ ۽ منهنجي ڪاڻ سدائين، هميشه لاءِ اهڙا ئي ڏينهن هجن. جنهن ۾ بک، بدحاليءَ جا ڏولاوا نه هجن. پرين سان گڏ گذران هجي. وڇوڙي ۽ دربدريءَ جو نالو نشان ئي نه هجي. اسان جي سنڌ ڌرتيءَ جي خوشحالي پيار، محبت، ميٺ لاءِ لطيف سائين جي دعا.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

زندگيءَ جا رنگ!


پير دلبر سائين

ڪو ڪاريگر جڏهن قلين اُڻندو آهي ته ڪڏهن ڳاڙهو ڌاڳو ڪڍندو آهي ڪڏهن نيرو، ڪڏهن سائو ۽ ڪڏهن ڪارو پري کان ڏسندڙ کي ڪجهه ڌاڳا بي ترتيب لڳندا آهن پر جڏهن قلين مڪمل ٿيندو آهي ته خبر پوندي آهي ته هر رنگ پنهنجي جاءِ تي ڪيترو ضروري هو انسان جي زندگي به رب العلمين جي قدرت جو اهڙوئي قلين آهي ڪڏهن اسان کي ڪي واقعا سمجهه ۾ نه ايندا آهن پر وقت گذرڻ سان معلوم ٿيندو آهي ته انهن کان سواءِ زندگيءَ جي تصوير اڌوري هئي زندگي هڪ ئي رنگ جو نالو نه آهي ان ۾ خوشي به آهي غم به آهي صحت به آهي بيماري به آهي ملڻ به آهي وڇوڙو به آهي بهار به آهي خزان به آهي ڪاميابي به آهي ناڪامي به آهي عزت به آهي ۽ آزمائش به آهي الله تعاليٰ هن دنيا کي هڪ ئي رنگ تي پيدا نه ڪيو آهي بلڪ رنگن جي اهڙي حسين ترتيب سان جوڙيو آهي جو هر رنگ پنهنجي جاءِ تي هڪ حڪمت ۽ هڪ سبق رکي ٿو جيڪو انسان رڳو هڪ رنگ سان محبت ڪندو، اهو باقي رنگن کان شڪايت ڪندو رهندو پر جيڪو هر رنگ ۾ پنهنجي رب جي حڪمت ڏسندو، اهو هر حال ۾ سڪون محسوس ڪندو.

سوچي ڏسو! جيڪڏهن سال جا ٻارهن مهينا رڳو بهار هجي ها ته ڇا بهار جي ڪا اهميت رهجي وڃي ها؟ جيڪڏهن هر ڏينهن عيد هجي ها ته عيد جي خوشي محسوس ٿئي ها؟ جيڪڏهن هر وقت صحت ئي صحت هجي ها ته شفا جي نعمت جو قدر ڪير ڪري ها؟ حقيقت اها آهي ته الله تعاليٰ نعمتن جي سڃاڻپ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن انهن جي ابتڙ حالتون به ڏيکاريندو آهي اونداهيءَ کان پوءِ روشني وڌيڪ وڻندي آهي اُڃ کان پوءِ پاڻي وڌيڪ مٺو لڳندو آهي ڏکن کان پوءِ راحت وڌيڪ قيمتي محسوس ٿيندي آهي سمنڊ کي ڏسو ڪڏهن لهرون ماٺ ۾ هونديون آهن ته ڪڏهن طوفان اٿندا آهن پر سمنڊ پنهنجي سڃاڻپ ته وڃائيندو آهي مؤمن جي زندگي به اهڙي هجڻ گهرجي خوشي اچي ته شڪر آزمائش اچي ته صبر حالتون بدلجن پر الله تعاليٰ تي ڀروسو نه بدلجي جيڪو پنهنجي اصولن کي حالتن سان گڏ بدلائيندو رهندو آهي اهو ئي هر ٿيڻ لهر سان لڏندو رهندو آهي قوس قزح (انڊلٺ) هڪ رنگ سان نه پر ستن رنگن سان حسين لڳندي آهي انسان جي زندگي به رڳو ڪاميابين سان نه پر صبر، شڪر، محنت، غلطي توبهه، اميد ۽ دعا جي رنگن سان مڪمل ٿيندي آهي جيڪو پنهنجي زندگيءَ مان ڪنهن هڪ رنگ کي ڪڍڻ چاهيندو، اهو زندگيءَ جي خوبصورتيءَ کي اڌورو ڪري ڇڏيندو هڪ ڪتاب ۾ جيڪڏهن رڳو هڪ ئي باب يا سبق هجي ته پڙهندڙ جلدي ٿڪجي پوندو پر جڏهن ان ۾ مختلف باب، مختلف موضوع ۽ مختلف ڪهاڻيون هونديون ته اهو دلچسپ بڻجي پوندو انسان جي زندگي به هڪ ڪتاب آهي ان ۾ ٻالڪپڻ جو باب، جوانيءَ جو باب، آزمائشن جو باب، ڪاميابين جو باب، جدائيءَ جو باب ۽ ملاقاتن جو باب، سڀ گڏجي زندگيءَ کي معنيٰ ڏيندا آهن داناءَ اهو آهي جيڪو ڪنهن هڪ باب کي ڏسي سڄي ڪتاب بابت فيصلو نه ڪري، الله تعاليٰ ڪڏهن نعمت ڏئي شڪر سيکاريندو آهي ڪڏهن آزمائش ڏئي صبر سيکاريندو آهي ڪڏهن محرومي ڏئي دعا سيکاريندو آهي ڪڏهن عطا ڏئي عاجزي سيکاريندو آهي ۽ ڪڏهن وڇوڙو ڏئي محبت جي قيمت سمجهائيندو آهي زندگيءَ جا سڀ رنگ دراصل رب العلمين جي رحمت جا مختلف انداز آهن جيڪو انهن رنگن ۾ پنهنجي رب جي حڪمت ڏسي وٺندو، ان جي دل مان شڪايتون گهٽجي وينديون ۽ شڪر جا گل ٽڙڻ لڳندا آهن ان ڪري زندگيءَ کان اهو مطالبو نه ڪريو ته اها هميشه اوهان جي مرضيءَ مطابق هلي بلڪ پنهنجي دل کي ايترو وسيع بڻايو جو زندگيءَ جو هر رنگ اوهان کي پنهنجي رب ڏانهن وڌيڪ ويجهو آڻي ڇو ته زندگيءَ جو سڀ کان حسين رنگ اهو آهي جنهن ۾ انسان هر حال ۾ پنهنجي پالڻهار جي رضا، رحمت ۽ حڪمت کي ڏسڻ سکي وٺي هڪ موبائل فون جي بيٽري هر وقت سئو سيڪڙو ڀريل ناهي رهندي، ڪڏهن چارج ٿيندي آهي ڪڏهن استعمال ٿيندي آهي جيڪڏهن ڪو ماڻهو رڳو چارج ئي ڪندو رهي ۽ استعمال نه ڪري ته ان جو ڪو فائدو نه ٿيندو زندگي به اهڙي آهي ڪڏهن آرام جا ڏينهن هوندا آهن ته جيئن طاقت گڏ ٿئي ڪڏهن محنت جا ڏينهن هوندا آهن ته جيئن اها طاقت ڪم اچي هوائي جهاز جڏهن آسمان ڏانهن اڏامندو آهي ته سڀ کان وڌيڪ طاقت شروع وارن لمحن ۾ خرچ ڪندو آهي اوچائي حاصل ٿيڻ کان پوءِ سفر نسبتاً آسان ٿي ويندو آهي زندگيءَ ۾ به شروعاتي جدوجهد اڪثر ڏکي هوندي آهي پر جيڪو همت نه هاريندو آهي ان لاءِ اڳتي جا رستا آسان ٿيندا ويندا آهن (هلندڙ)

ماڻهوءَ کان انسان تائين جو سفر!

مير قائم خان ٽالپر

اٿون عرض ڪريان ته 20هين صديءَ جي اديبن ٻن اهم ڳالهين تي ڪم ڪيو. هڪ ته هنن انسان جي حقيقت تي ڪم ڪيو ۽ انهيءَ کي بيان ڪيو آهي ۽ ٻيو ته هنن انسان جي وصف ڳولڻ جي همت ڪئي. آخرڪار انهيءَ ڏک ڀوڳ کانپوءِ هنن انسان جا ٽي تصور پيش ڪيا. پهريون تصور انسانن جو سياسي هجڻ آهي. سياسي انسان کي لارنساسٽرن سماجي ماڻهو سڏيو آهي. هن قسم جي ماڻهن جي اندروني زندگي ايتري اهم نه هوندي آهي، جيتري ٻاهرين زندگي. سندس شخصيت ۽ عمل جو دارومدار سماجي ۽ سياسي نظام تي هوندو آهي. جيڪڏهن سماجي نظام کي بدلايو وڃي ته پوءِ انهن ماڻهن کي به پنهنجي مرضيءَ مطابق تبديل ڪري سگهجي ٿو. ويلز ۽ گالز ورڊي وٽ به اهو ئي ساڳيو تصور آهي. يعني سياسي انسان جو. انهيءَ کان علاوه ٻيو تصور انسان جو فطري هجڻ آهي. هن مزاج جا انسان هر قسم جي سماجي ۽ اخلاقي پابندين کان آزاد ٿي پنهنجي فطري جبلتن مطابق زندگي گذارڻ چاهين ٿا ۽ انهن جي اڳيان سڀ کان وڏو مسئلو اجتماعي ذميوارين کان آزاد ٿي انفرادي ۽ ذاتي اطمينان حاصل ڪرڻ آهي. هاڻي ٽيون ۽ آخري تصور مڪمل انسان جو آهي. هن تصور ۾ اهو انسان اچي ٿو. جنهن جي اندروني زندگي ٻاهرين زندگيءَ کان وڌيڪ اهم آهي. جنهن ۾ ڪا به تبديلي صرف اندروني عمل سان ئي ٿي سگهي ٿي. هن مزاج جي ماڻهوءَ ۾ تمام گهڻيون صلاحيتون هونديون آهن. ليڪن انهيءَ سان گڏوگڏ هن ۾ تمام گهڻيون خاميون پڻ هونديون آهن جو هو ڪنهن به طرح مڪمل نٿو ٿي سگهي. گهٽ ۾ گهٽ هو ڪڏهن به مڪمل سڪون ۽ مڪمل خوشي حاصل نٿو ڪري سگهي. انسان جو اهو تصور جيمز جوائس وٽ ملي ٿو. جيمز جوائس چوي ٿو ته انسان ڪڏهن به مڪمل نه ٿو ٿي سگهي. انهي ڪري جو خارجي ۽ اندروني مسئلا پيدا ٿيندا رهندا آهن ۽ پوءِ انسان انهن کي حل ڪري ٿو ليڪن هو جيڪو حل ڪڍي ٿو، اڳتي هلي اهو حل هڪ نئون مسئلو پيدا ڪري ٿو، جنهن کي نئين سر حل ڪرڻو پوي ٿو. ويهين صديءَ جا اديب گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ انهيءَ نتيجي تي پهتا آهن ته ماڻهن جي ڪا به وصف ماڻهن جي تجربن کان سواءِ قائم نٿي ڪري سگهجي ۽ ويهين صديءَ جا اديب انسان جي اندر ڪيترين ئي متضاد حالتن جي هڪ ئي وقت موجودگيءَ جو اعتراف پڻ ڪن ٿا. مثال موت ۽ زندگي، اڪيلائي ۽ اجنبي، جبر ۽ آزادي، خارجي وجود ۽ اندروني وجود.

ياد رکو منهنجا نوجوانو زندگي جو هر معاملو دولت تي دارومدار نٿو رکي، ليڪن انهي ۾ شڪ نه آهي ته ڪافي ڪجهه دولت سان حاصل ڪري سگهجي ٿو پر ڪافي ڪجهه اهڙو به آهي جيڪو دولت سان نٿو حاصل ڪري سگهجي. زندگي جي هر معاملي کي دولت سان ڳنڍڻ اسان جي تمام معاملن کي غير متوازن ۽ غير مستحڪم ڪرڻ جو سبب بڻجي ٿو. محبت، خلوص، دوستي ۽ ٻيا ڪيترا ئي تعلقات ۽ معاملا اهڙا آهن جن جو دولت سان ڪو به ربط نه آهي، جيڪڏهن اسان انهن معاملن ۾ دولت کي غير ضروري طور تي ڪو ڪردار ادا ڪرڻ ڏيون ته پوءِ صرف خرابيون پيدا ٿينديون آهن. انهيءَ نڪتي کي سمجهڻ ضروري آهي ته دولت محض ذريعو آهي مقصد نه. اسان دولت جي مدد سان گهڻو ڪجهه حاصل ڪري سگهون ٿا. ليڪن دولت بذات خود ڪجهه به نه آهي. زندگي اسان سان قدم قدم تي دولت جي باري ۾ عقلي ۽ متوازن طرز فڪر جي تقاضا ڪري ٿي، جيڪي ماڻهو دولت کي ئي سڀ ڪجهه سمجهن ٿا، اهي سڀ ڪجهه هجڻ جي باوجود هميشه سڪون کان محروم هوندا آهن. اسان جي معاشري جي يتيمي اها آهي ته معاشري ۾ عزت ۽ احترام به انهن کي ڏنو وڃي ٿو جن وٽ اقتدار، مال ۽ دولت گهڻي هجي، توڙي جو سڀ اهو ڄاڻين ٿا ته اها دولت ڪرپشن رشوت ڌوڪي يا غلط طريقي سان حاصل ڪئي وئي آهي ۽ پوءِ انهي جي ذريعي طاقت حاصل ڪري ڏاڍ جي ذريعي عزت حاصل ڪرڻ جي ڊوڙ ڊڪ ڪئي وڃي ٿي. اٿون عرض ڪريان زبان سان سڀ اهڙي دولت جي مذمت ڪن ٿا، ليڪن عملي طور تي پاڻ به انهن جيان دولت، مال ۽ طاقت جي چاهه ۾ مبتلا هوندا آهن. دولت، مال ۽ طاقت جي هوس جي ڪري انسان حلال و حرام جي سڃاڻپ کان محروم ٿيو وڃي. معاشري ۾ مقابلي جي ڊوڙ ۾ دولت، مال ۽ طاقت جي هوس اسان جي خوشين کي محدود ڪري ڇڏيو آهي. رشتن ۽ واسطن جي اهميت ختم ڪري ڇڏي آهي. اهو ئي سبب آهي جو اسان ماڻهوءَ مان انسان ڪيڻ کان محروم آهيون. هاڻي هتي سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته انهن سمورين سچائين ۽ حقيقتن جي باوجود اڄ به اسان انساني زندگيءَ جي انهن بنيادي مسئلن کي منهن ڏيندا اچون ته ڇا اسان ماڻهو مان انسان ڪيڻ جي صلاحيت ۽ طاقت رکون ٿا يا نه؟ ياد رکو منهنجا نوجوانو انساني نسل جو مستقبل هن سوال جي جواب تي دارومدار رکي ٿو. اٿون عرض ڪريان لفظن کي سمجهڻ، انهن جي معنيٰ بيان ڪرڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ کان پوءِ ماڻهو ۾ انسان جو وجود عمل ۾ اچي ٿو. جيڪڏهن توهان لفظن جي گهرائي تائين نٿا پهچو ته پوءِ توهان جو ماڻهوءَ کان انسان تائين جو سفر ڪڏهن به پورو نه ٿيندو. سڀ فساد ۽ سڀ جهڳڙا لفظن جي نه سمجهڻ جي ڪري پيدا ٿين ٿا. مولانا رومي کان پڇيو ويو ته زهر ڇا کي چيو وڃي ٿو؟ تڏهن پاڻ چوڻ لڳا ته هر شيءِ جيڪا اسان جي ضرورتن کان وڌيڪ هجي اها اسان جي لاءِ زهر آهي، چاهي اها طاقت هجي، اقتدار هجي، دولت هجي، بک هجي، لالچ هجي، سستي هجي، ڪاهلي هجي، محبت هجي، نفرت هجي يا ٻيو ڪجهه هجي انهيءَ کانپوءِ پڇيو ويو ته خوف ڇا کي چئبو آهي، تڏهن پاڻ جواب ڏنائون ته غير متوقع صورتحال کي قبول نه ڪرڻ جو نالو خوف آهي. جيڪڏهن اسان غير متوقع کي قبول ڪريون ته اها جرئت آهي جيڪا هڪ چئلينج ۾ تبديل ٿيو وڃي ٿي. اڳتي وري هنن کان اهو سوال ڪيو ويو ته حسد ڇا کي چئجي ٿو جواب مليو ته حسد ٻين جي نيڪي ۽ خوبيءَ کي تسليم نه ڪرڻ جو نالو آهي. ياد رکو منهنجا نوجوانو پُرسڪون زندگي گذارڻ جي لاءِ سڀ کان اهم شئي انسان جو مطمعن هجڻ آهي. جڏهن ڪارل مارڪس جي بون يونيورسٽي ۾ داخلا ٿي، اتي هن جا خاص مضمون قانون ۽ فلسفو هئا پر هو يوناني ۽ رومي تاريخ ۾ تمام گهڻي دلچسپي رکندو هو ۽ انهي سان گڏوگڏ آرٽ ۽ شاعري جي ڪلاس ۾ باقاعدگيءَ سان حصو وٺندو هو. مارڪس شاعري به ڪندو هو ۽ يونيورسٽي جي شاعر شاگردن جي حلقي ۾ به هن جو شمار ٿيندو هو. انهيءَ دوران سندس مڱڻي سندس وڏي ڀيڻ صوفيا جي دوست جيني جان ويسٽ فالين سان ٿي. ڪارل مارڪس ۽ جيني ننڍپڻ کان ئي هڪٻئي کي تمام گهڻو چاهيندا هئا ۽ جڏهن وڏا ٿيا ۽ ڪارل مارڪس جي خاندان جيني جي پيءُ کي شادي جي درخواست ڪئي ته هن جيني جي محبت ۽ هن جو راضپو ڏسي اهو رشتو قبول ڪيو. جيني شهر جي حسين ترين ڇوڪرين ۾ شمار ٿيندي هئي ۽ ان جي خاندان جو شمار امير گهراڻن ۾ ٿيندو هو. جيني چاهي ها ته ڪنهن نوابزادي سان به شادي ڪري سگهي پئي ڇاڪاڻ ته هوءَ حسين هجڻ سان گڏوگڏ بهترين سيرت جي مالڪ به هئي، ليڪن هن جي محبت ڪارل مارڪس هو. جيني پنهنجي محبت جي خاطر سڄي دنيا جي عيش ۽ آرام کي ٺڪرائي هڪ عظيم انقلابي سان سڄي عمر سڃ ۽ بک ۾ گذارڻ کي ترجيح ڏئي اهو واضح ڪري ڇڏيو ته مطمعن زندگي گذارڻ جي لاءِ دولت، مال ۽ طاقت ڪا معنا نٿي رکي. هن جلاوطنيون سٺيون ، بکي رهي، قرضدارن جون ڳالهيون ٻڌيون. ڪڏهن گهر جا سامان وڪيا ته ڪڏهن ڏاج ۾ مليل ٿانو گروي رکيا پر ڪڏهن به پنهنجي عظيم مڙس کان تنگ ٿي شڪايت نه ڪئي ۽ نه ئي ان جي انقلابي مصروفيتن ۾ يا لکڻ پڙهڻ جي ڪمن ۾ ڪا رڪاوٽ وڌي. ٻار ٿڙپي ٿڙپي لاڏاڻو ڪري ويا پر جيني جي مارڪس سان محبت ۾ فرق نه اچڻ اطمينان جي دولت، مال ۽ اقتدار جي شڪست هئي. جيڪڏهن دولت، مال ۽ طاقت جو سڪون سان تعلق هجي ها ته ڪڏهن به جيني جي خواهش ۽ محبت ڪارل مارڪس نه هجي ها. دولت، مال ۽ طاقت جو سڪون سان ڪو به تعلق نه آهي. سڪون ۽ خوشين جو تعلق دل سان هوندو آهي. ڪافي ماڻهو چند هزارن ۾ پرسڪون زندگي گذاريندا رهندا آهن ۽ ڪجهه ماڻهو بي انتها دولت هجڻ جي باوجود به هميشه سڪون کان محروم نظر ايندا آهن. جيڪڏهن خوشين جو تعلق دولت، مال ۽ طاقت سان هجي ها ته غريب جي ٻار کي کلڻ اچي ئي نه ها ۽ ڪڏهن ڪوئي دولتمند شخص بي سڪون نظر ئي نه اچي ها. ڌن دولت سان دنيا جي هر مادي شئي ته خريد ڪري سگهجي ٿي ليڪن احساسات و جذبات، چاهت و محبت قيمتي وقت ۽ حقيقي خوشي ۽ سڪون خريد نٿو ڪري سگهجي، ڇو ته انهن جي ڪا به قيمت نه آهي. دل جو سڪون مال ۽ دولت جو محتاج نه هوندو آهي، ليڪن افسوس جو اڄ جو انسان دولت کي ئي سڀ ڪجهه سمجهي ٿو. اڳتي وري مولانا روم کان سوال ڪيو ويو ته چڙ ڇا کي چيو وڃي ٿو؟ جواب ڏنو ويو ته جيڪي شيون اسان جي وس کان ٻاهر آهن انهن کي نه مڃڻ جو نالو چڙ آهي. وري پڇڻ واري پڇيو ته نفرت ڇا کي چيو وڃي ٿو؟ جواب ڏنو ويو ته ڪنهن شخص کي جهڙو هو آهي اهڙو تسليم نه ڪرڻ جو نالو نفرت آهي.

اڄ جيڪڏهن اسان پنهنجي سماج جي سوچ، فڪر ۽ شعور جي باري ۾ ڳالهائينداسين ۽ پنهنجي سماج کي درپيش مسئلن جو جائزو وٺنداسين ته اسان انهيءَ نتيجي تي آساني سان پهچي وينداسين ته اسان جو اصل مسئلو جهالت آهي ۽ اسان جا سڀ مسئلا انهيءَ جاهليت جي ڪري ئي پيدا ٿين ٿا. يعني اسان اهو چئي سگهون ٿا ته اسان جي سمورن مسئلن جو بنياد جهالت آهي

اهو ئي سبب آهي جو اسان جي سماج ۾ ماڻهوءَ جو انسان تائين پهچڻ وارو سفر مڪمل ٿي نه ٿي سگهيو آهي ۽ جنهنڪري اسان جي سماج ۾ بيشمار خوفناڪ، خطرناڪ ۽ دهشتناڪ اخلاقي بيماريون پکڙجي ويون آهن. نه ڄاڻ ڪيترين ئي خرابين ۽ برائين اسان جي انهيءَ شرمناڪ عمل مان جنم ورتو آهي، جن کي اسان پنهنجي ٻارن جيان پالي جوان ڪري چڪا آهيون ڇاڪاڻ ته جڏهن لفظن جي معنيٰ بدلجي ويندي آهي ته لفظ ناراض ٿي ويندا آهن ۽ چڙ ۾ اچي ويندا آهن ۽ جڏهن اهي ناراض ۽ چڙيل هوندا آهن ته پوءِ اسان کان انتقام وٺڻ جي لاءِ بي چين ٿي ويندا آهن ۽ فساد کي جنم ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيندا آهن. ياد رکو منهنجا نوجوانو هڪ بدڪردار ٻيا هزارين بدڪردار پيدا ڪري ٿو. اهو ئي سبب آهي جو پوءِ سدائين توهان کي ناڪاميءَ جو چهرو ڏسڻو پوي ٿو اڄ اسان جو سمورو معاشرو هڪ ٻئي کان خطرو محسوس ڪري ٿو يعني هرڪو هڪ ٻئي کان خوفزده ۽ پريشان آهي. اٿون عرض ڪريان ته اسان جو سمورو معاشرو لفظن جي باهه ۾ سڙي رهيو آهي ۽ اسان سڀ انهيءَ باهه ۾ سڙي رهيا آهيون. ياد رکو ڪردار جي مستقل ۽ ڊگهي عرصي کان سواءِ تربيت نٿي ڪري سگهجي. اٿون عرض ڪريان ته اسان سڀني جا ڪيئي خواب هوندا آهن. جيڪي اسان هر روز ڏسندا آهيون. جن بابت اسين هر روز سوچيندا آهيون. اسان سڀ هڪ خوشحال، ڪامياب، خوشين سان ڀرپور پرسڪون، پُرامن، هر خوف کان آزاد، هر خوف کان پاڪ ۽ محفوظ زندگي گذارڻ جا خواهشمند آهيون؛ ليڪن اسان جي موجوده صورتحال انهيءَ زندگيءَ کان بلڪل مختلف آهي، جيڪا اسان سوچي ۽ جنهن جو اسان تصور ڪيو آهي. اسان سڀ ڄاڻون ٿا ته اسان کي هيءَ زندگي صرف هڪ ڀيرو گذارڻي آهي. اسان جون خواهشون ۽ اسان جا خواب اسان کي صرف هڪ ڀيرو ڏسڻ ۽ پورا ڪرڻ جو موقعو مليل آهي. هاڻي اهو اسان تي منحصر آهي ته اسان پنهنجي خوابن ۽ خواهشن سان برو سلوڪ ڪريون يا انهن جي عزت ڪريون؟

ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ٻيهر ڇڪتاڻ!

ڊاڪٽر رشيد احمد خان

18 جون تي جڏهن ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ معاهدي جي فريم ورڪ (ايم او يو) تي ٻنهي ملڪن جي سربراهن ۽ ٽياڪڙن صحيحون ڪيون هيون، تڏهن ئي ان تي عملدرآمد بابت خدشن جو اظهار ڪيو پئي ويو، ڇاڪاڻ ته اهو فريم ورڪ ڪيترن ئي حوالن سان نامڪمل ۽ خامين سان ڀريل هو. سڀ کان وڏي خامي اها هئي ته ان فريم ورڪ (معاهدي) ۾ اسرائيل کي شامل ئي نه ڪيو ويو هو. اسرائيل نه رڳو ان کي رد ڪري ڇڏيو پر لبنان ۽ غزه ۾ پنهنجين جارحاڻين ڪاررواين جو سلسلو به جاري رکيو. باوجود ان جي اها اميد موجود هئي ته مشڪلاتن هوندي به ڳالهين جو سلسلو جاري رهندو ۽ ان فريم ورڪ کي هڪ مڪمل ۽ حتمي معاهدي ۾ تبديل ڪيو ويندو پر نه ڏينهن اڳ فريم ورڪ جي شقن جي بلڪل ابتڙ آمريڪا طرفان ايران جي فوجي نڪاڻن تي ڪيل بمباري نه رڳو ڇڪتاڻ ۾ واڌ آندي آهي پر ان سان هن فريم ورڪ معاهدي جي مستقبل تي به سنگين سوال اٿيا آهن ۽ انهيءَ جي ڪاميابيءَ کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي. تازن حملن بابت آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ موجب آمريڪا ايران جي 80 کان وڌيڪ فوجي نڪاڻن ۽ اهم دفاعي ۽ حڪمتِ عملي وارن هنڌن کي نشانو بڻايو آهي. برطانوي اخبار 'دي گارڊين' موجب 18 جون کانپوءِ جنگبنديءَ جي جن ڀڃڪڙين جا واقعا سامهون آيا، تن مان 8 ۽ 9 جولاءِ وارا حملا سڀ کان وڌيڪ شديد هئا.

رپورٽ موجب آمريڪا هن ڀيري پنهنجا حملا رڳو آبناءِ هرمز سان لڳندڙ ايراني سامونڊي ڪناري تي موجود فوجي نڪاڻن تائين محدود نه رکيا پر بمباريءَ جو دائرو گهڻو وسيع ڪري ڇڏيو. ان دوران بندر عباس سان گڏ چابهار ۽ بوشهر جي علائقن کي به نشانو بڻايو ويو. آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته 9 جولاءِ جي صبح سوير ڪيل حملن دوران ايران جي فضائي دفاعي نظام، ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول نيٽ ورڪ، سامونڊي ڪناري تي لڳل ريڊار سسٽم، جنگي جهازن کي نشانو بڻائڻ وارا ميزائل اڏا ۽ ايران جي انقلابي گارڊز جي استعمال هيٺ موجود 60 کان وڌيڪ ٻيڙن کي پڻ نشانو بڻايو ويو. ايراني ذريعن موجب انهن تازن حملن ۾ ايران جا 8 فوجي شهيد ٿيا. انهيءَ کان علاوه آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ جي بيان مطابق ايران جي اترين علائقن ۾ هڪ ريلوي پل کي به تباهه ڪيو ويو. صدر ٽرمپ پنهنجي هڪ بيان ۾ چيو آهي ته جيڪڏهن ايران طرفان ڪوبه حملو ڪيو ويو ته آمريڪا انهيءَ جي جواب ۾ 20 ڀيرا وڌيڪ تباهي ڪندڙ ڪارروائي ڪندو. خميس ڏينهن ڪيل شديد ۽ وسيع حملا ٽرمپ جي انهيءَ ڌمڪيءَ کي عملي شڪل ڏيڻ جي ڪوشش طور ڏٺا پيا وڃن.

ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ اڳ ئي بي اعتماديءَ جي هڪ وڏو خال موجود هو، جڏهن ته آبناءِ هرمز ۾ هلندڙ جهازن بابت پيدا ٿيل تڪرار ٻنهي ملڪن وچ ۾ پائيدار امن جا امڪان وڌيڪ ڪمزور ڪري ڇڏيا آهن. جيتوڻيڪ ايران ۽ آمريڪا مان ڪنهن به ترسمي طور ڳالهين مان نڪرڻ جو اعلان ناهي ڪيو پر آبناءِ هرمز ۽ فريم ورڪ معاهدي جي ٻين مبينا ڀڃڪڙين سبب ڳالهين جو عمل بار بار رڪاوٽن جو شڪار ٿي سگهي ٿو. ان سان حتمي معاهدي ڏانهن اڳڀرائيءَ جي رفتار به وڌيڪ سست ٿيڻ جو امڪان آهي. ٻئي طرف صدر ٽرمپ نومبر ۾ ٿيندڙ ڪانگريس جي وچ مدي وارن چونڊن (Midterm Elections) کان اڳ سفارتي ڪاميابي ڏيکارڻ چاهي ٿو پر موجوده حالتن کي ڏسندي لڳي ٿو ته 60 ڏينهن جي مقرر مدي اندر اهو مقصد حاصل ڪرڻ ڏکيو هوندو. صدر ٽرمپ جي دعويٰ آهي ته ايران آبناءِ هرمز مان واپاري جهازن ۽ تيل کڻندڙ ٽينڪرن جي آزاد اچ وڃ ۾ رڪاوٽون وجهي رهيو آهي ۽ مسقط ۽ عمان جي سامونڊي حدن مان گذرندڙ پنج جهازن ۽ آئل ٽينڪرن تي ڊرون حملا به ڪري چڪو آهي. ان جي ابتڙ ايران جو موقف آهي ته 18 جون تي صحيح ٿيل ايم او يو موجب 60 ڏينهن تائين آبناءِ هرمز مان واپاري جهازن ۽ تيل کڻندڙ ٽينڪرن جي محفوظ گذرڻ جي ذميواري ايران کي سونپي وئي هئي. ان ذميواريءَ ۾ سامونڊي بارودي سرنگهن ۽ ٻين رڪاوٽن کي هٽائڻ به شامل هو.

ايران جو چوڻ آهي ته هن انهيءَ مقصد لاءِ پنهنجي سامونڊي حدن اندر هڪ مخصوص رستو مقرر ڪيو هو ۽ جيڪڏهن ڪو جهاز ان مقرر رستي بدران ڪنهن ٻئي رستي سان گذري ٿو ته اهو ايم او يو جي ڀڃڪڙي آهي، جنهن خلاف ڪارروائي ڪرڻ جو حق ايران وٽ موجود آهي. ايران جو اهو به چوڻ آهي ته آبناءِ هرمز ڪانسواءِ به آمريڪا معاهدي جي ڪيترين ئي شقن جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي. مثال طور ايم او يو موجب جنگبندي لبنان سميت سڀني محاذن تي لاڳو ٿيڻ گهرجي پر اسرائيل طرفان حزب الله جي نڪاڻن تي حملا جاري آهن. تهران الزام لڳائي ٿو ته واشنگٽن معاهدي جي واضح شقن باوجود، اسرائيل کي اهي حملا روڪڻ ۾ ناڪام رهيو آهي. معاهدي موجب جنگبنديءَ کان پوءِ ڌريون نه رڳو هڪ ٻئي تي حملو نه ڪنديون پر طاقت جي استعمال يا ڌمڪيءَ کان به پاسو ڪنديون. پر ايران جو چوڻ آهي ته 18 جون کانپوءِ صدر ٽرمپ بار بار ايران کي 60 ڏينهن اندر 'ڊيل' نه ڪرڻ جي صورت ۾ سخت نتيجن ۽ وڌيڪ حملن جون ڌمڪيون ڏيندو رهيو. ايران انهيءَ تي ڪيترائي ڀيرا احتجاج ڪندي چيو آهي ته ڌمڪين ۽ خوف جي ماحول ۾ بامعنيٰ ڳالهيون جاري نٿيون رکي سگهجن ايم او يو جي هڪ ٻي اهم شق موجب معاهدي تي صحيحون ٿيڻ سان ئي آمريڪا کي ايران خلاف سامونڊي ناڪابندي ختم ڪرڻي هئي، پنهنجي جنگي بحري ٻيڙن کي ايراني سامونڊي علائقن کان پري ڪرڻو هو ۽ 60 ڏينهن دوران وچ اوڀر ۾ پنهنجي فوجي موجودگي وڌائڻي نه هئي پر ايران جو الزام آهي ته آمريڪا تازو پنهنجي هڪ بحري ٻيڙي ۾ 2 هزار ميرين فوجي شامل ڪري معاهدي جي انهيءَ شق جي به ڀڃڪڙي ڪئي آهي. ان کان علاوه معاهدي موجب ايران جا منجمد اثاثا ۽ روڪيل ڊالر جلد واپس ڪرڻا هئا پر ايران جي دعويٰ آهي ته آمريڪا ان معاملي ۾ دير ۽ ٽال مٽول کان ڪم وٺي رهيو آهي. تهران اهو به چوي ٿو ته واپاري پابنديون ختم ڪرڻ بدران، آبناءِ هرمز مان گذرندڙ قطري ۽ سعودي آئل ٽينڪرن تي حملن کانپوءِ آمريڪا ايران جي تيل جي عالمي مارڪيٽ ۾ وڪري تي وڌيڪ پابنديون لاڳو ڪري ڇڏيون آهن. انهن واقعن کان پوءِ وچ اوڀر جي صورتحال، جيڪا اڳ ئي ڇڪتاڻ جوڳي هئي، اها هاڻي وڌيڪ خطرناڪ شڪل اختيار ڪري وئي آهي اهو خدشو به وڌي ويو آهي ته 18 جون تي ٿيل فريم ورڪ معاهدو ڪٿي ناڪام نه ٿي وڃي. هن خدشي کي وڌيڪ هٿي ان حقيقت مان ملي ٿي ته معاهدي کي ناڪام بڻائڻ واريون قوتون ٻنهي پاسن تي موجود آهن.

اسرائيلي وزيراعظم هن فريم ورڪ معاهدي کي ناڪام بڻائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيو آهي، جڏهن ته آمريڪا ۾ به صدر ٽرمپ جي پنهنجي ريپبلڪن پارٽيءَ جا ڪجهه بااثر ميمبر ان معاهدي جا مخالف آهن. ٻئي طرف ايران ۾ به مخالف قوتون مهادي جي فريم ورڪ (MOU) جي مخالفت ڪري رهيا آهن. ان هوندي به ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ طئي ٿيل انهيءَ ايم او يو کي عالمي سطح تي وڏي پذيرائي ملي آهي ان جي آجيان ڪندڙن ۾ گڏيل قومن جو سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس، روس ۽ چين جا صدر، يورپي يونين ۽ وچ اوڀر جا تقريباً سڀئي ملڪ شامل آهن. ان سڀني حمايتن جي باوجود، جيڪڏهن اهو تاريخي فريم ورڪ معاهدو ناڪام ٿئي ٿو ته اها انتهائي افسوسناڪ ڳالهه هوندي. ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي به هن معاهدي بابت چيو هو ته "هن تي عمل ڪرڻ ڏکيو ضرور آهي پر ناممڪن ناهي." ان ڪري علائقي جي امن استحڪام ۽ مستقبل لاءِ ضروري آهي ته سڀئي ڌريون صبر، ذميواري ۽ سفارتي تدبر جو مظاهرو ڪندي معاهدي کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ سنجيده ڪوششون جاري رکن.

اڄوڪو ڏينهن ـــــ 11 جولاءِ

مختيار اثر

پرسرام ضيا

هند ۽ سنڌ جي هن مشهور شاعر جو جنم 11 جولاءِ 1911ع تي سانگهڙ ضلعي جي شهر ٽنڊي آدم ۾ ٿيو هن جي پيءُ جو نالو هيرانند سچانندائي هو هن مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪئي هو هڪ اسڪول ۾ سنڌي پڙهائيندو هو ان کان علاوه هڪ پريس ۾ ڪمپازيٽر طور به ڪم ڪيائين هن ننڍي ڄمار ۾ ئي شاعري شروع ڪئي شروع ۾ هن پنهنجي شاعريءَ ۾ پرسو ۽ رنجور تخلص استعمال ڪيا پر بعد ۾ شيخ مراد علي ڪاظم جي صحبت ۾ رهي "ضيا" تخلص استعمال ڪيائين ورهاڱي کان پوءِ الهاس نگر ۾ وڃي رهائش اختيار ڪيائين اتي ئي هن جي ٿيءَ گوپيءَ جي شادي ماسٽر چندر جي پٽ گوپ چندر سان ٿي ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ ضيا جي شاعريءَ جا جيڪي ڪتاب شايع ٿيا، تن ۾ "گلزارِ رنجور"، "تصويرِ احساس"، "باغ و بهار"، "ادبي گل"، "آلاپ ضيا"، "پيغامِ ضيا" ۽ "گيت برهه جا" شامل آهن هن هندستان ۾ ٺهندڙ سنڌي فلمن اباڻا، لاڏلي جهولي لال، انصاف ڪٿي آهي، ڪنور رام ۽ راءِ ڏياچ جا گيت پڻ لکيا. هن هندو مذهب جي ڪجهه ڪتابن جو سنڌيءَ ۾ منظوم ترجمو پڻ ڪيو. تاريخ 28 آڪٽوبر 1958ع تي هن سرموڙ شاعر هن دنيا مان هميشه لاءِ موڪلايو الهاس نگر جي ميونسپل ڪارپوريشن الهاس نگر جي هڪ روڊ کي سندس نالي سان منسوب ڪيو ويو آهي

پروفيسر علي نواز حاجن جتوئي

هن مشهور تعليمي ماهر، ليکڪ ۽ محقق جو جنم 11 جولاءِ 1914ع تي ڳوٺ ڳنو، نزد پراڻا جتوئي تعلقي موري ۾ ٿيو هن پراڻا جتوئيءَ جي پرائمري اسڪول مان ابتدائي تعليم حاصل ڪئي مئٽرڪ جو امتحان ممبئي يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين هن بي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان 1943ع ۾ بي اي ۽ 1945ع ۾ ممبئي يونيورسٽيءَ مان بي ٽي جي سند حاصل ڪئي اڳتي هلي 1949ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي جي سند حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي ابتدا هاءِ اسڪول جي استاد طور ڪيائين 1948ع ۾ ڪيس گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد (هاڻوڪي گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي) ۾ ليڪچرار مقرر ڪيو ويو 1953ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ٿيو ۽ سال ڪانپوءِ انهيءَ شعبي جي چيئرمين بڻجڻ جو اعزاز حاصل ڪيائين پاڻ 1976ع ۾ رٽائر ٿيو پروفيسر علي نواز سنڌي ادبي دنيا ۾ هڪ محقق، مقالا نگار ۽ شاعر طور ياد ڪيو وڃي ٿو هن جا لکيل مضمون سنڌ جي مختلف رسالن ۾ ڇپيا سندس لکيل ڪتابن ۾ "علم اللسان ۽ سنڌي ٻولي"، "لطيفي لهرون"، "ديوان حافظ"، "سنڌي صحيفو"، "غزلن جو غنچو" (ترتيب) ۽ "شهيد گرهوڙيءَ جو سنڌي ڪلام" شامل آهن ان کان علاوه ڪجهه ڪتاب ترجمو به ڪيائين هن 29 سيپٽمبر 1996ع ۾ وفات ڪئي



محمد ابراهيم موراڻي

هن مشهور شاعر ۽ افسانا نگار جو جنم 11 جولاءِ 1915ع تي نوشهري فيروز ضلعي جي ڳوٺ ڏليپوٽا ۾ ٿيو سندس والد جو نالو حاجي احمد ميمڻ هو هن 1933ع ڌاري اسڪول جي استاد طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪئي ۽ 1970ع ڌاري رٽائر ٿيو هن جا لکيل افسانا 1950ع واري ڏهاڪي ۾ نئين زندگي رسالي ۾ ڇپيا خاص طور تي سندس افسانا "خوشيءَ جا ڳوڙها" ۽ "ٻانو" گهڻو مشهور ٿيا هو هڪ پلوڙ شاعر پڻ هو افسوس جو سندس شاعريءَ جو هڪ وڏو بياض گم ٿي ويو سندس شاعري مختلف رسالن جي ورقن تي ٽڙيل پکڙيل پئي آهي جنهن کي سهيڙڻ جي ضرورت آهي

بيدل مسرور

اڄ مشهور ليکڪ، موسيقار، گلوڪار، شاعر ۽ پروڊيوسر بيدل مسرور جي جنم جو ڏينهن آهي هن انمول انسان جو جنم 11 جولاءِ 1947ع تي شڪارپور ۾ ٿيو سندس والد فقير غلام علي مسرور به وڏو صوفي شاعر ۽ فقير منش انسان هو بيدل مسرور ايم اي (سنڌي) جي سند حاصل ڪري پاڪستان ٽيليويزن تي پروڊيوسر مقرر ٿيو اڳتي هلي ترقي ڪري پاڪستان ٽيليويزن جي هيڊڪوارٽر اسلام آباد ۾ ڊپٽي ڪنٽرولر ۽ پي ٽي وي نيشنل جي پروگرام مئنيجر جا عهدا ماڻيائين پاڻ 2007ع ۾ رٽائر ٿيو هن ٽيليويزن تي ڪيترائي يادگار پروگرام پيش ڪيا بيدل مسرور موسيقيءَ جو به زبردست ڄاڻو آهي هن شيخ اياز، امداد حسيني ۽ استاد بخاريءَ سميت سنڌ جي ڪيترن ئي وڏن شاعرن جو ڪلام پنهنجي مخصوص انداز ۾ ڳايو آهي هو جيڪي ڪلام ڳائيندو آهي انهن جون ڌنون به پاڻ ئي ترتيب ڏيندو آهي ادبي دنيا ۾ پاڻ هڪ شاعر، ڪهاڻيڪار، ناول نگار، مضمون نگار ۽ سنڌيڪار طور ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو هن جي تصنيف، تاليف ۽ ترجمو ڪيل ڪتابن جو تعداد 15 کان مٿي آهي

پرويز هُودڀائي

پرويز هُودڀائي فزڪس جو مشهور ماهر، نيوڪليئر سائنسدان ۽ نامور ڪالم نگار آهي هن جو جنم 11 جولاءِ 1950ع تي ڪراچيءَ جي هڪ گجراتي خوجه اسماعيلي شيعا خاندان ۾ ٿيو هن ڪراچيءَ جي گرامر اسڪول مان ابتدائي تعليم حاصل ڪئي ۽ اڳتي هلي آمريڪا جي ميساچوسٽس يونيورسٽي آف ٽيڪنالاجيءَ (ايم آءِ ٽي) ۾ اليڪٽريڪل انجنيئرنگ ۽ رياضيءَ ۾ گريجوئيشن ڪئي ان بعد ساڳي يونيورسٽيءَ مان سالڊ اسٽيٽ فزڪس ۾ ماسٽر آف انجنيئرنگ جي سند حاصل ڪيائين آڪٽوبر 1973ع ۾ قائداعظم يونيورسٽي اسلام آباد ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو پر ٻن سالن کان پوءِ ٻيهر آمريڪا روانو ٿي ويو. جتان 1978ع ۾ ايم آءِ ٽي يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين ان بعد هن آمريڪا ۾ واشنگٽن يونيورسٽيءَ ۾ پوسٽ ڊاڪٽورل ريسرچ ڪئي ۽ آمريڪا جي مختلف يونيورسٽين ۾ پڙهايو پاڻ 2020ع تائين قائداعظم يونيورسٽيءَ ۾ پڻ پڙهائيندو رهيو هو مختلف موضوعن تي شاندار ڪالم پڻ لکندو رهيو آهي هن اسلام ۽ سائنس جي موضوع تي هڪ ڪتاب پڻ لکيو آهي 2001ع ۾ پاڪستان سرڪار سندس لاءِ ستاره امتياز جو اعلان ڪيو، جيڪو هن وٺڻ کان انڪار ڪيو البت کيس ٻين ڪيترن ئي قومي ۽ بين الاقوامي اعزازن سان نوازيو ويو آهي

ڊاڪٽر سڪندر علي پنهور

ڊاڪٽر سڪندر علي پنهور جو جنم 11 جولاءِ 1955ع ۾ پاٽ شريف ۾ غلام علي پنهور جي گهر ۾ ٿيو. هن ابتدائي تعليم پاٽ مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول دادوءَ مان پاس ڪي هن ايم بي بي ايس جي سند لياقت ميڊيڪل ڪاليج (هاڻوڪي لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز) مان ۽ ايل ايل بي جي سند ڪراچي يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي هن عملي زندگيءَ جي شروعات پاڪستان آرميءَ جي ميڊيڪل ڪور ۾ ڪئپٽن طور ڪئي بعد ۾ ڪيترن ئي اهم انتظامي عهدن تي ڪم ڪيائين جن ۾ ڊائريڪٽر هيلٿ ڪراچي، ڊائريڪٽر جنرل مانيٽرنگ مڪاني حڪومت، اسپيشل سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ، ڊائريڪٽر جنرل ڪاليجز، ڊائريڪٽر جنرل پاپوليشن، ڊائريڪٽر جنرل اربن پاليسي ۽ اسٽيٽسٽيڪل پلاننگ ۽ ٻيا عهدا شامل آهن ذاتي زندگيءَ ۾ انتهائي هلڻوڪي انسان هو، پنهنجي علائقي جي مسڪين ماڻهن ۽ بيواهن جي مالي سهائتا ڪندو هو ۽ شاگردن جون فيسون ڀريندو هو. ادب ۽ موسيقيءَ جو ڪوڙيو هو، پنهنجي اوطاق تي دوستن جون محفلون مچائي ڳائيندو به هو.

عارف مصطفيٰ جتوئي

اڄ سنڌ جي مشهور سياستدان عارف مصطفيٰ جتوئيءَ جي سالگرهه جو ڏينهن آهي پاڻ پاڪستان جي اڳوڻي وزيراعظم مرحوم غلام مصطفيٰ خان جتوئيءَ جو فرزند آهي سندس پيدائش 11 جولاءِ 1966ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿي هن آمريڪا ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ ناڻي (Finance) واري شعبي ۾ ايم بي اي ۽ پي ايڇ ڊي جون سندون حاصل ڪيون هن آمريڪا ۽ برطانيه جي مالي ادارن ۾ هڪ اعليٰ آفيسر طور ڪم ڪري چڪو آهي هن پنهنجي سياسي سفر جي شروعات 1997ع وارين عام چونڊن ۾ حصو وٺڻ سان ڪئي 2002ع ۽ 2008ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ سنڌ ڪابينا جو حصو رهيو اڳتي هلي 2018ع کان 2023ع تائين پڻ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر رهيو



آغا خان ٽيون

آغا خان ٽيون اسماعيلي فرقي جو 48هون امام، سماج سڌارڪ ۽ تحريڪِ آزاديءَ جو عظيم اڳواڻ هو هن جو پورو نالو سلطان محمد شاهه هو ۽ هن جو جنم سنڌ جي شهر ڪراچيءَ ۾ 2 نومبر 1877ع تي ٿيو هن کي ستن سالن جي ننڍڙي ڄمار ۾ 1885ع ۾ اسماعيلي فرقي جو امام بڻايو ويو هو انهيءَ مسند تي 1957ع تائين فائز رهيو پنهنجي امامت واري دور ۾ هن ڪيترائي اسڪول ڪوليا، اسپتالون قائم ڪيون ۽ ٻيا به بيشمار عام ڀلي جا ڪم ڪيا خاص طور تي اسماعيلي فرقي سان واسطو رکندڙ فردن جي ڀلائيءَ لاءِ سازاهه جوڳا قدم کنيائين هن جو شمار تحريڪِ آزاديءَ جي اهم اڳواڻن ۾ ٿئي ٿو هو آل انڊيا مسلم ليگ جي باني اڳواڻن مان هڪ هو جڏهن آل انڊيا مسلم ليگ جو بنياد رکيو ويو ته آغا خان ٽيون انهيءَ جو پهريون صدر چونڊيو ويو. 1930ع کان 1932ع تائين لنڊن ۾ ٿي گول ميز ڪانفرنسون منعقد ٿيون، انهن ڪانفرنسن ۾ هن هندستان ۾ آئيني سڌارا آڻڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو. 1932ع ۾ هن کي ليگ آف نيشنس ۾ هندستان جي نمائندگي ڪرڻ جو اعزاز حاصل ٿيو ۽ هن انهيءَ ليگ جي 18هين اسيمبليءَ جي صدارت ڪئي هن ڪجهه ڪتاب پڻ لکيا. سندس تصنيفن ۾ India in Transition ۽ سندس آتم ڪهاڻي The Memoirs of Aga Khan: World Enough and Time مشهور آهن هن 11 جولاءِ 1957ع تي سئٽزرلينڊ ۾ وفات ڪئي

ڀاڳچي فقير لغاري

ڀاڳچي فقير سنڌ جو مشهور صوفي شاعر هو هن جو جنم 1920ع ڌاري ڳوٺ ڪرم خان لغاري، تعلقي ڏهرڪي ضلعي گهوٽڪيءَ ۾ ٿيو سندس والد جو نالو بخشڻ لغاري هو هڪ غريب خاندان سان واسطو هجڻ ڪري سڄي عمر غربت ۾ گذاريائين ڪجهه عرصو سانگهڙ تعلقي جي ڳوٺ دريڙيءَ ۾ رهائش اختيار ڪيائين جتي نواب اڪبر بگٽيءَ جي زمين تي هاريو ۽ ڪمداري ڪيائين هو سيد چيڙل شاهه رڪيل شاهه ۽ شهيد شاهه عنايت جي درگاهن جو باقاعدگيءَ سان حاضري ڀريندو هو انهن ئي بزرگن جي عقيدت کيس سنڌ جو وڏو صوفي شاعر بڻايو هن سنڌي، سرائيڪي اردو ۽ فارسيءَ ۾ شاعري ڪئي سندس شاعريءَ ۾ ڪافيون، حمد، نعتون، مولود، مداحون، منقبتون، مرثيا، معراج ناما، سينگار بيت، ڏوهيڙا، سي حرفيون ۽ مزاحيه شاعري شامل آهي سندس شاعريءَ جو مجموعو "ڪليات ڀاڳچي" جي نالي سان ڇپجي چڪو آهي ڀاڳچي فقير 11 جولاءِ 1994ع تي وفات ڪئي

زاهد قليباڻي

اڄ مشهور براڊڪاسٽر زاهد قليباڻيءَ جي وفات جو ڏينهن آهي زاهد قليباڻيءَ جو جنم 12 سيپٽمبر 1950ع تي ٿيو. ايم اي تائين تعليم حاصل ڪيائين 1974ع تي هو ريڊيو پاڪستان تي پروڊيوسر مقرر ٿيو اڳتي هلي ترقي ڪري پروگرام مئنيجر ۽ اسٽيشن ڊائريڪٽر جا عهدا ماڻيائين. هن ريڊيو پاڪستان تان ڪيترائي يادگار پروگرام ٻڌندڙن تائين پهچايا. هن 11 جولاءِ 2014ع تي وفات ڪئي

بقايا 1 ”روزاني عبرت“

۽ ڪيس ماڊل ٿاڻي بدين تي حراست ۾ رکيو ويو بدين پوليس ڪالهه صبح سان ئي پريس ڪلب جي پرپاسي ۾ پوليس نفري بهاري شهر جي داخلي رستن جي ناڪا بندي ڪري ڇڏي هئي ان هوندي سوين ڪارڪن پريس ڪلب پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ بدين پوليس جي ڏاڍاين خلاف سخت نعري بازي ڪئي بعد ۾ وڏي انگ ۾ ڪارڪن بدين ٿاڻي آڳيان ڪٺ ٿي ويا ۽ سيد نواز شاهه پاڏائي جي گرفتاري جي خلاف سخت نعري بازي ڪئي جنهن ڪان پوءِ بدين پوليس شام چار وڳي ڌاري سيد نواز شاهه پاڏائي کي آزاد ڪري ڇڏيو ٿاڻي ڪان ٻاهر ايندي ئي سوين ڪارڪنن ڪيس اجرڪ پارائي مٿس گلن جي ورکا ڪئي ۽ سنڌ دشمن منصوبن جي خلاف سخت نعري بازي ڪئي هن موقعي تي نواز شاهه پاڏائي چيو ته حڪومت پرامن احتجاج کي روڪي آمريت جي ياد تازي ڪري ڇڏي آهي هن چيو ته گرفتارين ۽ ڪيسن جي ذريعي سنڌي قوم جي حقن جي جدوجهد کان روڪي نٿو سگهجي هن موقعي تي ايس ٽي پي اڳواڻ شاهنواز سيال راجهه خواجه ۾ موجود هئا ٻي طرف سنڌ دوست اتحاد جي چيئرمين ڊاڪٽر عزيز ميمڻ بدين ۾ جيئي سنڌ محاذ جي اڳواڻ نواز شاهه پاڏائي جي گرفتاري جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته پاڪستان هڪ جمهوري ملڪ آهي هتي پرامن احتجاج ڪرڻ عوام جو بنيادي حق آهي ان هوندي حڪومت طرفان پاڻي جي ڪوٽ ۽ سنڌ جي وسيلن جي ڦرلٽ خلاف پرامن احتجاج کي طاقت جي ذريعي روڪڻ ۽ پرامن اڳواڻن کي گرفتار ڪرڻ انتهائي افسوسناڪ عمل آهي

بقايا 2 ”روزاني عبرت“

۽ روڪ رقم چوري ڪري فرار ٿي ويا. اطلاعن موجب چور گهر ۾ پيل قيمتي سامان ڪٺي آساني سان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، جنهن سبب علائقي ۾ خوف ۽ بيچيني پکڙجي وئي آهي ٻئي طرف ڪوٽ غلام محمد ويجهو گوونڊا فارم ديهه 290 ۾ به نامعلوم چورن بجلي جي ٽرانسفارمر مان قيمتي ڌاتي (ڪاپر) جون ڪوائلون ڪڍي چوري ڪري فرار ٿي ويا علائقي واسين وڌندڙ چورين تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي پوليس ڪان مطالبو ڪيو آهي ته چورن کي جلد گرفتار ڪري چوري ٿيل سامان ۽ ٽرانسفارمر جون ڪوائلون هٿ ڪري متاثرن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 3 ”روزاني عبرت“

گولو جو لاش پاڻي ۾ گم ٿيو جنهن کي ڪافي ڳولا مقامي ماڻهن ۽ وارثن ڪئي پر لاش نه مليو جنهن ڪري مجبورن گذريل ڏينهن وارثن سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن سان ملي ڪري ڊي سي آفيس آڏو ڌرڻو هڻي مين گيٽ بند ڪري سخت نعريبازي پڻ ڪئي جنهن بعد انتظاميا جاڳي پئي ريسڪيو ڪري واقعي واري هنڌ ڪان لاش ٻاهر ڪڍيو ويو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو هر طرف روح لاڙو پئجي ويو.

بقايا 4 ”روزاني عبرت“

پيرا لاڳاپيل چونڊيل نمائندن ۽ اختيارين کي شڪايتون ڪيون پر اڃا تائين ڪو به عملي قدم نه کنيو ويو آهي هنن اعليٰ اختيارين سکر جي ميئر ۽ لاڳاپيل ادارن ڪان مطالبو ڪيو ته علائقي ۾ فوري طور نيڪال آب جو مؤثر انتظام ڪيو وڃي، ترقياتي ڪم شروع ڪيا وڃن ۽ شهرين کي بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ٻي صورت ۾ هو احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪرڻ تي مجبور ٿيندا.

بقايا 5 ”روزاني عبرت“

هنن وڌيڪ چيو ته اسان تمام غريب آهيون اسان جي ڪير به ٻڌڻ وارو ناهي مجبور ٿي احتجاج ڪري رهيا آهيون هنن اعلي اختيارين کان گهر ڪئي ته نياڻي سان زيادتي ڪندڙ جوابدار جي ضمانت رد ڪري ڪيس گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي ۽ اسان کي تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي

بقايا 6 ”روزاني عبرت“

ناهي ڪئي جنهن سبب منشيات فروش بنا خوف جي شهرن ۽ مختلف ڳوٺن ۾ زهريلي سوپارين جو ڪاروبار ڪن ٿا جن ڪان ڪوبه پڇا ڪرڻ وارو ناهي جيڪي معصوم زندگيون اجاڙي رهيا آهن جڏهن ته انتظاميا منشيات فروشن خلاف ڪابه ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي جنهن سبب منشيات فروش زهريليون سوپارين جو ڪاروبار ڪري رهيا آهن احتجاج ڪندڙ ڊي سي دادو اسسٽنٽ ڪمشنر کي اين شاهه ۽ ٻين اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ڪڪڙ شهر ۽ ٻين ڳوٺن ۾ نشي آور سوپارين جو ڪاروبار ڪندڙ منشيات فروشن خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪري انهن کي گرفتار ڪيو وڃي

بقايا 7 ”روزاني عبرت“

متاثر ٿي رهي آهي ۾ مريضن خاص طور عورتن ۾ به خوف ۽ بيچيني پيدا ٿي رهي آهي. زيد يار ڦليپوٽو ۽ ٻين اڳواڻن مطالبو ڪيو ته اسپتال ۾ دوائن طبي عملي ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي ڪوٽ فوري طور ختم ڪئي وڃي جڏهن ته هراسان ڪرڻ جي الزامن جي اعلي سطحي جاچ ڪرائي جيڪڏهن الزام ثابت ٿين ته لاڳاپيل ٽيڪنيشن خلاف سخت قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي.

بقايا 8 ”روزاني عبرت“

جڏهن ته گئس جي کوٽ ۽ بجلي جي بدترين لوڊشيڊنگ به رهواسين جو جيئڻ مشڪل ڪري ڇڏيو آهي . مزدورن جا خاندان پاڻي جي هڪ ڦڙي لاءِ ترسي رهيا آهن جڏهن ته مڇرن ۽ آواره ڪتن جو راڄ گندي پاڻي ۽ ڪچري جي ڪري، سڄي ڪالوني ۾ مڇر ايترا وڌي ويا آهن جو مليريا جهڙيون خطرناڪ بيماريون پکڙجڻ جو خطرو آهي ڏينهن جو به خاموش ويهڻ ناممڪن آهي رات جو ته ڇا پر ان ڪان علاوه ڪالوني ۾ آواره ۽ پڪندڙ ڪتن جو تعداد تمام گهڻو وڌي ويو آهي جنهن جي ڪري معصوم ٻارن ۽ بزرگن جو گهر ڇڏڻ موت کي دعوت ڏيڻ جي مترادف بڻجي ويو آهي شهزاد مغل ۽ ٻين رهواسين چتاءُ ڏيندي چيو آهي ته ضلعي انتظاميا جي اعليٰ آفيسرن جي چڪرن ۾ گهمندي ٿڪجي پيا آهن پر خالي تسلين ڪانسواءِ ڪجهه به حاصل نه ٿيو آهي رهواسين سنڌ حڪومت ۽ ڊي سي سکر ڪان فوري طور تي نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪندي خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن ڊرينيج سسٽم جي مرمت نه ڪئي وئي، ڪچرو نه کنيو ويو ۽ پاڻي بجلي ۽ گئس جي فراهمي بحال نه ڪئي وئي ته اهي روڊن تي نڪرندا ۽ سخت احتجاج ڪندا، جنهن جي پوري ذميواري سکر انتظاميا تي هوندي

بقايا 9 ”روزاني عبرت“

ٽرانسپورٽرن خلاف ڪارروائي ڪئي ڪارروائي دوران ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ ٽرانسپورٽرن تي ڏنڊ لاڳو ڪيا ويا، جڏهن ته مسافرن ڪان ورتل هزارين رپين جي اضافي ڀاڙي جي رقم پڻ واپس ڪرائي وئي. ضلعي انتظاميا واضح ڪيو آهي ته عوام ڪان سرڪاري مقرر ڪيل ڀاڙي ڪان وڌيڪ رقم وصول ڪندڙن خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروائيون جاري رهنديون انتظاميا ٽرانسپورٽرن کي هدايت ڪئي آهي ته هو سرڪاري ڀاڙي نامي تي سختي سان عمل ڪن ٻي صورت ۾ سندن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 10 ”روزاني عبرت“

غريب مسڪينن جي مدد ڪندو آهي ۽ هر ڏک سک ۾ عوام سان گڏ هوندو آهي ـ ان موقعي تي اين پي سي آئي ايڇ اي تعلقي ميهڙ جي صدر جمال الدين چانڊيو جنرل سيڪريٽري مخدوم شهاب مهيسر ايڊووڪيٽ اسرار علي ميمڻ پروفيسر محمد رمضان دريائي بئنڪ آفيسر سيد سجاد حسين شاهه مشهور تعليمدان سر ميهر علي ڪوسو سر اي ڊي ميمڻ سماجي اڳواڻ رئيس منثار علي ڪوسو رئيس علي گوهر ڪوڪر ۽ خصوصي دبئي ڪان حاجي پرديسي فدا حسين ڏيپر ۽ ٻين دوستن طرفان دل جي گهرائين سان مبارڪون ڏنيون ان موقعي تي عشر زڪوات ڪاميٽي ديهه ڪڌهري جي چونڊيل چيئرمين شاهنواز ڏيپر چيو ته مان پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻن مير نادر خان مگسي مير عامر خان مگسي سردار خان ڏيپر زاهد حسين ڏيپر جي مهرباني جن مون تي اعتماد ڪري مون کي چيئرمين چونڊيو ويو مان غريب مسڪينن جي خدمت ڪندو رهندس ۽ پارٽي جو نالو روشن ڪندس

بقايا 11 ”روزاني عبرت“

به ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا پوليس موجب گرفتار زخمي جوابدار جي سڃاڻپ عبيدالله چوهاڻ جي نالي سان ٿي آهي جيڪو اسنيجنگ، چوري، ڦر پوليس مقابلن سميت ڪيترين ئي سنگين وارداتن ۾ پوليس کي گهربل هو پوليس جوابدار جي قبضي مان هڪ ٽي ٽي پسٽل ۽ گوليون هٿ ڪري ورتيون آهن

بقايا 12 ”روزاني عبرت“

سرڪاري گودامن ۾ ڪڻڪ جو اسٽاڪ به گهٽجڻ جو انڪشاف ٿيو آهي اٽي جا اگهه اوچتو وڌي ويا آهن 125 ڪان 140رپيا وڪامڻ لڳو آهي.

بقايا 13 ”روزاني عبرت“

آڪاش وفا ميمڻ ممتاز مولائي سوڍي سميت مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن سائين ۽ علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ ڪامريڊ شريف سومرو کي پيتا پيش ڪئي ان موقعي تي مختلف اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ڪامريڊ شريف سومرو نظرياتي قومپرست اڳواڻ هو سندس رت ۾ ڌرتي جو عشق سمايل هو رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد، عبدالواحد آريسر ۽ شهيد بشير قريشي هن جا آئيڊيل هئا، آخري وقت تائين سيد جي نظرئي سان سلهاڙيل رهيو هن چيو ته سنڌ ۾ پيپلزپارٽي 17 سالن ڪان وٺي اقتدار تي قابض آهي سنڌ جا سمورا وسيلا تين وال ڪيا پيا وڃن رياست حڪومتي پاليسن خلاف سنڌ ۾ وڌندڙ عوامي ڪاوڙ کي روڪڻ لاءِ قومپرست سياسي اڳواڻن جي ڪڏ پڪڙ پئجي وئي، مختلف اڳواڻن خلاف ڪيس داخل ڪري کين گرفتار ڪيو پيو وڃي. هنن وڌيڪ چيو ته ڳوٺ رتا جي نوجوانن کي هٿ وٺي منشيات ۽ سماجي برائين جي ور چاڙهيو ويو آهي چند منشيات فروشن جي آڙ ۾ ڳوٺ جي رهندڙ شريف ماڻهن مٿان دهشتگردي جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا آهن ان ڪان اڳ ڪامريڊ شريف سومرو جي قبر تي گلن جي چادر چاڙهي دعا گهري وئي.

بقايا 14 ”روزاني عبرت“

متاثرين ڊي آئي جي سکر ايس ايس پي سکر ۽ وسوارن ڪان مطالبو ڪيو ته حملو ڪندڙ پنهرا برادري جي جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪري بدمست ايس ايڇ او نيويند عباس سنڌراڻي کي هٽائي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي. ٻئي طرف ايس ايڇ او نيويند عباس سنڌراڻي رابطي تي ٻڌايو ته پيا برادري پاران محلي ۾ هلندڙ سرڪاري ڪم ۾ مداخلت ڪئي ۽ پنهرا برادري سان جهيڙو ڪيو آهي ٿاڻي تي اچي بدمعاشي ڪري رهيا هيا جن خلاف يوسي چيئرمين پاران سرڪاري ڪم کي روڪائڻ لاءِ ڪيس داخل ڪرائڻ آيو پر معاملي کي سلجهائڻ لاءِ ڌرين کي سمجهائي رهيا هيا سين ته ڪجهه شرپسند ٿاڻي تي هنگامو ڪري ماحول خراب ڪري رهيا هيا پوليس ماڻهن کي ڇڙوڇڙ ڪرڻ ۽ جهيڙي کي روڪڻ لاءِ ٿاڻي مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو

بقايا 15 ”روزاني عبرت“

چيو ويو آهي ته ڪو به شخص هن سيل ڪيل جاءِ ۾ بنا اجازت داخل ٿيندو سرڪاري سيل ٽوڙيندو يا ان سان ڪنهن به قسم جي ڇيڙڇاڙ ڪندو ته ان خلاف سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول آرڊيننس 1979/82 جي سيڪشن 19 تحت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ قانون موجب سزا ڏني ويندي

بقايا 16 ”روزاني عبرت“

اطلاع تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو

بقايا 17 ”روزاني عبرت“

ٽي بيئل فصل ڪمند، سارين وونڊڻ ،باجهري سميت پاڇيون ۽ باغ پاڻي جي رسائي نه ملڻ ڪري سڙي تباهه ٿي ويا آهن جنهن سبب ڪين لکين رپين جو نقصان ٿي رهيو آهي متاثر آبادگارن سنڌ آبپاشي کاتي جي وزير ۽ سيڪريٽري سميت اختيارين ڪان اڌري جانچ جو مطالبو ڪندي سندن ٿيندڙ نقصان جي ازالي جي پڻ گهر ڪئي آهي.

بقايا 18 ”روزاني عبرت“

ڊپٽي ڪمشنر به درخواستون به ڏنيون آهن پر ڪوبه ڪرٽيل ناهي نڪري سگهيون هن چيو ته ايم اين اي مير اعجاز حسين جکراڻي اسان جي مسئلي جي حل جي ڪوشش ۾ آهي جيڪو مسئلو ڳالهين ذريعي حل نه ٿيو ته پوءِ اسين ڪورٽ ويندا سين

بقايا 19 ”روزاني عبرت“

ڪندڙ عوام دوستن سائين ۽ ڪارڪنن جا دل جي گهراين سان ٿورا مڃيندي چيو ته سوشل ميڊيا تي نيڪ خواهشن فون ڪالن پيغامن ۽ دعائن تي هو سڀني جو بيحد شڪرگذار آهي.

بقايا 20 ”روزاني عبرت“

ڪندا هئا انهن ۾ پريشاني وڌي ويئي آهي جيڪي سول اسپتال نوشهرو فيروز سميت تعلقي جي هيڊڪوارٽر اسپتالن ۾ اچڻ لاءِ اتان جي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽن ڪان اين او سي وٺڻ لاءِ نوڪن جا هٿ ڪولي ڇڏيا آهن

بقايا 21 ”روزاني عبرت“

اسپتال ذريعن موجب بيهوش شخص کي اسپتال پهچائڻ وقت به ڊيوٽي تي ڪوبه ڊاڪٽر موجود نه هو جنهن سبب ڪيس نه رڳو فوري علاج ملي سگهيس پر هو ڪلاڪن تائين بي يارو مددگار حالت ۾ اسپتال ۾ پيل رهيو علائقي واسين جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن تعلقي اسپتال راڌڻ ۾

بقايا 22 ”روزاني عبرت“

ڪٽوتي ڪرڻ لاءِ ڊوائيزون رات جي اونداهي ۾ هلڻ لڳيون . ڊوائيزون بند هئڻ ۽ لُڪ ڇُپ ۾ هلڻ ڪري مستحق عورتون سخت پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويون

بقايا 23 ”روزاني عبرت“

ڪندي ان موقعي تي ڳڻتي ۾ اميد ظاهر ڪئي وئي ته پروفيشنل صحافين اخبارن سنڌي چئنلز تي ڪم ڪندڙ صحافي ريجنل يونين آف جرنلسٽس جي پليٽ فارم جو حصو ٿي پنهنجا مسئلا حل ڪرائي سگهن ٿا ۽ صحافين جي حقن جو تحفظ ادا ڪرڻ جهڙي ذميواري تنظيمي طور پوري ڪئي ويندي . سنڌ ۾ صحافت جي آزادي لاءِ ۽ غريب صحافين جي مدد لاءِ محنت ڪئي ويندي

بقايا 24 ”روزاني عبرت“

مستحق عورتن جي اميد جو سهارو آهي هن چيو ته هن پروگرام جي بدولت لکين خاندانن جي گهرن جا چلها ٻري رهيا آهن ۽ انهن کي باعزت زندگي گذارڻ جو موقعو ملي رهيو آهي

بقايا 25 ”روزاني عبرت“

ڪوشش کي فروغ ڏيڻ ۽ متاثرين لاءِ ريفرل ميڪنزم کي مضبوط بڻائڻ هو سيمينار جي صدارت انسٽيٽيوٽ آف مينجمينٽ اسڪلز ڊولپمينٽ جي مئنيجر زبير سومرو ڪئي

بقايا 26 ”روزاني عبرت“

جا صحافي مٿان بليڪ ميل ڪرڻ جا الزام.متاثر عورت پاران دڪاندار خلاف ڪاروائي جي گهر ڪٽوتي ڪيل رقم واپس ڏيارڻ جو مطالبو

بقايا 27 ”روزاني عبرت“

منتقل ڪيو ويو جڏهن ته ڦاهي جي سزا جي تصديق لاءِ ريفرنس سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ ڏانهن اماڻڻ جو حڪم پڻ جاري ڪيو ويو

بقايا 28 ”روزاني عبرت“

هو مڇو بنگلاڻي سميت مختلف گينگز جو حصو رهيو آهي جيڪو هاڻي اسان ڪان ڀتو وصول ڪرڻ چاهي ٿو هنن ايس ايس پي جيڪب آباد ڪان گهر ڪندي چيو ته اسان جي احتجاج جو نوٽيس وٺي بدنام ڌوهاري معشوق بنگلاڻي خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي

بقايا 29 ”روزاني عبرت“

ظاهرڪيو پيو وڃي

بقايا 30 ”روزاني عبرت“

چيو ته خيرمحمد آبادگارن جا مسئلا اعلي ايوانن تائين پهچائيندو ۽ آبادگارن کي زرعي سهولتون وٺي ڏيندو آبادگار اڳواڻن خيرمحمد آراڏين ۽ آفتاب احمد پنهور چيو ته آبادگارن جيڪا ڪڻڪ پنهنجي ڪائڻ ۽ ٻج لاءِ رکي آهي ان تي به ضلع انتظاميه جا ماڻهو آبادگارن کي تنگ ڪري رهيا آهن هنن چيو ته آبادگارن سنڌ حڪومت کي چيو ته اسان ڪان ڪڻڪ وٺو پر حڪومت جي غلط پاليسن جي ڪري ڪڻڪ آبادگارن ڪان نه ورتي وئي

بقايا 31 ”روزاني عبرت“

علم پاڪ ذوالجناح ۽ ٻين تازين سان جلوس ۾ حصو ورتو.جلوس جمن شاهه واري علائقي آچرو امام بارگاهه مان برآمد ٿيو جيڪو مقرر رستن ۽ مختلف امام بارگاهن تان ٿيندو

بقايا 32 ”روزاني عبرت“

مليل هڪ تولو سون ڍُڪ ڏيڻهن لاءِ اڌار ورتو هو

بقايا 33 ”روزاني عبرت“

جوائنٽ سيڪريٽري طور بنا مقابلي چونڊجي ويا.بنا مقابلي ڪاميابي جي اعلان کان پوءِ يونين اڳواڻن سيڪو ملازمن ۽ مختلف سماجي ۽ سرڪاري حلقن پاران نون چونڊيل عهديدارن کي واڌايون پيش ڪيون ويون ان موقعي تي ملازمن اميد ظاهر ڪئي ته نئين قيادت ملازمن جي حقن جي تحفظ، سنڌن پلائي اداري جي ترقي ۽ يونين جي اتحاد ۽ مضبوطي لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪندي.ان موقعي تي نون چونڊيل عهديدارن ملازمن پاران مٿن اعتماد ڪرڻ تي سندن ٿورا مڃيندي يقين ڏياريو ته هو ملازمن جي مسئلن جي حل جائز حقن جي حاصلات، فلاح ۽ اداري جي بهتري لاءِ هر ممڪن جدوجهد جاري رکندا ۽ يونين کي وڌيڪ فعال ۽ مضبوط بڻائڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪندا.

بقايا 34 ”روزاني عبرت“

ڪري رهواسي عدم تحفظ جو شڪار آهن

بقايا 35 ”روزاني عبرت“

محمد اقبال ميمڻ ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب جي سينيئر صحافي رمضان شورو ذوالفقار چانڊيو،قاضي شمس،امتياز منگريو صديق چيبو عطا احمد منگريو ڊاڪٽر ذوالفقار ميمڻ ڊاڪٽر شبير ميمڻ تاجران فيڊريشن جي صدر حاجي اسماعيل ميمڻ سليم گڏبي پٺاڻ پير ثاقب جان سرهندي، ڊاڪٽر چمن لال جيواڻي،غلام رسول ڪيريو ،فيض سولنگي سميت شهر جي سياسي سماجي،ادبي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي .

بقايا 36 ”روزاني عبرت“

لهر چانيل آهي اسان اهڙي رياستي جبر کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين هنن مطالبو ڪيو ته ضلع دادو جي صدر عقيل احمد لنڊ مٿان داخل ڪيل ڪوڙا ڪيس فوري طور ختم ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ اسان پنهنجي احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪنداسين

بقايا 37 ”روزاني عبرت“

محمد اقبال ميمڻ ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب جي سينيئر صحافي رمضان شورو ذوالفقار چانڊيو،قاضي شمس،امتياز منگريو صديق چيبو عطا احمد منگريو ڊاڪٽر ذوالفقار ميمڻ ڊاڪٽر شبير ميمڻ تاجران فيڊريشن جي صدر حاجي اسماعيل ميمڻ سليم گڏبي پٺاڻ پير ثاقب جان سرهندي، ڊاڪٽر چمن لال جيواڻي،غلام رسول ڪيريو ،فيض سولنگي سميت شهر جي سياسي سماجي،ادبي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي .

بقايا 38 ”روزاني عبرت“

خاصخيلي جي قيادت ۾ پوليس اٿالز علائقي ۾ سخت سرچ آپريشن ڪري 4 مک جوابدارن کي گرفتار ڪيو گرفتار جوابدارن ۾ محمد سفر چانڊيو احمد رضا چانڊيو محمد پريل عرف بشير چانڊيو ۽ جوابدار ذوالفقار چانڊيو شامل آهن جڏهن ته ٻين جوابدارن جي گرفتاري لاءِ وڌيڪ ڇاپا هنيا پيا وڃن ٻئي پاسي علائقي ۾ امن امان بحال رکڻ لاءِ پوليس جي اضافي نفري مقرر ڪئي وئي آهي ۽ پوليس پڪٽون پڻ قائم ڪيون ويون آهن ايس ايس پي دادو پاران واضح ڪيو ويو آهي ته قانون کان مٿانهون ڪو به ناهي واقعي ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون موجب انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو ۽ قانون هٿ ۾ کڻندڙن سان ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڪئي ويندي

بقايا 39 ”روزاني عبرت“

Kuzu Toplukonut Insaat A.S جي نمائندن وچ ۾ ورلڊ بئنڪ جي مالي سهڪار سان معاهدي تي صحيحون ڪيون ويون. منصوبي تحت جديد طبي سهولتن سان ليس اسپتال تعمير ڪيو ويندو، جنهن سان خيرپور ناٿن شاهه سميت پرپاسي وارن علائقن جي هزارين رهواسين کي معياري علاج جون سهولتون پنهنجي علائقي ۾ ئي ميسر ٿي سگهنديون

بقايا 40 ”روزاني عبرت“

دوران ٻار جو لاش ڳولهي محفوظ طريقي سان پاڻي مان ڪڍي وارثن حوالي ڪيو ويو.ٻار جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو جڏهن ته ريسڪيو 1122 خيرپور شهرين کي اپيل ڪري ٿي ته واهن ڪينالن ۽ ٻين آبي هنڌن جي ويجهو ٻارن کي هرگز اڪيلو نه ڇڏين ۽ انهن جي حفاظت کي يقيني بڻائين جيئن اهڙن افسوسناڪ واقعن کان بچي سگهجي موقعي تي موجود شهرين ريسڪيو 1122 خيرپور جي بروقت ڪارروائي پيشاورانه مهارت ۽ غوطه خور ٽيم جي انتهڪ ڪوشش کي ساراهيندي اهلڪارن کي ڀرپور خراج تحسين پيش ڪيو

آفيس آف دي ڊائريڪٽر ٽيڪسز
حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن حيدرآباد

نمبر: 259/2026
تاريخ: 17-06-2026

نيلامي جو نوٽيس

عام عوام ۽ دلچسپي رکندڙ ڌرين کي اطلاع ڏجي ٿو ته حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن جي مالي سال 27-2026 (01-07-2026 کان 30-06-2027 تائين) جي ٽيڪسن جي ساليانې نيلامي 27-07-2026تي صبح 11:00 وڳي، ميونسپل ڪمشنر ايڇ ايم سي جي صدارت هيٺ، ميونسپل ڪارپوريشن جي آفيس جناح هال مين بلڊنگ ايڇ ايم سي حيدرآباد ۾ ڪليل نيلامي لاءِ مقرر ڪئي وئي آهي. ڌرين جي شرڪت نه ڪرڻ جي صورت ۾ نيلامي ٻيو پيرو2026-07-28 تي ۽ ٽيون پيرو2026-07-29 تي ٿيندي.

نيلامي جي تفصيل

سريل نمبر	ڪانٽريڪٽ جو نالو	سرڪاري بولي	زر ضمانت (%10)
1	اشتهار (بغير هورڊنگ بورڊ / پائلن)	14219608	1421960
2	هاڪر لائسنس / نيلهن جي فيس	841877	84187
3	ڪيٽل پيڙي واقع ڪيٽل ڪالوني، ٽي ايم کي روڊ، حيدرآباد	2500000	250000

شرط ۽ ضابطا

- ڪنهن به نادهنده ڪانٽريڪٽر کي نيلامي ۾ حصو وٺڻ جي اجازت ناهي.
- ڪامياب / وڌ ۾ وڌ بولي ڏيندڙ کي قبضو وٺڻ کان اڳ ڪانٽريڪٽ جي رقم جو 10 سيڪڙو ايڇ ايم سي جي حق ۾، 10 سيڪڙو انڪم ٽيڪس ۽ 10 سيڪڙو ايس آر بي جمع ڪرائڻو پوندو.
- دستخط ڪندڙ وٽ ڪنهن به يا سمورين نيلامين کي منظور / رد ڪرڻ جو حق محفوظ آهي بغير ڪنهن سبب ٻڌائڻ جي.
- شرط ۽ ضابطا ڪنهن به ڪم واري ڏينهن آفيس جي وقت ۾ ڏسي سگهجن ٿا.
- ڪائونسل ٽيڪسن جي شرح تي نظرثاني ڪرڻ تي متفق ٿي آهي، تنهن ڪري ڪامياب ڪانٽريڪٽر پابند هوندو ته ڪانٽريڪٽ جي ڪامياب رقم ۾ واڌارو ٿيل تناسب شامل ڪيو وڃي.

اهليت / جانچ جو معيار (دستاويز لازمي طور منسلڪ هجن)

- اين ٽي اين رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ
- انڪم ٽيڪس ريٽرنز (آخري 02 سال)
- ڪوبه عدالتي ڪيس / بليڪ لسٽ نه هجڻ جو حلف نامو (100 رپين جي اسٽامپ پيپر تي)
- بئنڪ اسٽيٽمينٽ آخري 03 سالن جي (لازمي طور هر سال لاءِ پهرين جولاءِ کان 30 جون تائين الڳ مهيا ڪئي وڃي)
- لاڳاپيل تجربو (آخري 03 سالن ۾)

حصو ٻيو
حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن جي ڪرائيدارن لاءِ خبرداري

حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن جي سڀني ڪرائيدارن کي هدايت ڪجي ٿي ته اهي پنهنجي لاڳاپيل دڪانن جو ماهوار ڪرايو ۽ بقاياجات هن اشتهار جي شايع ٿيڻ جي هڪ مهيني اندر حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن ۾ جمع ڪرائين، ٻي صورت ۾ انهن جي ڪرائيداري فوري طور تي ڪرائيدار جي ذميواري ۽ خرچ تي رد / ختم سمجهي ويندي.

ڊائريڪٽر ٽيڪسز
حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن

PAKISTAN AIRPORTS AUTHORITY (PAA)
پاکستان ائیر پورٹس اتھارٹی

ٹینڈر نوٹس

1۔ پبلک پروکیورمنٹ ریگولیٹری اتھارٹی (PPRA) کے ضوابط (b)36 کے مطابق ایسے کانٹریکٹرز/فرمز سے الیکٹرانک بولیاں مطلوب ہیں جو مطلوبہ انجینئرنگ مہارت اور وسائل رکھتے ہوں، پاکستان انجینئرنگ کونسل (PEC) کے ساتھ کم از کم C-4 کیٹیگری میں CE-10، EE-04 اور EE-05 کوڈز کے ساتھ باقاعدہ رجسٹرڈ ہوں۔

Name of Work	Earnest Money	Date and time of submission	Date and time of opening
Improvement of medium voltage (MV) infrastructure and optimization of low voltage power distribution network at CATI Hyderabad.	Rs. 3,000,000/-	05-08-2026 1400 Hrs	05-08-2026 1430 Hrs

2۔ بولیاں بڈنگ دستاویزات میں درج شرائط و ضوابط اور پی پی آر اے (PPRA) کی جانب سے فراہم کردہ ہدایات کے مطابق، پی پی آر اے کے E-PADS سسٹم http://epads.gov.pk کے ذریعے مقررہ آخری تاریخ اور وقت سے قبل الیکٹرانک طور پر جمع کرائی جائیں۔

3۔ زرِ بیعانہ کے بغیر جمع کرائی گئی کوئی بھی بولی قابلِ قبول نہیں ہوگی۔ زرِ بیعانہ کی اصل دستاویز (مہر بند لفافے میں) ٹینڈر کھولنے کی مقررہ تاریخ اور وقت پر جمع کرانا لازمی ہوگی، جبکہ اس کی اسکین شدہ نقل الیکٹرانک بولی کے ساتھ منسلک کرنا بھی ضروری ہوگا۔ زرِ بیعانہ پاکستان ایئرپورٹس اتھارٹی (Pakistan Airports Authority) کے نام قابلِ ادائیگی ہونا چاہیے۔

4۔ پاکستان ایئرپورٹس اتھارٹی (PAA) مناسب اور معقول وجوہات کی بنیاد پر کسی بھی یا تمام ٹینڈرز کو قبول یا مسترد کرنے کا مکمل اختیار محفوظ رکھتی ہے۔ درخواست پر ایسی وجوہات متعلقہ بولی دہندہ کو فراہم کردی جائیں گی۔ ٹینڈر سے متعلق تمام اُمور ای پیڈ (E-PAD) پورٹل کے ضوابط اور طریقہ کار کے مطابق انجام دیے جائیں گے۔

5۔ انتباہ: بولی دہندگان یا کانٹریکٹرز کی جانب سے ٹینڈر فیس، زرِ بیعانہ، بولی سیکیورٹی یا بینک گارنٹی کی مد میں جمع کرائے گئے پے آرڈر، بینک ڈرافٹ یا دیگر مالیاتی دستاویزات اگر معاہدے سے قبل یا بعد کسی بھی مرحلے پر متعلقہ بینک یا مالیاتی ادارے کی جانب سے جعلی یا ناقابلِ ادائیگی قرار پائیں، تو متعلقہ بولی دہندہ/کانٹریکٹر کو بلیک لسٹ کردیا جائے گا اور ملکی قوانین کے مطابق قانونی کارروائی عمل میں لائی جائے گی۔

ڈویژنل انجینئر (E&M ES)
سندھ ڈویژن، CATI
ڈویژنل انجینئر E&M ES آفس، E&M ورکس سیکشن، CATI، حیدرآباد
ٹیلی فون: 022-9260335-310

PID-K-133/26
www.paa.gov.pk

بقايا اشتهار (اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقو صوپوديرو)

41		43 ب Vii 20-02-2014	مسعود احمد ولد غلام قادر هرياھ -25 نثار احمد ولد غلام قادر هرياھ -25 رخسار احمد ولد غلام قادر هرياھ -25 جميل احمد ولد غلام قادر هرياھ -25	رجسٽرڊ دستاويز موجب داخلا رڪيل آهي	561 562 153 152 650	4-06 5-36 2-34 3-34 5-30			
42		55 ب Vii 25-06-2015	حسين بخش ولد خان محمد سيال -25 غلام سرور ولد خان محمد سيال -25 منظور ولد خان محمد سيال -25 مسمات حسنه خاتون ڌيءُ خان محمد سيال ½ 12- مسمات بشيران خاتون ڌيءُ خان محمد سيال ½ 12-	فوتي ڪاتي بدل بنسبت داخلا رڪيل آهي	484	2-26			
43		64 ب Vii 30-06-2015	رياض احمد ولد سبحان علي هرياھ -25 سجاد احمد ولد سبحان علي هرياھ -25 خالد احمد ولد سبحان علي هرياھ -25 غلام علي عرف طارق احمد ولد سبحان علي هرياھ -25	رجسٽرڊ دستاويز موجب داخلا رڪيل آهي	129 118 128 133 117	4-27 4-06 4-18 2-16 5-08			
44		66 ب Vii 08-11-2015	انيس رحمان ولد نصرالله هرياھ صغير زير سنڀال سندس پيءُ جي سارو	رجسٽرڊ دستاويز موجب داخلا رڪيل آهي	567	1-30			
45		240 ب Vii 10-12-2015	عبدالڪريم ولد نواب حطار -16.6 محمد عظيم ولد نواب حطار 16.6 عبدالنعيم ولد نواب حطار 16.6 عبالغفور ولد نواب حطار-16.6 عبدالوقار ولد نواب حطار -16.6 فيض محمد ولد عبدالرحيم صغير زيرسنڀال سندس چاچي عبدالڪريم ولد نواب حطار -17	رجسٽرڊ دستاويز موجب داخلا رڪيل آهي	35	1-20			
46		76 ب Vii 20-07-2016	خالد احمد ولد سبحان علي هرياھ -50 غلام علي عرف طارق احمد ولد سبحان علي هرياھ -50	رجسٽرڊ دستاويز موجب داخلا رڪيل آهي	147 146	3-20 4-31			
47		78 ب Vii 19-06-2016	احمد علي ولد محمد عرس سٿپال -50 عبدالمجيد ولد محمد عرس سٿپال -50	رجسٽرڊ دستاويز موجب داخلا رڪيل آهي	458	1-28			
48		41 ب Vii 20-02-2014	منير احمد ولد مولا بخش سيال -10 نذير احمد ولد مولا بخش سيال -10 نثار احمد ولد مولا بخش سيال -10 رشيد احمد ولد مولا بخش سيال -10 رفيق احمد ولد مولا بخش سيال -10 حفيظ احمد ولد مولا بخش سيال-10 مسمات خورشيد ڌيءُ مولا بخش سيال ½ 4 - مسمات شمشاد ڌيءُ مولا بخش سيال ½ 4 - مسمات انيلا ڌيءُ مولا بخش سيال ½ 4 - مسمات جنت خاتون زال مولا بخش سيال -12	فوتي ڪاتي بدل بنسبت داخلا رڪيل آهي	438 441 442 444 445 488 492 768 763	0-06 1-25 0-28 2-07 2-13 2-23 2-12 1-00 1-07			
49		86 ب Vii 08-11-17	غلام اصغر ولد ارباب خان سامٽيو -50 غلام شبير ولد رسول بخش چنو -50	رجسٽرڊ دستاويز موجب داخلا رڪيل آهي	400 388 419/1 419/2 420/1 420/2 709/1 709/2 710/1 710/2	1-05 2-36 1-00 1-00 1-00 1-00 1-00 1-00 1-00 1-00			سروي نمبر 709/1سارو 709/2 سارو 710/1 سارو 710/2 سارو سيل سرٽفڪيٽ جاري ٿيل آهي
50		122 ب Vii 16-02-2021	شهداد ولد فوتڻ مسمات شهزادي زال الهڏنو سيال سارو	فوتي ڪاتي بدل بنسبت داخلا رڪيل آهي	446 447 480 609 610	2-15 2-11 3-37 2-17 2-31			
51		178 ب Vii 28-10-2009	امير بخش ولد گاهي خان مشوري سارو	رجسٽرڊ دستاويز موجب داخلا رڪيل آهي	209	1-09			
52		170 ب Vii 21-10-85	ممتاز علي ولد غلام حيدر هرياھ سارو	170 ب Vii 21-10-85 موجب داخلا رڪيل آهي	262 272 279 546 672 719	2-20 4-24 2-23 4-26 2-00 3-05			گروي جي داخلا نمبر 177 تاريخ 27-09-2009 Z.T.B.L صوپوديرو برانچ
53		126 ب Vii 26-10-2004	عبدالرشيد ولد محمد بخش هرياھ -50 غلام فريد ولد محمد بخش هرياھ -50	رجسٽرڊ دستاويز موجب داخلا رڪيل آهي	162 163/1	1-02 2-15			
54		125 الف Vii 21-10-85	غلام مرتضي ولد غلام حيدر هرياھ سارو	125 الف Vii موجب 21-10-85 داخلا رڪيل آهي	76 82	2-02 2-20			
55		118 الف Vii 26-11-2001	غلام رسول ولد محمد صالح هرياھ -11 شهداد خان ولد محمد صالح هرياھ -11 مشتاق احمد ولد محمد صالح هرياھ -11	فوتي ڪاتي بدل بنسبت داخلا رڪيل آهي	62 69 73 77 78 94	3-07 1-30 1-06 1-30 2-22 1-38			
			الاهي بخش ولد محمد صالح هرياھ -11 اختيار ولد محمد صالح هرياھ -11 مسمات سڪينه ڌيءُ محمد صالح هرياھ ½ 5- مسمات حاجل عرف ماجده ڌيءُ محمد صالح هرياھ ½ 5- مسمات شبيران ڌيءُ محمد صالح هرياھ ½ 5- مسمات صغران ڌيءُ محمد صالح هرياھ ½ 5- مسمات صفيه ڌيءُ محمد صالح هرياھ ½ 5- مسمات رضيه ڌيءُ محمد صالح هرياھ ½ 5- مسمات ارباب خاتون زال محمد صالح هرياھ -12		227 242 243 245 246 253 375 499 500 504 507 519 547 563 798 823 824 825 826 836 173	1-13 2-25 1-33 4-10 1-00 3-27 2-17 1-00 1-01 1-28 2-16 1-16 1-17 1-26 3-28 2-18 2-18 2-18 1-17 2-18			

مختيارڪار تعلقو صوپوديرو ضلع خيرپور

INF/KRY- 2864/26

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

بدين پوليس احتجاج کان روڪڻ لاءِ جسقم اڳواڻ نواز شاهه پاڏائي کي گرفتار ڪري ورتو

پاڻي کوٽ ۽ سنڌ دشمن منصوبن خلاف مظاهري کان اڳ پوليس ناڪابندي ڪري ڇڏي

ڪيترائي ڪارڪن پريس ڪلب پهچي ويا،گرفتاري خلاف بدين ٽائي آڏو احتجاجي مظاهرو

شام جو نواز شاهه پاڏائي کي آزاد ڪيو ويو، پرامن احتجاج روڪڻ جمهوري حقن تي وار آهي:نواز شاهه پاڏائي

بدين (ڊ ر) جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي وائيس چيئرمين نواز شاهه پاڏائي کي بدين پوليس ڪالهه بدين ۾ پاڻي کوٽ ۽ سنڌ دشمن منصوبن جي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪرڻ کان روڪي ڪيس گرفتار ڪري ورتو بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ملياٽي: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪڪڙ ۽ ڀرپاسي نشي آور سوپارين جي وڪري خلاف احتجاجي مظاهرو

خانپور جوڻيجو درمحمد ابڙو، ٽرڙي جادو شهيد ۽ ڳوٺن ۾ سرعام نشو وڪرو ٿيڻ تي مظاهرين

انتظاميا منشيات فروشن خلاف ڪابه ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي اعليٰ اختياريون نوٽيس وٺن

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ ۽ مختلف شهرن ڳوٺن ۾ زهر ايڪينهن نشي آور سوپارين جي وڪري خلاف شهرين ۽ ڳوٺاڻن جو احتجاج مظاهرو ضلع انتظاميا کان سخت نوٽس وٺڻ جو مطالبو ان دوران احتجاج ڪندڙ شهرين ۽ ڳوٺاڻن احسان مري، فقير عبدالغني ساريو جبل سنڌي، برڪت علي جويو نبي بخش ملاح، ممتاز علي، عبدالرزاق، نديم احمد ۽ ٻين چيو آهي ته ڪڪڙ شهر سميت ٻين ڳوٺن ۽ شهرن جنهن ۾ خانپور جوڻيجو درمحمد ابڙو ٽرڙي جادو شهيد، پيارو اسٽيشن ڳوٺ ڪڱا، رڪڻ، پاٽ شريف ۽ ٻيا ڪيترا ڳوٺ شامل آهن جتي زهر ايڪينهن نشي آور سوپارين جو وڪرو سرعام وڪر وانگر هلي رهيو آهي جنهن سبب ننڍا معصوم ٻار توڙي نوجوان زهريلي سوپارين جي نشي جا عادي بڻجي زندگي برباد ڪري رهيا آهن هنن وڌيڪ دانهيندي چيو ته اسان بار بار احتجاج ڪري رهيا آهيون ۾ منشيات فروشن خلاف لوڪل توڙي ضلع انتظاميا ڪابه سخت ڪارروائي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

خيرپور سٽي اسپتال ۾ سهولتن جي کوٽ خلاف جسقم جو احتجاجي ڌرڻو

مظاهرين هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي اسپتال انتظاميا خلاف نعريبازي ڪئي

الٽراسائونڊ ٽيڪنيشن خلاف هراسان ڪرڻ جون شڪايتون سامهون آيون آهن،نوٽيس ورتو وڃي:مظاهرين

خيرپور(ڊ ر) خيرپور: سٽي اسپتال خيرپور ۾ بنيادي صحت سهولتن جي کوٽ، مريضن کي پيش ايندڙ مشڪلاتن ۽ اسپتال جي الٽراسائونڊ ٽيڪنيشن خلاف هراسان ڪرڻ جي الزامن تي جسقم شهيد بشير خان گروپ جي ڪارڪنن زيد يار ڦليپوٽو جي اڳواڻي ۾ سٽي اسپتال جي مين گيٽ آڏو احتجاجي ڌرڻو هنيو احتجاج ۾ شريڪ ڪارڪنن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي اسپتال انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪئي مظاهرين جو چوڻ هو ته سٽي اسپتال ۾ مريضن کي گهربل طبي سهولتون فراهم نٿيون ڪيون وڃن جنهن سبب روزانو سوين غريب ۽ ڏورانهن علائقن کان ايندڙ مريض سخت پريشاني جي منهن ڏئي رهيا آهن احتجاج ڪندڙن الزام هنيو ته اسپتال ۾ مقرر الٽراسائونڊ ٽيڪنيشن خلاف هراسان ڪرڻ جون شڪايتون سامهون آيون آهن جن جي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي هنن چيو ته اهڙن واقعن سبب نه رڳو اسپتال جي ساک بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

سکر جي نيو ليبر ڪالوني ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاجي مظاهرو

گندي پاڻي، ڪچري جي ڍيرن ۽ خراب ڊرينيج سبب ڪالوني تلاءُ جو منظر پيش ڪري رهي،مظاهرين

پيئڻ جي پاڻي، بجلي ۽ گئس جي بحران سان گڏ مڇرن ۽ آواره ڪتن جي آزار وڌي وئي آهي

سکر(بيورو رپورٽ) انتظاميا ۽ لاڳاپيل کاتن جي بي حسي ۽ لاپرواهي جي ڪري، ليبر ڪالوني جي 1024 فليٽن جي رهواسين جو جيئڻ آزار بڻجي ويو بلدياتي ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ . هزارين ماڻهن جي آبادي واري هن آباد ڪالوني هن وقت سخت ترين انتظامي بحران کي منهن ڏئي رهي آهي،ان سلسلي ۾ رهواسين شهزاد مغل ۽ ٻين جو چوڻ آهي ته نيو ليبر ڪالوني سکر ۾ بنيادي انساني سهولتن نالي ڪا به شيءِ ناهي ڪچري جا ڍير ۽ گندي پاڻي جو طوفان ڪالوني جا روڊ ۽ گهٽيون گندي پاڻي سان گڏ تلاءُ جو منظر پيش ڪري رهيون آهن هر هنڌ ڪچري جا جبل آهن جن جي ڪو به ڪٽي نٿو سگهي لاڳاپيل انتظاميا ۽ صفائي جي ذميوار ادارن هن پوري آبادي کي نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي بجلي، گئس ۽ پيئڻ جو پاڻي اڻ لڀ ٿي ويو سخت گرمي ۽ هوسٽ جي هن موسم ۾، پيئڻ جو صاف پاڻي رهواسين لاءِ هڪ خواب بڻجي چڪو آهي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

سکر: ٽرانسپورٽ عملو وڌيڪ ڀاڙا وٺڻ خلاف ڪارروائي ڪندي

پي ايس-30 تي پ پ اميدوار بيرسٽر اسفند يار ڪرل نامزدگي فارم جمع ڪرائي ڇڏيا

راحيل احمد خان ڪرل سميت پارٽي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي وڏي انگ ۾ رٽرننگ آفيس پهتا

پي ايس-30 جي ننڍي چونڊ دلچسپ مرحلي ۾ داخل، جي ڊي اي مقابلي کان پاسو ڪرڻ جو فيصلو

هنگورجا (ن ع) پي ايس 30 گمبٽ سوڀوديرو تڪ تي پاڪستان پيپلزپارٽي پاران نامزد اميدوار بيرسٽر اسفند يار خان ڪرل ، پيپلزپارٽي اڳواڻ وائيس چيئرمين ضلع ڪائونسل خيرپور سيد فهد علي شاهه جيلاني ، راحيل احمد خان ڪرل رانيپور ۾ رٽرننگ آفيسر شاهه محمد چانگ وٽ پنهنجا نامينيشن فارم جمع ڪرائي ڇڏيا. فارم پرائڻ وقت پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي خيرپور جو جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ اعجاز احمد خان کهڙو، سيد محسن علي شاهه جيلاني علي حيدر خان ڪرل نظرالحق فاروقي سيد بشير علي شاهه ، برڪت شيخ حاجي عبداللطيف ناريجو ، ايڊووڪيٽ سيف الله ضلع ڪائونسل ميمبر سراج الدين پنهور ميان رازق ڏنو اڄڻ ، حاجي شمس الدين لاشاري ، محمد صالح اڄڻ ،طالب حسين سولنگي ۽ ٻيا وڏي تعداد ۾ پ پ ورڪر سندس گڏ هيا هي ياسي جي ڊي اي پاران ننڍي چونڊ پي ايس 30 گمبٽ سوڀوديرو تڪ تي ن بيهڻ جو اعلان ڪيو آهي

سکر ۾ پيا برادري جو پنهرا برادري ۽ نيو پنڊ پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو

پنهرا برادري جي ماڻهن حملو ڪري عمران ۽ سندس پٽ فرحان پيو کي زخمي ڪيو: مظاهرين

پوليس ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري رشوت وٺي ٿوري دير ۾ آزاد ڪري ڇڏيو نوٽيس ورتو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي نيو پنڊ جي رهواسي پيا برادري جي ماڻهن پاران بااثر پنهرا برادري جي ماڻهن ۽ نيو پنڊ پوليس جي زيادتين خلاف سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي اقبال پيو عمران پيو احسان پيو ۽ ٻين دانهيندي چيو ته محلي ۾ نالين جو ڪم صحيح نه ٿيڻ تي رڪارڊنگ ڪري رهيا هياسين ته پنهرا برادري جي ماڻهن حملو ڪري عمران پيو ۽ سندس پٽ فرحان پيو کي سخت زخمي ڪري ڇڏيو جن کي نيو پنڊ ٿاڻي رپورٽ درج ڪرائي ميڊيڪل ليٽر وٺي اسپتال ويا سين نيو پنڊ پوليس ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ٿاڻي تي ڪٺي وڏي رشوت وٺي ٿوري دير ۾ آزاد ڪري ڇڏيو جنهن بابت ايس ايڇ او نيو پنڊ عباس سنڌراڻي وٽ دانهن وياسين جنهن کيهه رشوت طلب ڪئي پر اسان انڪار ڪندي پنج هزار روپيا ڏيڻ لاءِ حامي ڀري جنهن بعد ايس ايڇ او عباس سنڌراڻي مڙجي پيو سخت تشدد جو نشانو بڻائي ٿاڻي مان ڪيڍي ڇڏيو بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

هنگورجا: ڪجي جو تباهه ٿيل فصل ۽ آبادگار احتجاج ڪندي

محرابپور ۾ صحافين جي گڏجاڻي ريجنل يونين آف جرنلسٽس جي عهديدارن کي مبارڪون

اجلاس ۾ صحافين جي مسئلن جي حل لاءِ مضبوط پليٽ فارم جي ضرورت تي زور

پروفيسر صحافين ۽ سنڌي ميڊيا سان لاڳاپيل صحافين کي تنظيم ۾ شامل ٿيڻ جي اپيل

محرابپور (ت ر) محرابپور ۾ عبرت ميڊيا ڪلب تي عبرت جي صحافين ۽ شهر جي صحافين جي ميٽنگ سينيئر رپورٽر ارجن ادلائي جي صدارت ۾ ٿي جنهن ۾ صحافت جي بهترين نالي ۽ صحافت ۾ بهترين ڪردار ۽ معيار رکندڙ سينيئر صحافي غلام عباس پنهور ۽ اتر سنڌ جي صدر خان محمد خان سکر ڊويزن جي صدر عبدالمجيد پنهور غلام حسين فاتح هريش ڪمار سميت نوشهروفيروز ۽ محرابپورتعلقي جي عهديدارن ڏودل نوحيوٽو مولا بخش ٿيٻو اطهر جوکيو آفتاب چاچڙ کي ريجنل يونين آف جرنلسٽس تي ڪامياب ٿيڻ تي مبارڪباد پيش ڪندي چيو ته سنڌ ۾ صحافين جي وڏي تنظيم جي ضرورت هئي جيڪا صحافين جي مسئلن ۽ انهن غريب صحافين جي مدد ۾ اڳڀري هجي ريجنل يونين آف جرنلسٽس ۾ صحافت ۾ بهترين خدمتون سرانجام ڏيندڙ غلام عباس پنهور جهڙا اڳواڻ موجود هجڻ سان تنظيم صحافين لاءِ بهترين ڪم بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

بينظيرانڪم سپورٽ پروگرام خلاف هر سازش ناڪام ٿيندي: سيد زاهد حسين شاهه

غريب، بيواهه ۽ مستحق عورتن لاءِ بي آءِ ايس پي اميد جو سهارو آهي

پروگرام کي متنازع بڻائڻ جون ڪوششون اڳ به ناڪام ٿيون، بي آءِ ايس پي کي وڌيڪ شفاف بڻايو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر هائوس پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ سيد زاهد حسين شاهه بخاري مسلم ليگ (ن) تي سخت تنقيد ڪندي چيو آهي ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي نالي سان منسوب بينظير انڪم سپورٽ پروگرام غريب، بيواهه نادار ۽ مستحق خاندانن لاءِ هڪ تاريخي فلاحي منصوبو آهي هن چيو ته ماضي ۾ به هن پروگرام کي متنازع بڻائڻ ۽ ختم ڪرڻ لاءِ مختلف سازشن ذريعي ڪوششون ڪيون ويون ۾ هر پيري سازشي عنصرن کي ناڪامي جو منهن ڏسڻو پيو نيو ليبر ڪالوني سکر ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي سيد زاهد حسين شاهه بخاري چيو ته جيڪڏهن موجوده وفاقي حڪومت هن عوامي فلاحي پروگرام خلاف ڪنهن به قسم جي رڪاوٽ يا سازش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي ته ان کي به ناڪامي کي منهن ڏيڻو پوندو ڇاڪاڻ ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام صرف هڪ سرڪاري منصوبو نه پر لکين غريب، بيواهه نادار ۽ بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: آيت الله علي خامنائي جي ياد ۾ منعقد ڪيل تعزيتي مڙاڪي جو ڏيک

ڪوٽ غلام محمد ۾ بدامني

چوٽ چڙهيل چورين جون ۾

ڌار ڌار وارداتون

ڪوٽ غلام محمد(ت ر) نامعلوم چورن جون ۾ ڌار ڌار وارداتون، گهر مان بيٽل موٽر سائيڪل سميت سون جا زيور ۽ روڪ رقم چوري، ٻي واردات ۾ ٽرانسفارمر جون قيمتي ڪامي جون ڪوائلون به ڪٽي فرار ڪوٽ غلام محمد پرسان مهاجر ڳوٺ ۾ گذريل رات نامعلوم چورن طارق پنجابي جي گهر ۾ داخل ٿي بيٽل موٽر سائيڪل سميت لکين رپين ماليت جا سون جا زيور بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ڪنڊڪوٽ ۾ شاهي واهه ۾ ٻڏل نوجوان

مجيب گولو جو لاش 6 ڏينهن بعد هٿ،

گهر پهچڻ تي ڪهرام

ڪنڊ ڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊ ڪوٽ شاهي واهه ۾ ٻڏيل نوجوان جي وارثن ۽ سياسي سماجي تنظيمن جي احتجاج رنگ لاٿو ڇهه ڏينهن اڳ رسالدار ڳگ ٽئل شاهي واهه جي پل مان گذر دوران ڏاڪسن پاڻي ۾ ڪري پئي هئي جنهن ۾ ٻه موقعي تي بچايا ويا ٻه ٻڏي ويا جنهن ۾ پنج ڏينهن اڳ هل ٿينگر غفار عرف لالو گولو جو لاش ملي ويو هو ۽ 20 سالن جو نوجوان مجيب بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

راڌڻ: فوتي شخص جو لاش پيل آهي

سکر ۾ وڌيڪ ڀاڙو وٺندڙ

ٽرانسپورٽرن خلاف ڪارروائي،

مسافرن کي اضافي رقم واپس

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ جي ٽرانسپورٽ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ، ڪمشنر سکر ۽ ڊپٽي ڪمشنر سکر جي هدايتن تي سيڪريٽري ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽي (آر ٽي اي) سکر فياض احمد منگي اسسٽنٽ ڪمشنر ساره فراز ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر بشريٰ منصور سٽي پوائنٽ سکر ۽ بچل شاهه مياڻي واري علائقن ۾ وڌيڪ ڀاڙو وصول ڪندڙ بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

سماجي اڳواڻ شاهنواز ڏيپر عشر

زڪوات ڪاميٽي ديهه ڪڍهري جو

چيئرمين مقرر، نوٽيفڪيشن جاري

ميهڙ (ن ع) ميهڙ نصيرآباد ڪڍهري جي مشهور سماجي اڳواڻ شاهنواز ڏيپر کي ديهه ڪڍهري تي زڪوات عشر جو چيئرمين چونڊجي وڃڻ ساجاهه وندن طرفان خوش آئند فيصلو قرار ڏنو ويو۔ ان موقعي تي ديهه ڪڍهري جي سول سوسائٽي پاران خوشي جو اظهار انهن چيو ته سماجي اڳواڻ شاهنواز ڏيپر هڪ بهترين انسان آهي هو هميشه بغير ڪنهن لالچ جي هتان جي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

سکر پوليس جي

ڪارروائي، هڪ جوابدار

زخمي حالت ۾ گرفتار

سکر(بيورو رپورٽ) سکر جي آباد ٿاڻي جي حد هالار ميمڻ سوسائٽي پرسان گشت دوران پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ مقابلو هڪ زخمي حالت ۾ گرفتار، قرار ترجمان سکر پوليس موجب آباد ٿاڻي جي حد هالار ميمڻ سوسائٽي پرسان گشت دوران پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ مقابلو ٿيو جنهن دوران فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ ڌوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سندس بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

روهڙي باءِ پاس تي سنڌ

بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جي

ڪارروائي، دڪان سيل

سکر(بيورو رپورٽ) سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (SBCA) ريجنل ڊائريڪٽوريٽ سکر ريجن پاران الطاف حسين مگسي جي اين ايڇ اي روڊ باءِ پاس روهڙي تي واقع دڪان/جاءِ کي سيل ڪري ڇڏيو مٽي چاٿايل جاءِ کي 09 جولاءِ 2026 تي مجاز اٿارٽي جي حڪم موجب سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول آرڊيننس 1979 جي سيڪشن 7-Aجي ڀڃڪڙي سبب سيل ڪيو ويو آهي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ملياٽي ۾ جي ڊي اي اڳواڻ

آفتاب ڳوراهو جي واڙي مان

ٽي مينهون چوري

ملياٽي (ن ع) ملياٽي ٿاڻي جي حد ٺٽ ڳوراهو جي رهواسي اڳوڻي يوسي ناظم ملياٽي ۽ جي ڊي اي اڳواڻ آفتاب ڳوراهو جي مينهن جي واڙي مان نامعلوم چورڪي پلوڙ مينهون چوري ڪري فرار ٿي ويا واقعي جو اطلاع ملياٽي پوليس کي ملڻ کان پوءِ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي پيرن جي مدد سان پيرا کنيا ويا جيڪي ملياٽي جي ڪچي ۾ گم ٿي ويا آخري بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5



ڪنڊو محمد خان: تشدد جو نشانو ٿيل نينگر اسپتال ۾ داخل آهي

راڌڻ پرسان ريلوي پٽڙي تان لاوارث

بيهوش شخص هٿ، اسپتال منتقل

راڌڻ (ن ع) راڌڻ جي ڀرپاسي ريلوي پٽڙي وٽ هڪ اڻڄاتل شخص بيهوشي واري حالت ۾ پيل ڏٺو ويو جنهن بابت اطلاع ملڻ تي راڌڻ پوليس موقعي تي پهچي ڪيس پنهنجي تحويل ۾ ورتو ذريعن جو چوڻ آهي ته لاوارث شخص کي فوري طور طبي امداد فراهم ڪرڻ بدران ڪافي دير تائين واقعي واري هنڌ يا پوليس تحويل ۾ رکيو ويو ۽ بعد ۾ 6 ڪلاڪن جي دير سان تعلقي اسپتال راڌڻ منتقل ڪيو ويو بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ڪنڊيارو ويجهو 16 ورهين جي نوجوان

زهريلي دوا کائي خودڪشي ڪري ڇڏي

ڪنڊيارو (ن ع) ڪنڊيارو ويجهو ڳوٺ بازيدپور جو رهواسي 16 ورهين جو نوجوان بلال منگريو معمولي ڳالهه تان زهريلي دوا کائي ڇڏي جنهن کي نازڪ حالت ۾ اسپتال آندو ويو ڊاڪٽرن پاران سندس فوتگي جي تصديق ڪئي وئي ضروري ڪارروائي بعد وارث لاش کڻائي ويا لاش گهر پهچڻ روڄ راڙو مچي ويو

ٽنڊوالهيار ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام

جي قسط ايندي ئي ڊوائيز هولڊر سرگرم

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) ٽنڊوالهيار ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي قسط ايندي ئي ڊوائيز هولڊر سرگرم ٿي ويا . ايف آئي اي جي ڊپ ڪان مستحق عورتن جي پئسن مان بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

عام اطلاع

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته آئون نالي ڪائنات مهر ولد لعل محمد عرف بابو مهر ، شناختي ڪارڊ نمبر 4330405033742 جئين ته آئون مسمات ارم محمد عارف ڌيءُ محمد عارف، شناختي ڪارڊ نمبر 4130332078242 (پاور آف اٽارني) رهندڙ گهر نمبرE/25/13-27 ، اسلامي چوڪ حيدرآباد کان فليٽ نمبر 11ايراضي: 1337 چورس فوٽ ٽئين ماڙ تي واقع "A"ٽائيپ پلاٽ نمبر 01 تي تعمير ٿيل واقع مير حسين آباد هائوسنگ اسڪيم، حيدرآباد جيڪا ريوينيو سروي نمبر 381، 385 (حصو)، 386 (حصو) ۽ 391 (حصو)، ديهه ۽ ٽپو گِدو بندر، تعلقو لطيف آباد، ضلعو حيدرآباد کان خريد ڪري رهي آهيان اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪو به قانوني اعتراض هجي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر هيٺ ڏنل ايڊريس تي رابطو ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ ڪانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ ٽرانسفر جي ڪارروائي مڪمل ڪئي ويندي .

ڪائنات مهرولد لعل محمد عرف بابو مهر رهندڙ گهر
نمبر اي2 واپڊا اسڪارپ ڪالوني شڪارپور

سکر جي جيئي شاهه ٽائون ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف رهواسين جو احتجاج

يو سي نمبر 9 بروهي محلا گلشن اقبال جا رهواسي ٻارن ۽ بزرگن سميت روڊن تي نڪري آيا

گندو پاڻي گهرن ۾ داخل، ڊرينيج نظام جي خرابي سبب بيماريون پکڙجڻ لڳيون:مظاهرين

سکر (بيورو رپورٽ) جيئي شاهه ٽائون ڪميٽي جي يونين ڪائونسل نمبر 9، بروهي محلا گلشن اقبال جي رهواسين ٻارن ۽ بزرگن سميت بنيادي شهري سهولتن جي اڻهوند خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهرين مطالبو ڪيو ته علائقي ۾ فوري طور ترقياتي ڪم شروع ڪيا وڃن ۽ نيڪال آب جو سالن کان هلندڙ مسئلو حل ڪيو وڃي ان موقعي تي احتجاج ۾ شامل خدمت علي، امير علي، لڪمير ملڪ علي گوهر چانڊيو ۽ ٻين مظاهرين چيو ته يونين ڪائونسل نمبر 9 جي وارڊ نمبر 2 کي مسلسل نظرانداز ڪيو پيو وڃي ۽ علائقي ۾ ڪنهن به قسم جا ترقياتي ڪم ناهن ڪرايا ويا. هنن سوال ڪيو ته ڇا اسان انسان ناهيون هنن وڌيڪ چيو ته ناقص ڊرينيج نظام سبب گندو پاڻي گهرن ۾ داخل ٿي ويو آهي، جنهن ڪري عورتون بزرگ ۽ معصوم ٻار سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن ۽ مختلف بيمارين ۾ به مبتلا ٿي رهيا آهن مظاهرين موجب هنن ڪيترائي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ نياڻي سان زيادتي ڪندڙ جوابدار جي ڌمڪين خلاف وارثن جو احتجاج

ضمانت تي آزاد جوابدار موٽمار ڌمڪيون ڏئي حراسان ڪري رهيو آهي: مظاهرين

اسان غريب آهيون اسان جي ڪير به ٻڌڻ وارو ناهي مجبور ٿي احتجاج ڪيون پيا

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) ٽنڊوالهيار لڳ پيارولنڊ جي رهواسين جو معصوم نياڻي سان مبينا زيادتي ڪندڙ جوابدار پاران ڌمڪيون ڏئي حراسان ڪرڻ خلاف ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي ڳوٺاڻن راشد علي لنڊ ۽ سندس گهرواري آسمم لنڊ ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته 17 ڏينهن اڳ پيارولنڊ ۾ حضور بخش لنڊ نالي شخص اسان جي 10 سالا نياڻي صغرا سان زيادتي ڪئي جنهن بعد اسان پيارولنڊ ٿاڻي تي ڪيس به داخل ڪرايو ۾ جوابدار ضمانت تي آزاد ٿيڻ بعد موٽمار ڌمڪيون ڏئي حراسان ڪري رهيو آهي هنن چيو ته نياڻي سان زيادتي ڪندڙ جوابدار ڪوڙا بيان ڏئي رهيو آهي ته اسان ٻين ماڻهن جي چرچ تي ڪيس داخل ڪرايو آهي جنهن ۾ ڪا به صداقت ناهي اسان جي عزت جو مسئلو آهي مذڪوره جوابدار کي ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪنداسين بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز: ڊي ايڇ او اختيار حسين ميراڻي بنيادي صحت مرڪزجا انتظام پي پي ايڇ آءِ حوالي ڪري رهيو آهي

سکر ۾ اٽي جي اگهن ۾ اوچتو 10 کان 20 رپيا في ڪلو واڌ، عوام پريشان

اٽو 125 مان وڌي 140 رپيا في ڪلو وڪامڻ خلاف شهرين جو مظاهرو

سنڌ حڪومت ۽ فوڊ کاتو فوري طور تي ذخيره اندوزن ۽ منافعي خورن خلاف ڪارروائي ڪري:مظاهرين

سکر (بيورو رپورٽ) سکر شهر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ اٽي جي قيمت ۾ اوچتو 10 کان 20 رپيا في ڪلو تائين واڌ ٿيڻ سبب ڏهاڙي دان مزدور ۽ غريب طبقو سخت مالي پريشانيءَ جو شڪار بڻجي ويو آهي مارڪيٽن ۾ مختلف برانڊن ۽ چڪين تي اٽو اڳ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اگهه تي وڪرو ٿيڻ لڳو آهي جنهن سبب عام شهرين جي گهريلو بجيٽ سخت متاثر ٿي رهي آهي.شهرين جو چوڻ آهي ته مهانگائي اڳ ئي سندن زندگي ڏکي بڻائي ڇڏي آهي، جڏهن ته هاڻي اٽي جهڙي بنيادي خوراڪ جي قيمت ۾ واڌ سندن لاءِ وڌيڪ مسئلا پيدا ڪري ڇڏيا آهن ڪيترن ئي شهرين شڪايت ڪئي ته انتظاميا طرفان اگهن تي ڪنٽرول نه هجڻ ۽ موثر نگراني جي کوٽ سبب واپاري پنهنجي مرضي موجب اگهه وصول ڪري رهيا آهن شهرين موجب ضلعي اندر انتظامي نااهلي سبب سرڪاري سطح تي ڪڻڪ جي خريداري جو هدف مڪمل نه ٿي سگهيو جنهن ڪري بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ڏڙي پرسان قومپرست اڳواڻ ڪامريڊ شريف سومرو جي ورسي تقريب

تقريب ۾ قومپرست اڳواڻن ۽ علائقي واسين جي وڏي انگ ۾ شرڪت

ڪامريڊ شريف سومرو نظرياتي قومپرست اڳواڻ هو آخري دم تائين سنڌ جي ڪاز سان سلهاڙيل رهيو:اڳواڻ

ڏڙو (ن ع) ڏڙي قومپرست اڳواڻ ۽ استاد ڪامريڊ شريف سومرو جي ورسي مختلف سياسي سماجي ادبي اڳواڻن ۽ مائٽن جي شرڪت، شريف سومرو جي سياسي جدوجهد ۽ ڪردار تي ڪيس زبردست ڀيٽا پيش، تفصيل موجب ڏڙي پرسان رڪا اسٽاپ تي قومپرست اڳواڻ ۽ استاد ڪامريڊ شريف سومرو جي ورسي تقريب ٿي گذري، جنهن ۾ جسقم اڳواڻ ڪامريڊ عزيز سومرو انور ملاح عبدالقيوم سومرو سينئر صحافي اعجاز اختر ميمڻ ايس ٽي پي ضلع اڳواڻ عبدالڪريم پليجو عاشق ڪانڌڙو سائين موسي سومرو علي رضا ميمڻ سڳا اڳواڻ حبيب □ ميمڻ صحافي امداد ميمڻ رفيق سومرو ڊاڪٽر ڪامران ميمڻ امتياز بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڏڙو: ڪامريڊ شريف سومرو جي ورسي تقريب کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

ملياٽي ۾ زرعي پاڻي کوٽ ۽ غير قانوني وهندڙ نولين خلاف آبادگارن جو احتجاج

مظاهرين نديم چانڊيو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي سخت نعريبازي ڪئي

آبپاشي کاتي جو عملو هٿ وٺي پاڻي چوري ڪرائي بااثر آبادگارن کي پهچائي پيو:مظاهرين

ملياٽي (ن ع) زرعي پاڻي جي هڙادو ڪوٽ ۽ غير قانوني وهندڙ نولين خلاف متاثر آبادگارن جو احتجاجي مظاهرو ريلي ڪڍي وئي، ڳوٺ ليٽ ننگر چانڊيو جي آبادگارن ابجي موري تي پاڻي جي ڪوٽ ۽ مبينا طور ابجي شاخ ۾ لڳل غير قانوني نولين ذريعي چوري ٿيندڙ پاڻي واري عمل خلاف آبادگارن پيپلزپارٽي ملياٽي سٽي صدر نديم چانڊيو ، رفيق ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ متاثر آبادگارن احتجاجي مظاهرو ڪري ريلي ڪڍي وئي متاثر آبادگارن الزام مڙهيندي چيو ته آبپاشي کاتي جو عملو هٿ وٺي پاڻي چوري ڪرائي بااثر آبادگارن کي پهچائي رهيو آهي جنهن جي ڪري سندن سوين ايڪڙن بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

سردار ذوالفقار علي سرڪي اسان جي زمين جو پاڻي بند ڪري ڇڏيو آهي:اسماعيل ڪوسو

زمين اسان جي آهي جنهن کي سردار ذوالفقار سرڪي خريد ڪرڻ جي دعويٰ ڪري رهيو آهي

ڪاٿو سردار ذوالفقار سرڪي وٽ ناهي پر تنهن باوجود هو زمين جو پاڻي بند ڪري ويٺو آهي

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد پرسان ڪريم بخش ڪوسو جي رهواسي اڳوڻي ضلعي نائب ناظم ميجر محمد اسماعيل ڪوسو پريس ڪلب پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته اسان جي خانداني زمين جيڪا اسان پنهنجي پڻي کان خريد ڪئي آهي ان جو واهه سردار ذوالفقار علي سرڪي بند ڪري ڇڏيو آهي جنهن ڪري اسان سميت هارين جو نقصان ٿي رهيو آهي هن چيو ته زرعي زمين خانداني اسان جي آهي جنهن کي سردار ذوالفقار سرڪي خريد ڪرڻ جي دعويٰ ڪري رهيو آهي پر هن وقت تائين زمين جو ڪاٿو سردار ذوالفقار سرڪي وٽ ناهي پر تنهن باوجود هو زمين جو پاڻي بند ڪري ويٺو آهي جنهن خلاف اسين بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ناصر حسين شاهه صحت بابت افواهن جي ترديد ڪري ڇڏي

الله تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم سان سندس طبيعت اڳ کان بهتر آهي: ناصر حسين شاهه

سوشل ميڊيا تي نيڪ خواهشن، فون ڪالن، پيغامن ۽ دعائن تي سڀني جو شڪرگذار آهيان

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ جي بلديات واري وزير ناصر حسين شاهه پنهنجي صحت بابت سوشل ميڊيا تي گردش ڪندڙ خبرن جي وضاحت ڪندي چيو آهي ته هو مڪمل خيريت سان آهن ۽ صحتيابي جي مرحلي مان گذري رهيا آهن.سوشل ميڊيا ذريعي پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ هن ٻڌايو ته هو چار کان پنج ڏينهن اڳ هڪ معمولي طبي طريقيڪار (ميڊيڪل پروسيجر) لاءِ ابوظهبي ويا هئا، جتي ڪامياب علاج کان پوءِ کين ٻه ڏينهن اڳ اسپتال مان ڊسچارج ڪيو ويو.ناصر حسين شاهه چيو ته الله تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم سان سندس طبيعت اڳ کان بهتر آهي ۽ هو جلد ئي وطن واپس پهچي ويندو هن پنهنجي صحت بابت پريشاني ظاهر بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز جون وڌيڪ 39 بيسڪ هيلٿ يونٽ ۽ ڊسپينسريون پي پي ايڇ آءِ حوالي

ڊي ايڇ او اختيار ميراڻي سنڌ حڪومت جي فيصلي تي عمل ڪندي يونٽن جي لسٽ پي پي ايڇ آءِ حوالي ڪري ڇڏي

ضلعي ۾ پي پي ايڇ آءِ جي حوالي ڪيل صحت مرڪزن جو انگ وڌي 84 تي پهتو، ڪيترائي اهم يونٽ شامل

نوشهرو فيروز (ڊ ر) ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر نوشهرو فيروز اختيار ميراڻي سنڌ حڪومت جي فيصلي تي عمل ڪندي ضلعي جي بيسڪ هيلٿ يونٽن ۽ ڊسپينسرين کي باضابطه طور تي پي پي ايڇ آءِ جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ پي پي ايڇ آءِ جي نمائندي هدايت الله ميمڻ اها لسٽ وصول ڪئي ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر مستقيم قريشي به موجود هو ٻڌايو پيو وڃي ته اڳ ضلعي جون 45 ڊسپينسريون ۽ بيسڪ هيلٿ يونٽ پي پي ايڇ آءِ حوالي هئا هاڻي وڌيڪ 39 يونٽ پي پي ايڇ آءِ حوالي ٿي ويا آهن جن ۾ ملياٽي، نوان جتوئي، ابڙان، ٺاروشاهه دريا خان مري، ڀڏيعيدن ڦل، ڪلهوڙا اسٽيشن شامل آهن ان تي عمل ٿيڻ تي گوسڙو ملازم جيڪي رورل هيلٿ سينٽرن تي سائيٽن تي هئا ۽ ڊيوٽي نه بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

روهڙي ويجهو ٽرين جي ٽڪر ۾ پيرسن عورت سخت زخمي، ٻئي ٽنگون ڪٽجي ويون

ٽرمل پرسان سنڌو درياهه پل وٽ ريلوي ٽريڪ ڪراس ڪرڻ دوران حادثو پيش آيو

پوليس زخمي عورت کي فوري طور ڪٺائي اسپتال منتقل ڪين علاج جاري

سکر (بيورو رپورٽ) روهڙي پرسان ٽرمل لڳ سنڌو درياءَ پل وٽ روهڙي کان سکر ويندڙ ٽرين جي انجڻ ريلوي ٽريڪ ڪراس ڪندڙ هڪ پيرسن عورت کي ٽڪر هڻي وڌي جنهن جي نتيجي ۾ سندس ٻئي ٽنگون ڪٽجي ويون ۽ هوءِ سخت زخمي ٿي پئي اطلاعن موجب زخمي عورت ٽرمل علائقي جي رهواسڻ آهي ۽ سندس تعلق شيخ برادري سان ٻڌايو پيو وڃي. واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس فوري طور موقعي تي پهچي زخمي عورت کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيس جتي سندس علاج جاري آهي پوليس موجب حادثي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي جڏهن ته واقعي جي سببن جو پڻ جائزو ورتو پيو وڃي.

سکر ۾ سرسو پاران صنفي بنياد تشدد جي روڪٿام بابت سيمينار منعقد

سرڪاري ادارن، اين جي اوز ۽ ڪميونٽي نمائندن جي شرڪت، طبي، قانوني سهولتن جي اهميت اجاگر

غربت تشدد جو هڪ وڏو سبب آهي، معاشي موقعا بهتر ڪرڻ سان ڪميونٽيز ۾ تشدد جا واقعا گهٽائي سگهجن ٿا: عبدالقدوس

متاثرين کي وقت تي طبي، قانوني ۽ حفاظتي خدمتون فراهم ڪرڻ لاءِ مؤثر ريفرل رستا قائم ڪرڻ انتهائي ضروري آهي:محمد ذڪي ڪلهوڙو

سکر(بيورو رپورٽ) سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران صنف بنياد تشدد (GBV)جي حوالي سان هڪ ڏينهن جو سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن جو مقصد شراڪتدارن ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ گڏيل بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو: ڳوٺاڻا روڊ بلاڪ ڪري ڌرڻو هڻي رهيا آهن

مٺي ۾ 26 سالن جي

نوجوان ڦاهو کائي

خودڪشي ڪري ڇڏي

مٺي (ڊ-ر) مٺي جي پرمار ڪالوني ۾ هڪ نوجوان نديم ولد عبدالعزيز ساهڙ عمر 26 سال پنهنجي رهائشي جاءِ ۾ پکي ۾ رسو ٻڌي خودڪشي ڪري ڇڏي فوتي شادي شده هو جڏهن ته خودڪشي جو ڪارڻ معلوم ٿي نه سگهيو آهي فوتي نوجوان جو لاش اباڻي ڳوٺ نبيسر ساهڙ پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

سکر ۾ بي آءِ ايس پي

قسطن مان مبينا ڪٽوتي

عورت جو احتجاج

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي قسط جاري ٿيڻ تي دڪاندارن جا مستحق عورتن سان ڪلور جاري .پنج سئو کان پنڌرهن سئو ڪٽوتي دڪاندارن جا ڪيسا پرچڻ لڳا،بي آءِ ايس پي جي رقم مان مبينا ڪٽوتي خلاف هڪ بيواهه عورت روئيندي حسنين ڪميونيڪيشن پهچي وئي، واقعي بعد وڏي فائيو پوليس کي طلب ڪيو ويو دڪاندار بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

راڻي پور: فوت ٿيل ناري جو لاش پيل آهي

زرعي ماهر خيرمحمد آرائين

ايگريڪلچرل اينڊ فوڊ پاڪستان سکر

ڊويزن جو جنرل سيڪريٽري مقرر

خيرپور(ڊ ر) مشهور زرعي ماهر ۽ وڏي آبادگار خيرمحمد آرائين کي ايگريڪلچرل ۽ فوڊ پاڪستان جي طرفان سکر ڊويزن جو جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو آهي خيرمحمد آرائين وڏو زرعي ماهر ۽ ڄاتو آهي هن کي ايگريڪلچرل ۽ فوڊ جي وڏي ڄاڻ آهي جنهن کي سکر ڊويزن جو جنرل سيڪريٽري مقرر ٿيڻ تي آبادگارن ۾ خوشيءَ جي لهر ڦهلجي وئي آهي ۽ هنن بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ ڪربلا جي شهيدن جي

ياد ۾ ٻارڙن پاران طفلان مرڪزي

ماتمي جلوس ڪڍيو ويو

ٽنڊوآدم (ن ع) ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ ٻارڙن پاران طفلان مرڪزي ماتمي جلوس ڪڍيو ويو ٻارن جي وڏي انگ ۾ شرڪت رپوٽ موجب ڪربلا جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ ٽنڊوآدم ۾ عزادار عامر علي داشماڻي جي اڳواڻيءَ ۾ طفلان جو مرڪزي ماتمي جلوس ڪڍيو ويو جنهن ۾ شهر جي مختلف علائقن مان وڏي انگ ۾ ٻارن شرڪت ڪئي ٻارن ننڍڙا تعزيا، بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ عورت جو مائٽن

جي زيادتين خلاف

احتجاجي مظاهرو

سکر(بيورو رپورٽ) مائٽن جي زيادتين خلاف سکر جي سبزي منڊي لڳ ڳوٺ عارب شيخ جي رهواسڻ مائي انوشا زال بابر علي شيخ مڙس سان گڏ احتجاج ڪندي ميڊيا آڏو دانهيندي ٻڌايو آهي ته سندس ڀاءُ سراج دين عرف ياسر شيخ ولد جلال دين شيخ منهنجي جي شادي مان خوش نه هئا ڪي مهينا اڳ ياسر جي شادي ٿي هئي ان دوران ياسر ۽ ٻين ڪابين ۾ بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

سکر: هائيڊرو يونين آپريشن

سرڪل سکر جي زونل چونڊن ۾

سمورا اميدوار بنا مقابلي

سکر (بيورو رپورٽ) هائيڊرو يونين آپريشن سرڪل سکر جي زونل چونڊن ۾ سمورا اميدوار بنا مقابلي ڪامياب ٿي ويا، جڏهن ته چونڊ عمل مڪمل ٿيڻ بعد نون عهديدارن جي ڪاميابي جو باضابطه اعلان ڪيو ويو.اعلان موجب حاجي خليل الرحمان ڊومڪي زونل چيئرمين، طالب حسين لنڊ وائيس چيئرمين، لالا نزاڪت حسين پٺاڻ جنرل سيڪريٽري ۽ عبدالمالڪ سومرو بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم لڳ ڳوٺائي کان

موٽرسائيڪل، روڪ ۽

موبائل فون ڦر

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ بدامني ۾ ڏاپر نه آئي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڳوٺ ٻيرل ماڪوڙائي لڳ ٽن نامعلوم هٿيارٻندن ٻيراڻي جي رهواسي ريحان مغل کي يرغمال بڻائي موٽرسائيڪل 70 هزار روڪ ۽ موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا واضح رهي ته ٽنڊو آدم ۽ آسپاس ۾ ڌوهي ڪاروايون روز جو معمول بڻيل آهن جنهن بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ايم سي ٽنڊو محمد خان جي وائيس

چيئرمين عبدالڪريم شيخ جو ڀاءُ

وفات ڪري ويو

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ميونسپل ڪاميٽي ٽنڊو محمد خان جي وائيس چيئرمين عبدالڪريم شيخ جو ڀاءُ عبدالعزيز شيخ ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد وفات ڪري ويو.مرحوم جي جنازي نماز ٽنڊو محمد خان جي درگاهه جمن شاهه قبرستان ۾ ادا ڪئي وئي جنازي نماز ۾ پ پ ايم پي اي سيد اعجاز حسين شاهه بخاري،انڊس ميڊيڪل يونيورسٽي جي چانسلر ڊاڪٽر بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

هالا: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

خيرپور محبت واهه ۾ 8 ورهين

جي ٻار ٻڏي فوت

خيرپور(ڊ ر) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي پرسان تاج پيٽرول پمپ ويجهو محبت واهه ۾ 8 ورهين جي ٻار فرمان ولد پيونٽي جي ٻڏي فوت ٿي ويو ٻار جي واهه ۾ ٻڏڻ جي اطلاع ملندي ئي ريسڪيو 1122 خيرپور جي تربيت يافته غوطه خور ٽيم فوري طور واقعي واري هنڌ پهچي وئي ريسڪيو سرچ آپريشن شروع ڪري ڇڏيو ريسڪيو1122 جي غوطه خور ٽيم لڳاتار هڪ ڪلاڪ تائين سرچ آپريشن جاري رکيو آپريشن بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

قتل ڪيس ۾ ٻن جوابدارن کي ڦاهي ۽ هڪ کي عمر قيد جي سزا

خيرپور عدالت مسمات عزت خاتون قتل ڪيس ۾ جوابدارن کي سزا ٻڌائي

جوابدار وسيف خورڪاٽي ۽ غلام اڪبر کي ڦاهي ۽ شمن کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي وئي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي ڪرمنل ماڊل ٽرائل ڪورٽ قتل ڪيس جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ٻن جوابدارن کي ڦاهي ۽ هڪ جوابدار کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي وڏا ماڃيون ٿاڻي جي حد ۾ 3 سال اڳ مسمات عزت خاتون جي قتل واري ڪيس جي ٻڌائي ڪرمنل ماڊل ٽرائل ڪورٽ ۾ ٿي گذري ڪرمنل ماڊل ٽرائل ڪورٽ جي جج لياقت علي ڪوسو پراسيڪيوشن جا دليل ۽ ثبوت صحيح ثابت ٿيڻ تي جوابدار وسيف عرف واسع خورڪاٽي ۽ غلام اڪبر خورڪاٽي کي ڦاهي جي سزا ٻڌائي ۽ جوابدار شمن علي خورڪاٽي کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي عدالتي حڪم موجب ٻي جوابدار مقتوله جي وارثن کي گڏيل طور 16 لک رپيا معاوضو ادا ڪندا هر هڪ جوابدار تي 2.2 لک رپيا ڏنڊ پڻ لاڳو ڪيو ويو جڏهن ته ڏنڊ ادا نه ڪرڻ جي صورت ۾ کين وڌيڪ ٻن سالن جي قيد ڀوڳڻي پوندي فيصلي کان پوءِ سمورن جوابدارن کي پوليس جي سخت پهري هيٺ سينٽرل جيل خيرپور بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ ڪارڻهن جي تهمت ۽ ڀتو اوڳاڙڻ خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج

معشوق بنگلاڻي نوجوان مٿان ڪارڻهن جي ڪوڙي تهمت مڙهي ڀتو وصول ڪرڻ چاهي ٿو

اڳ اسان جي نوجوان تي تهمت مڙهي ڀتو وصول ڪيو ايس ايس پي ڪارروائي

جيڪب آباد (ڊ ر) مبارڪپور پرسان ڳوٺ محمد سليمان ڀمبل جي رهواسي ڳوٺاڻن پاران ڪارڻهن جي تهمت مڙهي ڀتو اوڳاڙيندڙ معشوق بنگلاڻي جي زيادتين خلاف هٿن ۾ ٻاجهارو کڻي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ ڳوٺاڻا وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيا. ان موقعي تي ڳوٺاڻن خميسو ڀمبل هادي خان سيال خان امام الدين ڀمبل ۽ ٻين دانهيندي چيو ته بدنام ڌوهاري معشوق بنگلاڻي اسان جي نوجوان مٿان ڪارڻهن جي ڪوڙي تهمت مڙهي ڀتو وصول ڪرڻ چاهي ٿو هنن چيو ته گذريل سال به هن اسان جي هڪ نوجوان مٿان اهڙي قسم جي تهمت مڙهي ۽ ان کان 5 لک رپيا ڀتو وصول ڪيو جيڪو هن پيري وري ڀيهر ڀتو اوڳاڙڻ چاهي ٿو هنن چيو ته ڀتو نه ڏيڻ تان هن اسان جو ٻاجهارو ڀڄيو آهي جنهن ڪري اسان جو لکين رپين جو نقصان ٿيو آهي هنن چيو ته معشوق بنگلاڻي ته جو نالي وارو ڌوهاري آهي جيڪو جو رڪارڊ چيڪ ڪيو وڃي ته بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ کجين جي باغن تي خطرناڪ جيتن جو حملو، هزارين ايڪڙ متاثر

کجي جا وڻ، گوشا ۽ ڦوڙا سڪڻ لڳا، پيداوار سخت متاثر ٿيڻ جو خدشو

گهٽ اپت سبب آبادگارن ۽ باغن جي ٺيڪيدارن کي ڪروڙين رپين جي نقصان جو امڪان

هنگورجا (ن ع) خيرپور ضلعي جي مختلف علائقن رسول آباد . هنگورجا احمد پور ٽيوڙهي شادي شهيد فيض گنج . سيدارجا ڪوٽڏيجي سميت مختلف علائقن ۾ هزارين ايڪڙن تي پوکيل کجين جي باغات ۾ مختلف خطرناڪ جيتن جو حملو ٿيو آهي آبادگارن ۽ باغات مالڪن توڙي ٺيڪيدارن موجب جيتن جي حملي سبب کجي جو وڻ هيٺان کان سڪڻ شروع ٿئي ٿو ان جا گوشا ۽ ڦوڙا پڻ سڪي وڃن ٿا جنهن سبب ڪيترن ئي علائقن ۾ کجي سڪڻ لڳي آهي هن وقت کجي جا باغات تيار آهن پر بيماري سبب کجين جي باغات کي ڪاپاري ڌڪ رسڻ جو انديشو ظاهر ڪيو پيو وڃي . جنهن سبب هن پيري آبادگارن توڙي کجين جي ٺيڪيدارن کي ڪروڙين رپيه جو نقصان ڏسڻ جو خدشو بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: جماعت اسلامي پاران تيل جي اگهن ۾ واڌ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

مورو: قاضي ميان احمد قريشي لا ڪاليج جي پهرين انٽرا موٽ ڪورٽ ڪامپيٽيشن پڄاڻي تي پهتي

ٽن ڏينهن واري مقابلي ۾ 23 ٽيمن جي شرڪت، شاگردن قانوني تحقيق ۽ دليل بازي جون صلاحيتون اجاگر ڪيون

موٽ ڪورٽ ڪامپيٽيشن قانون جي شاگردن لاءِ هڪ بهترين عملي مشق آهي: مولا بخش سولنگي

مورو (ن ع) مورو ۾ قاضي ميان احمد قريشي لا ڪاليج جي موٽنگ سوسائٽي جي اهتمام هيٺ ٽن ڏينهن واري پهرين انٽرا موٽ ڪورٽ ڪامپيٽيشن 2026 ڪاميابي سان پنهنجي پڄاڻي تي پهتي مقابلي ۾ لا جي تعليم حاصل ڪندڙ نوجوان شاگردن ۽ شاگرديائين وڏي جوش ۽ جذبي سان حصو ورتو جتي کين عدالت جي عملي ماحول، قانوني تحقيق، دليل بازي ۽ پيشاور وڪالت جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ جو بهترين موقعو فراهم ڪيو ويو مقابلي ۾ مجموعي طور 23 ٽيمن حصو ورتو جن اعليٰ قانوني تحقيق، مضبوط دليلن عدالتي آداب ۽ پيشاور انداز سان پنهنجي قابليت جو شاندار مظاهرو ڪيو فائنل رائونڊ ۾ ايڊووڪيٽ فضيل حيدر چوهاڻ ايڊووڪيٽ اظهر علي ملاح، ايڊووڪيٽ سڪندر علي سومرو ايڊووڪيٽ صفدر علي چارڻ ايڊووڪيٽ خليل احمد قريشي ۽ امام بخش سولنگي (ADPP) ججن جا فرض سرانجام ڏنا ان موقعي تي بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ جيئي سنڌ تحريڪ اڳواڻ تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج

جسٿ جي دادو جي صدر عقيل احمد لنڊ مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن:مظاهرين

اڳواڻن ۽ ڪارڪنن تي سنڌ جي حقن لاءِ آواز اٿارڻ تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا پيا وڃن

سکر(بيورو رپورٽ) جيئي سنڌ تحريڪ ضلع سکر جي طرفان جيئي سنڌ تحريڪ ضلع دادو جي صدر عقيل احمد لنڊ مٿان داخل ڪيل ڪوڙن ڪيسن خلاف سکر پريس ڪلب آڏو علامتي بک هڙتال احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ جيئي سنڌ تحريڪ جي اڳواڻن عبدالقيوم ابڙو غلام علي اعجاز چانڊيو سميت ٻين اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مظاهرين جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر هئا، جن تي "قومي ڪارڪنن تي داخل ڪيل ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن" جا نعرا درج هئا احتجاجي ڌرڻي کي خطاب ڪندي جيئي سنڌ تحريڪ ضلع سکر جي اڳواڻن چيو ته اسان جي قومي ڪارڪنن خلاف رياستي ادارن پاران ڪوڙا ڪيس داخل ڪري اسان کي ديٻاري نٿو سگهجي اسان جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن تي سنڌ جي حقن لاءِ آواز بلند ڪرڻ جي ڏوهه ۾ ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا پيا وڃن جنهن سبب اسان جي قومي ڪارڪنن ۾ سخت ڏک ۽ ڪاوڙ جي بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

هنگورجا: پي اي 30 گمبٽ سوڀوديرو تڪ تي اميدوار نامينيشن فارم جمع ڪرائيندي

ميهڙ ۾ چانڊيا برادري فائرنگ واقعي ۾ اڳڀرائي، قتل ڪيس ۾ 4 جوابدار گرفتار

فريدآباد ٿاڻي جي حد ۾ پراڻي دشمني تان فائرنگ ۾ رياض چانڊيو مارجي ويو هو

ايس ايس پي دادو جي اڳواڻي ۾ پوليس آپريشن، وڌيڪ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا جاري

ميهڙ (ن ع) ميهڙ ۾ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين امر رباب چانڊيو ۽ مرتضي چانڊيو ۾ فائرنگ، نوجوان رياض چانڊيو جي مارجڻ واري واقعي ۾ اهم اڳڀرائي واقعي جو ڪيس داخل پوليس چئن مک جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو وڌيڪ پوليس آپريشن جاري فريدآباد ٿاڻي جي حد ڳوٺ گونگو پير پرسان پراڻي دشمني تان فائرنگ واقعي ۾ رياض چانڊيو مارجي ويو هو واقعي جي اطلاع ملندي ئي فورا پوليس واقعي واري هنڌ پهچي صورتحال کي مڪمل قابو ڪيو ۽ جاچ شروع ڪئي واقعي جي ايف آءِ آر مقتول جي ڀاءُ احسان چانڊيو جي فرياد تي فريدآباد ٿاڻي تي داخل ڪئي وئي جنهن ۾ 10 سڃاتل ۽ ٻن اڻ سڃاتل جوابدارن کي نامزد ڪيو ويو آهي ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) صدام حسين بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ڪي اين شاهه ۾ 60 بسترن تي مشتمل تعلقي اسپتال تعمير لاءِ معاهدي تي صحيحون

پراڻي عمارت ڊاهي جديد سهولتن سان نئين اسپتال تعمير ڪئي ويندي، هزارين رهواسين کي علائقي ۾ معياري علاج جون سهولتون ملنديون

ايم ايس ۽ تعميراتي ڪمپني ۾ معاهدي تي صحيحون، تعمير دوران طبي خدمتون عارضي اسپتال مان جاري رهنديون

صحت واري وزير عذرا پيچوهو ۽ ايم پي اي زبير جوڻيجو پاران منصوبي کي عوام لاءِ اهم قدم قرار

خيرپور ناٿن شاهه (ن ع) خيرپور ناٿن شاهه جي تعلقي هيڊڪوارٽر اسپتال جي پراڻي عمارت ڊاهي ان جي جاءِ تي جديد معيارن موجب 60 بسترن تي مشتمل نئون اسپتال تعمير ڪيو ويندو ان سلسلي ۾ اهم اڳڀرائي ڪندي تعلقي اسپتال جي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر سڪندر علي نائچ ۽ تعميراتي ڪمپني بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: اڳوڻو ضلعي نائب ناظم اسماعيل ڪوسو پريس ڪانفرنس ڪندي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي.